ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
68 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) اربع پهرين جولاءِ 2026 ع 15 محرم الحرام 1448هه صفحا 06 - ملهه 30 وپيه شمارو (315)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

لاهور ۾ ٽيوشن پڙهڻ دوران گهر جي ڇت ڪرڻ سبب ڪيترائي ٻار دٻجي ويا، 14 ڄڻا فوت

ڪاهنا نو جي ڳوٺاڻي علائقي بستي عيد گاهه ۾ ڪنهن هڪ گهر ۾ ٽيوشن سينٽر ڪوليو هو، جتي روزانو لڳ ڀڳ 35 ٻار پڙهڻ لاءِ ايندا هئا. گهر جي ڇت ڌماڪي سبب ڪري پئي

پاڙيسرين فوري طور تي ايمرجنسي سروسز کي فون ڪيو، پوليس ۽ بچاءُ ٽيمون پهچي ويون، مقامي رهواسين به ان ۾ شامل ٿيا. هڪ عورت اسڪول ٽيچر ۽ ڪيترن ئي ٻارن کي تي بچايو ويو

بچاءُ وارن فوري طور تي ٻارن جي وات ۽ نڪ مان مٽي ڪڍي ساهه کڻڻ کي بحال ڪيو ۽ انهن کي اسپتال موڪليو، ٻارن مان ڪيترائي نازڪ حالت ۾ آهن، ڪيترائي زخمي آهن: اسپتال انتظاميا

فوتي ٻارن ۾ عبدالله پٽ مصطفيٰ، عمر 8 سال، سلمان پٽ وسيم، عمر 8 سال، عروج ڌيءُ مصطفيٰ، عمر 9 سال، ماهنور پٽ فاروق، عمر 8 سال، تشبيه ڌيءُ شهزاد، عمر 7 سال، فواد پٽ محمد عابد شامل

ايمان، عمر 11 سال، خديجه، عروج ڌيءُ مرتضيٰ عمر 6 سال، ارتضيٰ عمر 4 سال، رمشا، عمر 6 سال، علي پٽ فرمان، عمر 6 سال، ارحم پٽ حسن علي، عمر 8 سال، دعا ڌيءُ گلفام، عمر 7 سال، عبدالله پٽ اصغر، عمر به فوت

لاهور (م د) لاهور جي علائقي ڪاهنا نو ۾ ٽيوشن پڙهندي گهر جي ڇت ڪرڻ سبب ڪيترائي ٻار دٻجي ويا. 20 ٻارن کي ملبي مان ڪڍيو ويو 14 فوت ٿي ويا. ڇهن جي حالت خطري کان ٻاهر آهي خدشو آهي ته 10 کان 15 وڌيڪ ٻار ملبي ۾ موجود هوندا ايڪسپريس نيوز موجب ڪاهنا نو جي

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

دشت ۾ ماريل واپاري جي ٻارن جي ڪفالت بلوچستان حڪومت ڪندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) بلوچستان جي وڏي وزير سردار سرفراز بگٽي دشت ۾ فوت ٿيل ڪراچي جي واپاري علي مرتضيٰ جي گهر

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

ڪير به پاڪستان جو پاڻي نٿو روڪي سگهي: ڊاڪٽر مصدق ملڪ

اسلام آباد (اي پي پي) موسمياتي تبديلي ۽ ماحولياتي هم آهنگي بابت وفاقي وزير

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف پاپوليشن ويلفيئر جي ميٽنگ جي صدارت ڪندي

اسلام آباد: وفاقي وزير احسن اقبال ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

آبي وسيلن کي هٿيار طور استعمال ڪرڻ عالمي امن لاءِ خطرناڪ رجحان آهي، پاڻي تي ڌاڙو برداشت نه ڪنداسين: بلاول ڀٽو

سنڌ طاس معاهدي جي بحالي ڪانسواءِ پاڪستان ۽ ڀارت وچ ۾ پائيدار امن ممڪن ناهي. آبي حقن کي نقصان پهچائڻ جي هر ڪوشش جو قومي سطح تي جواب ڏنو ويندو

پاڻي صرف جاگرافيائي نه پر خوراڪ، مستقبل ۽ زندگي جو سوال آهي. دنيا کي احساس ٿي چڪو آهي ته پاڻي جا وسيلا عالمي سياست ۽ سلامتي جو مرڪز بڻجي چڪا آهن

جهڙي طرح آبناءِ هرمز جي بندش عالمي معيشت کي متاثر ڪندي آهي، اهڙي طرح سنڌو درياهه جو پاڻي پاڪستان جي زندگي جي ضمانت آهي. ڀارت پنهنجي وعدن جي مڪمل پاسداري نه ڪئي

سنڌ طاس معاهدي تحت پاڪستان جي حصي جي پاڻي جو تحفظ يقيني بنائڻ گهرجي. سنڌو درياهه صرف هڪ درياهه نه پر ڪروڙين شهرين جي زندگي، زراعت ۽ معيشت جو ذريعو آهي

سنڌو، جهلم ۽ چناب جي پاڻي تي پاڪستان جو حق عالمي معاهدي تحت تسليم ٿيل آهي. پاڻي جي معاملي کي صرف فني تڪرار نه پر قومي سلامتي جي مسئلي طور ڏٺو ويندو آهي

ڪروڙين عوام جي پاڻي جي حق جي تحفظ تي سڄي پاڪستاني قوم متحد آهي. پاڻي جو سياسي دٻاءُ سان هٿيار طور استعمال عالمي قانونن ۽ معاهدن جي ابتڙ آهي: پ پ چيئرمين جو عالمي سيمينار ۾ خطاب

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته ساموندي گذرگاهن يا آبي وسيلن کي هٿيار طور استعمال ڪرڻ عالمي امن لاءِ خطرناڪ رجحان آهي سنڌ طاس معاهدي جي بحالي ڪانسواءِ پاڪستان ۽ ڀارت وچ ۾ پائيدار امن ممڪن ناهي پاڪستان جي آبي حقن کي نقصان پهچائڻ جي هر ڪوشش جو قومي سطح تي جواب

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: جي يو آءِ سربراهه مولانا فضل الرحمان پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان ملاقات ڪري رهيو آهي

ڀارت سنڌ طاس معاهدي بابت هڪ طرفي فيصلو نٿو ڪري سگهي: حنا رباني کر

يورپي ملڪن سميت ٻين ملڪن کي ان مسئلي جي حل لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي

آرٽيڪل 12 ۾ واضح آهي ته گڏيل ڌرين سان سنڌ طاس معاهدي ۾ ردوبدل ڪري سگهجي ٿي

اسلام آباد (اي پي پي) اڳوڻي پرڏيهي وزير

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

ڀارت سنڌ طاس معاهدي کي غيرقانوني طور تي معطل ڪري امن کي خطري ۾ وڌو: اسحاق ڊار

ٽرانس باؤنڊري درياهه ملڪن جي وچ ۾ فاصلا وڌائڻ بدران انهن کي هڪ ٻئي جي ويجهو آڻڻ جو ذريعو سمجهڻ گهرجي

پاڪستان انهي جذبي تحت ڀارت سان سنڌ طاس معاهدو ڪيو جيتوڻيڪ ان جي لاءِ پاڪستان کي نمايان رعايتون ڏيڻيون پيون

خيال هو ته اهو معاهدو خطي جي اهم ترين گڏيل وسيلن مان هڪ جي استعمال جي حوالي سان ڊگهي مدي وارو استحڪام فراهم ڪندو

ڀارت سنڌ طاس معاهدي جي خلاف ورزي ڪندي پاڪستان کي مخصوص اولهندي دريائن تي مختلف منصوبا شروع ڪيا: ليفٽيننٽ جنرل عامر رياض

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار چيو آهي ته ڀارت سنڌ طاس معاهدي کي غيرقانوني طور تي معطل ڪري نه رڳو عالمي قانوني نظام کي ڪمزور ڪيو آهي پر خطي کي تڪرار جي خطري ۾ پڻ وجهي ڇڏيو آهي اهڙن خيالن جو اظهار هن اڱاري ڏينهن انسٽيٽيوٽ آف ريجنل اسٽڊيز

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

وسيلن ۽ آبادي ۾ توازن پائيدار ترقي جي ضمانت آهي، وڌندڙ آبادي وڏو چئلينج آهي: وزيراعظم

آباديءَ جي منصوبابندي کي قومي ترقي، معاشي استحڪام ۽ انساني وسيلن جي بهتري سان هم آهنگ ڪرڻ جي ضرورت آهي

قومي سطح تي آباديءَ بابت پاليسي سازي جي لاءِ نيشنل پاپوليشن ڪائونسل جو تنظيمي ڍانچو جلد کان جلد جوڙيو وڃي

قومي پاپوليشن ڪائونسل صوبائي حڪومتن جي تعاون سان قومي سطح تي موثر مهم هلائڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي ته وسيلن ۽ آبادي

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

صدر آصف علي زرداري اوگرا ترميمي آرڊيننس 2026ع تي صحيحون ڪري ڇڏيون

صدر، وزيراعظم جي ايڊوائس تي، اوگرا آرڊيننس 2002ع جي شق 2 ۽ 3 ۾ ترميم بابت هڪ آرڊيننس جاري ڪيو

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري آئل اينڊ گئس ريگيوليٽري اٿارٽي

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

پاڻي پاڪستان جي بقا جو سوال آهي، سنڌ طاس معاهدي جي تحفظ لاءِ هر قدم کنيو ويندو: عطا تارڙ

پاڪستان هر صورت ۾ سنڌ طاس معاهدي جي تقدس جو تحفظ ڪندو. ڪير به ان سلسلي ۾ غلط فهمي ۾ نه رهي

پاڪستان جي تاريخ ۽ سنڌو دريا جي وڏي تاريخ آهي، زراعت قومي معيشت جو بنيادي ٿنڀ ۽ سنڌو دريا ان جي شهه رڳ آهي

پاڪستان هميشه پرامن لاڳاپن، تعميري ڳالهين ۽ معاهدي تي ايمانداري سان عملدرآمد جي عزم جو مظاهرو ڪيو آهي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) سنڌ سماءَ واري وفاقي وزير وزير عطا الله تارڙ چيو آهي ته پاڪستان لاءِ پاڻي رڳو هڪ قدرتي وسيلو نه پر بقا جو معاملو آهي ۽ پاڪستان هر صورت ۾ سنڌ طاس معاهدي جي تقدس جو تحفظ ڪندواسلام آباد ۾ سنڌ طاس معاهدي بابت عالمي سيمينار کي خطاب ڪندي عطا تارڙ چيو ته اڄ رڳو هڪ معاهدي نه پر 24 ڪروڙ پاڪستانين

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

باقر قاليباف جو اياز صادق کي خط، سپريم ليڊر جي تعزيتي تقريب ۾ شرڪت جي دعوت

ٻنهي ملڪن وچ ۾ عزت، وقار ۽ گڏيل سهڪار کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي خواهش ظاهر

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ايران جي

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

ايران جوهري هٿيار نه رکڻ تي راضي آهي: صدر ٽرمپ

آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ قطر ۾ ٿيندڙ اجلاس اهم به ثابت ٿي سگهي ٿو ۽ شايد نه

واشنگٽن (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آمريڪي

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

سينيئر وزير پاران ريڊ لائين بي آر ٽي منصوبي جي ڪم ۾ وڌيڪ تيزي آڻڻ جا حڪم

ريڊ لائين بي آر ٽي ڪراچيءَ جي عوام جي سهولت ۽ شهر جي جديد ٽرانسپورٽ نظام لاءِ هڪ نهايت اهم عوامي ڀلائيءَ وارو منصوبو آهي: شرجيل ميمڻ

ان تي جاري سمورن اڏاوتي ڪمن ۾ وڌيڪ تيزي آندي وڃي ته جيئن منصوبو مقرر مدي اندر مڪمل ٿي سگهي

منصوبي جي تڪميل ۾ رڪاوٽ بڻجندڙ ڪنهن به ٽيڪنيڪي يا انتظامي رڪاوٽ کي فوري طور ختم ڪيو وڃي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ ڪراچيءَ لاءِ انتهائي اهم ريڊ لائين بي آر ٽي منصوبي جي ڪم ۾ وڌيڪ تيزي آڻڻ جا حڪم ڏئي ڇڏيا آهن سنڌ جي سينيئر وزير ۽ صوبائي وزير اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

سنڌ ۾ ڪڻڪ جي ذخيرو اندوزي ۽ منافعي خوري خلاف سخت ڪريڪ ڊائون شروع ڪرڻ جي هدايت

هٽرائو ڪوٽ ۽ مارڪيٽ ۾ ڦيرڦار کي هرگز برداشت نه ڪيو ويندو، چاڪاڻ ته صوبو سال جي باقي حصي لاءِ پنهنجي ڪڻڪ جي ضرورتن جي تياري ڪري رهيو آهي: مراد علي شاهه

سنڌ 26-2025 جي فصل جي سيزن دوران 4.8 ملين ميٽرڪ ٽن ڪڻڪ پيدا ڪئي آجهان ته صوبي جي ساليانو واهپي جي ضرورت 6.53 ميٽرڪ ٽن آهي: مخدوم محبوب

پاڪستان وٽ لڳ ڀڳ 24.39 ايم ايم ٽي نيٽ ڪڻڪ جو بيلنس هو جنهن مان لڳ ڀڳ 12.2 ايم ايم ٽي آبادگارن ۽ گهرن جي قبضي ۾ هجڻ جو امڪان هو

في 40 ڪلوگرام ڪڻڪ جي موجوده قيمت پنجاب ۾ 4,150 رپيا کان 4,350 رپيا، سنڌ ۾ 4,680 رپيا، خيبر پختونخوا ۾ 4,680 رپيا ۽ بلوچستان ۾ 4,600 رپيا رڪارڊ ڪئي وئي.

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه خوراڪ کاتي ۽ ضلعي انتظاميا کي ڪڻڪ جي ذخيرو اندوزي ۽ منافعي خوري خلاف سخت ڪريڪ ڊائون شروع ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي ۽ خبردار ڪيو آهي ته هٽراڙو ڪوٽ ۽ مارڪيٽ ۾ ڦيرڦار کي هرگز برداشت نه

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي صدارت ۾ ڪڻڪ بابت گڏجاڻي ٿي رهي آهي

ڪوئيٽا: فيڊرل ڪانسٽيٽيوشن ڪورٽ جو جج رازي خان وڪيلن جي چانهه پارٽي ۾ خطاب ڪري رهيو آهي

آمريڪا سان عارضي معاهدي تي عملدرآمد بابت قطري ثالثي ڪندڙن سان ڳالهيون ٿينديون: ايران

آبناءِ هرمز ۾ ڪنهن به ٻاهرين مداخلت جي ضرورت ناهي، اهڙي مداخلت صورتحال کي وڌيڪ ڏکيو بڻائيندي

آمريڪا پنهنجي واعدن تي ڪيترو عمل ڪري ٿو، ان جو اندازو مفاهمتي يادداشت جي متن مان لڳايو ويندو

واشنگٽن (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ايراني پرڏيهي وزارت جي ترجمان اسماعيل بقائي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته آبناءِ هرمز ۾ ڪنهن به ٻاهرين مداخلت جي ضرورت ناهي اهڙي مداخلت صورتحال کي وڌيڪ

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

منعم ظفر روزانو ساڳيو پراڻو اسڪرپٽ کڻي ڪئميرائن آڏو اچي ٿو: سعديه جاويد

منعم ظفر اڳ جماعت جي انتظام هيٺ ٽائونز جي ڪارڪردگي جو حساب ڏئي

پنهنجي ناڪامين تي پردو وجهڻ لاءِ پ پ تي الزام هڻڻ سندس سياسي مجبوري آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي ترجمان سعديه جاويد جو جماعت اسلامي جي امير منعم ظفر جي پريس ڪانفرنس تي ردعمل سنڌ حڪومت جي ترجمان سعديه جاويد چيو آهي ته لڳي ٿو جماعت

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

آمريڪي انتظاميا ايران سان ڳالهين بابت ڪانگريس کي اعتماد ۾ وٺڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو

واشنگٽن (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آمريڪي نيوز ويب سائيٽ موجب آمريڪي انتظاميا

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

مفاهمت ٻطرفو معاملو آهي، آمريڪا معاهدي تي عمل ڪندو ته اسان به ذميواريون نڀائينداسين: ايراني صدر

فيصلا عقل، دانائي ۽ انساني وقار کي بنياد بڻائي ڪيا وڃن، عملي قدمن دوران مضبوط، بهادر ۽ بي خوف دفاع ڪيو وڃي

تهران (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ايراني صدر مسعود پزشڪيان چيو آهي ته مفاهمت هڪ ٻطرفو معاملو آهي جيڪڏهن آمريڪا مفاهمتي يادداشت تي عمل ڪندو ته ايران به پنهنجون ذميواريون پوريون ڪندو هن

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

اڪائونٽنٽ جنرل سنڌ جي آفيس ۾ ڪيڪ ڪاٽڻ جي تقريب

اڪائونٽنٽ جنرل سنڌ ٽيم جي محنت جي جذبي کي خراج تحسين پيش ڪيو

ٽيم کي صوبائي مالي ڪلوزنگ جي ڪامياب تڪميل تي مبارڪباد پيش

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اڪائونٽنٽ جنرل سنڌ، ميانداد راهوجو مالي سال 26-2025 جي جون ڪلوزنگ جي ڪاميابي ۽ بهتر

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم پاران لاهور ۾ ٽيوشن سينٽر جي ڇت ڪرڻ سبب قيمتي جانين جي نقصان تي ڏک جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: اڪائونٽنٽ جنرل سنڌ ميانداد راهوجو مالي سال جي ڪلوزنگ جي خوشي ۾ آفيسرن سان گڏ ڪيڪ ڪاٽي رهيو آهي

پاڪستان پنهنجي جائز آبي حصي جو هر قيمت تي تحفظ جاري رکندو: سيد مهر علي شاهه

ڀارت هڪ طرفي طور سنڌ طاس معاهدي کي نه ته معطل ڪري سگهي ٿو ۽ نه ئي ختم ڪري سگهي ٿو

ٻنهي ملڪن وچ ۾ قانوني طور تي پابند عالمي معاهدو آهي، جيڪو خطي ۾ امن، استحڪام جي ضمانت آهي

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان جي انڊس واٽرز ڪمشنر سيد مهر علي شاهه چيو آهي ته ڀارت هڪ طرفي طور سنڌ طاس معاهدي کي نه ته معطل ڪري

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

پرڏيهي سيڪريٽري سفير آمنه بلوچ پاران او پي سي ڊبليو جي وفد جو استقبال

اسلام آباد (اي پي پي) پرڏيهي

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ مبينا مقابلن ۽ فائرنگ جا واقعا، ٽي جوابدار ۽ هڪ شهري فوت

چشمه ڳوٺ ويجهو مبينا پوليس مقابلي دوران سخين نالي هڪ ڦورو مارجي ويو

شاهه لطيف ٽائون ۾ به هڪ مبينا پوليس مقابلي دوران هڪ جوابدار مارجي ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

سنڌ طاس معاهدي جي هڪ طرفي معطلي نه رڳو ان جي روح جي ابتڙ آهي پر سڄي خطي جي امن ۽ استحڪام لاءِ نقصانڪار ثابت ٿي سگهي ٿي: احمد جواد

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان بزنس فورم جي چيف آرگنائيزر احمد جواد چيو

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

عمان کان آيل ساموندي جهاز تي 15 لک رپين جو ڏنڊ

ايف آءِ اي اميگريشن قانونن جي ڀڃڪڙي تي ڏنڊ لاڳو ڪيو

جاچ دوران عملي جي ٽن ميمبرن جي دستاويزن ۾ سنگين بي ضابطگيون سامهون آيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اميگريشن قانونن جي

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

سنڌ ايجوڪيشنل اينڊومينٽ فنڊ ٽرسٽ جي بورڊ آف ٽرسٽيز جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جو اهم اجلاس

فنڊز جي سيڙپڪاري مان منافعو حاصل ڪيو وڃي، پر سمورا قدم قانون، ضابطن، حڪومتي پاليسي، بائي لاز ۽ ضابطن موجب کنيا وڃن: نديم الرحمان ميمڻ

دفتري جو سمورو عمل سيپرا قانون موجب مڪمل ڪيو وڃي، اين آءِ ٽي جاري ڪري شفاف عمل ذريعي گهٽ ۾ گهٽ بولي ڏيندڙ فرم جي چونڊ ڪئي وڃي

ايجوڪيشنل اينڊومينٽ فنڊ جي اسڪالرشپ نظام جي ڊجيٽلائيزيشن لاءِ اسمارٽ پورٽل تي ڪم شروع ڪيو وڃي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سيڪريٽري ڪاليج ايجوڪيشن کاتي نديم الرحمان ميمڻ جي صدارت هيٺ سنڌ ايجوڪيشنل اينڊومينٽ فنڊ ٽرسٽ جي بورڊ آف ٽرسٽيز جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جو اهم اجلاس ٿيو

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: نيشنل لابنگ ڊيليگيشن فار مائنارٽي رائيٽس جو وفد چيئرمين نادرا ليفٽيننٽ جنرل محمد منير افسر سان ملاقات ڪري رهيو آهي ٻئي طرف نادرا چيئرمين وفد جي ميمبرن ڪرشن شرما، جئه پرڪاش موراڻي، پروفيسر ڪلياڻ سنگهه ۽ پشپا ڪماري کي شيلڊ ڏئي رهيو آهي

غير قانوني افغان مهاجرن خلاف جاري مهم ۾ تيزي آندي وڃي: ڊي آءِ جي

اسٽريٽ ڪرائمز ۾ ملوث اشتهاري ۽ فرار جوابدارن کي فوري گرفتار ڪيو وڃي

جعلي يا منسوخ ٿيل سڃاڻپ ڪارڊ رکندڙ ماڻهن کي گرفتار ڪيو وڃي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڊي آءِ جي ايسٽ زون ڊاڪٽر فرخ علي جي صدارت هيٺ هفتيوار جائزه اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

منگهوپير ٽائون جي 4 ارب 12 ڪروڙ 80 لک 92 هزار جي بجيٽ منظور

ترقياتي منصوبن لاءِ 1 ارب 26 ڪروڙ 49 لک 70 هزار 11 رپيا مختص ڪيا ويا

پگهارن، الائونسز ۽ ٻين انتظامي خرچن لاءِ 1 ارب 27 ڪروڙ 11 لک 87 هزار رپيا رکيا ويا

54 ڪروڙ 79 لک 37 هزار 600 رپين جو ڪنٽيجنجنسي فنڊ پڻ مختص ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن منگهوپير مالي سال 2026-27ع لاءِ 4 ارب 12 ڪروڙ 80 لک 92 هزار

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

صوبائي وزير حاجي علي حسن زرداري جو جيل ڪراچي جو دورو

قيدين کي صاف ماحول ۽ معياري طبي سهولتون فراهم ڪيون وڃن: وزير

قيدين جي بهتر تربيت، بحالي ۽ ڀلائي حڪومت جي اولين ۾ شامل آهي.

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير جيل ورڪس ۽ سروسز حاجي علي حسن زرداري سينٽرل جيل ڪراچي جو اوچتو دورو ڪيو

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ عورت سميت 5 ڄڻا فوت

بقائي اسپتال جي ويجهو گهر مان 16 سالن جي ناري زويا جو لاش مليو

ڪم ڪرڻ جي دوران مٿي ۾ وزني شيءِ لڳڻ سبب مزدور اسلم فوت

گلشن اقبال بلاڪ ون جي لڳ روڊ حادثي ۾ 45 سالن جو رمضان ولد شيراز فوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ عورت سميت 5 ڄڻا فوت ٿي ويا. سرجاني

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ زال مڙس ۾ جهيڙو، مڙس قتل، زال جوابدارن سان گڏ هلي وئي

شاهه لطيف ٽائون واري علائقي ۾ مڙس ۽ زال جي وچ ۾ روڊ تي ٿيل جهيڙي دوران فائرنگ جي نتيجي ۾ 38 ورهين جو غلام نالي شخص قتل ٿي ويو

پنهنجي ماءُ ۽ پيءُ سان گڏ موٽر سائيڪل تي وڃي رهيو هئس، ان دوران والدين ۾ ڪنهن ڳالهه تان تڪرار ٿيو: پٽ علي رضا

پيءُ موٽر سائيڪل روڪي ماءُ کي ڇماڙون هنيون، جنهن ڪاڻ ماءُ ڪنهن کي فون ڪيو، ٿوري دير بعد ڪجهه ماڻهو موٽر سائيڪلن تي پهتا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) شاهه لطيف ٽائون ۾ فائرنگ، مڙس قتل، زال جوابدارن سان گڏ هلي وئي، ڪراچي جي شاهه لطيف ٽائون واري علائقي ۾ مڙس ۽ زال جي وچ ۾ روڊ تي ٿيل جهيڙي دوران فائرنگ جي نتيجي ۾ 38 ورهين جو غلام نالي شخص قتل ٿي ويو جڏهن ته مقتول جي زال مبينا طور

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

عوامي شڪايتن جي داخل ڪرڻ واري طريقي ۾ وڌيڪ بهتري لاءِ ڪم جاري آهي: سهيل راجپوت

گيم چينجر ڪمپلينٽ مئنيجمينٽ سسٽم ذريعي داخل ٿيل عوامي شڪايتن جي قدم بقدم ۽ وقت تي مانيٽرنگ ڪئي پئي وڃي

عام تاثر آهي ته اسان ڪجهه طاقتور ڪاتن خلاف ڪارروائي نٿا ڪري سگهون، پر حقيقت ان جي ابتڙ آهي

عوامي آگاهي لاءِ سمورن ضلعن ۾ ماهوار کُلي ڪچهريون، سيمينار سميت مختلف پروگرام پڻ جاري آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي محتسب سنڌ پاران ايمبيسڊر پروگرام تحت ضياءُ الدين يونيورسٽي جي ڏهه چونڊيل شاگردن پاران ايمبيسڊر پروگرام ڪاميابي سان مڪمل ڪرڻ تي تعريفي سندون ورهائڻ واري تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ صوبائي محتسب سنڌ محمد سهيل

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

گهرو وزير بوٽ بيسن ۾ ڦر دوران 5 ڄڻن جي زخمي ٿيڻ جو نوٽيس ورتو

سي سي ٽي وي فوٽيج ۽ ڊجيٽل ثبوتن جي مدد سان جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي

زخمين کي هر ممڪن طبي سهولتون فراهم ڪيون وڃن: ضياءُ الحسن لنجار

ڪراچي (بيورو رپورٽ)سنڌ جي گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار بوٽ بيسن ۾ ڊي ايل برانچ ويجهو مبينا ڦر دوران فائرنگ ۾ پنجن ڄڻن جي زخمي ٿيڻ واري واقعي جو نوٽيس وٺي ڇڏيو آهي گهرو وزير سنڌ ايس ايس پي ڏکڻ کان واقعي بابت فوري ۽ تفصيلي رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

سرگوڌا: هڪ پورهيت لسي وڪرو ڪري رهيو آهي

ڪلفٽن ۾ مبينا ڦر دوران فائرنگ، پنج ڄڻا زخمي، جناح اسپتال منتقل

زخمين جي سڃاڻپ حافظ علي حيدر، سمامه، مبشر، حافظ محمد طلحه ۽ حافظ محسن رضا طور ٿي

سڀئي زخمي پنجاب جي شهر گوجرانوالا سان تعلق رکن ٿا ۽ فيضانِ مديني، پراڻي سبزي منڊي واري قافلي سان گڏ ڪراچي آيا هئا

دو تلوار ويجهو هٿياربندن کين روڪڻ جي ڪوشش ڪئي، رڪشي ڊرائيور نه بيهڻ تي جوابدارن فائرنگ ڪري ڏني

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪلفٽن ۾ مبينا ڦر دوران فائرنگ، پنج ڄڻا زخمي، ڪراچي جي علائقي ڪلفٽن ۾ لائسنس آفيس ويجهو مبينا ڦر دوران مزاحمت تي هٿياربندن جي فائرنگ ۾ پنج ڄڻا زخمي ٿي پيا، جن کي

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

ملير ۾ 4 غير قانوني افغان شهري گرفتار

تحويل ۾ ورتل شهرين ۾ ولي محمد، عبدالباري، عبدالمالڪ ۽ عبدالغفار شامل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ضلعي ملير ۾ غير قانوني طور رهندڙ پرڏيهي شهرين خلاف ڪريڪ ڊائون وڌيڪ تيز ڪيو ويو آهي ان

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

منتقل ڪيل 19 نيب ريفرنس ٻيهر نيب ڪورٽ ڏانهن موڪليا وڃن: عدالت

جوابدار طرفان ذاتي مالي فائدو حاصل نه ڪرڻ، ريفرنس منتقل ڪرڻ جو بنياد نٿو بڻجي سگهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ نيب ڪيسن جي منتقلي خلاف داخل ڪيل نيب جون اپيلون منظور ڪندي اهم فيصلو

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

جولاءِ جي پهرئين هفتي دوران مون سون برساتن بابت الرٽ جاري

3 ۽ 4 جولاءِ تي سکر، لاڙڪاڻو، دادو، جيڪب آباد، شهيد بينظير آباد ۾ برسات

خيرپور، قمبر شهدادڪوٽ ۽ نوشهروفيروز ضلعن ۾ برسات جو امڪان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پي ڊي ايم اي سنڌ جولاءِ جي پهرئين هفتي دوران مون سون برساتن بابت الرٽ جاري ڪري ڇڏيو

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

عمرڪوٽ: اسڪول جي عمارت جي ڇت ڪرڻ سبب فوت ٿي ويل معصوم ٻارڙن جا لاش ۽ نقصان جو سبب بڻيل ديوار

اسلام آباد: وفاقي وزير رانا تنوير آن لائن اجلاس ۾ شريڪ آهي

جماعت اسلامي پاران ڪراچي ۾ بلدياتي ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جو مطالبو

وفاق، سنڌ حڪومت ۽ ڪي ايم سي جي بجيٽن ۾ صرف لفظن جو هيراڦيري آهي: اڳواڻ

60 ارب رپين جو بجيٽ ڪراچي شهر جي ضرورتن جي مقابلي ۾ انتهائي گهٽ آهي

ڪراچي لاءِ 720 ارب رپين جا ترقياتي فنڊ رکيا وڃن ٿا، پر شهر ۾ انهن جا اثر نظر نٿا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جماعت اسلامي جو ڪي ايم سي بجيٽ، ترقياتي منصوبن ۽ شهر جي بنيادي سهولتن تي سخت تنقيد، بلدياتي ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جو مطالبو ڪراچي ۾ جماعت اسلامي ڪراچي جي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

عمرڪوٽ: سرڪاري اسڪول جي زبون حال ديوار اوچتو ڪرڻ سبب هڪ گهر جون ٽي ننڍڙيون دٻجي فوت

ڳوٺ ڳموري جي ڪوري پاڙي ۾ واقعي سبب صغرا ڌيءُ ابوبڪر ڪوري، 4 ورهين جي رابعه ڌيءُ فاروق ۽ 3 ورهين جي ڪنيزا فوت ٿي ويون

علائقي واسين فوري طور تي ٻارڙين کي اسپتال منتقل ڪيو، ضروري ڪارروائي بعد مڙهه وارثن جي حوالي، گهر ۾ روڄ راڙو

تعليم کاتي 14 لک رپيا منظور ڪري ٽي مهينا اڳ مرمتي ڪم ٺيڪ ڪيو پر هن ڪريل ديوار کي ڊاهي ٻيهر نه ٺاهيو ويو: ڳوٺاڻا

سنڌ جي وڏي وزير ۽ تعليم واري وزير واقعي جو نوٽيس وٺندي لاڳاپيل اختيارين کان تفصيلي رپورٽ طلب ڪري جاچ ڪرائڻ جا حڪم جاري ڪري ڇڏيا

عمرڪوٽ (رپورٽ قاضي يوسف) عمرڪوٽ لڳ ڳوٺ ڳموري جي ڪوري پاڙي ۾ دل ڏاريندڙ واقعي ۾ سرڪاري اسڪول جي زبون حال ديوار اوچتو ڪرڻ سبب مدرسي مان گهر ويندڙ هڪ ئي گهر جون ٽي

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

بقايا 1 روزاني عبرت

پهچي وارثن سان تعزيت ڪئي، فاتحه خواني ڪئي ۽ مرحوم جي ڌيئرن جي مڪمل ڪفالت جي ذميواري بلوچستان حڪومت طرفان کڻڻ جو اعلان ڪيو ميڊيا سان ڳالهائيندي سردار سرفراز بگٽي چيو ته ماڻهن جي جان ۽ مال جو تحفظ حڪومت جي بنيادي ذميواري آهي ۽ حڪومت ان ذميواري کان مڪمل طور آگاهه آهي هن چيو ته دهشتگرد تنظيمون پنهنجي آخري مرحلي ۾ آهن دشمن جيڪڏهن سامهون هجي ته ان سان مقابلو ڪرڻ وڌيڪ آسان هوندو آهي وڏي وزير چيو ته سوشل ميڊيا تي هن واقعي کي غلط رنگ ڏئي پيش ڪيو پيو وڃي، تنهنڪري ڪوڙي پروپيگنڊا بدران حقيقتن کي سامهون آڻڻ گهرجي هن وڌيڪ چيو ته بلوچستان جي شاهراهن تي روزانو هزارين ڪلوميٽر سفر ڪندڙ ماڻهو محفوظ نموني اچ وڃ ڪن ٿا. سردار سرفراز بگٽي اعلان ڪيو ته مرحوم علي مرتضيٰ جي ڌيئرن جي تعليم، پرورش ۽ ڪفالت جي سموري ذميواري هاڻي بلوچستان حڪومت کڻندي

بقايا 2 روزاني عبرت

ڏنو ويندو اهڙن خيالن جو اظهار هن اڱاري ڏينهن سنڌ طاس معاهدي بابت عالمي سيمينار کي خطاب ڪندي ڪيو هن چيو ته پاڻي صرف جاگرافيائي نه پر خوراڪ، مستقبل ۽ زندگي جو سوال آهي دنيا کي احساس ٿي چڪو آهي ته پاڻي جا وسيلا عالمي سياست ۽ سلامتي جو مرڪز بڻجي چڪا آهن هن چيو ته جهڙي طرح آبناءِ هرمز جي بندش عالمي معيشت کي متاثر ڪندي آهي اهڙي طرح سنڌو درياهه جو پاڻي پاڪستان جي زندگي جي ضمانت آهي سامونڊي گذرگاهن يا آبي وسيلن کي هٿيار طور استعمال ڪرڻ عالمي امن لاءِ خطرناڪ رجحان آهي سنڌ طاس معاهدي جي بحالي ڪانسواءِ پاڪستان ۽ ڀارت وچ ۾ پائيدار امن ممڪن ناهي هن چيو ته پاڪستان جنگبندي جي شرطن تي عمل ڪيو جڏهن ته ڀارت پنهنجي وعدن جي مڪمل پاسداري نه ڪئي سنڌ طاس معاهدي تحت پاڪستان جي حصي جي پاڻي جو تحفظ يقيني بڻائڻ گهرجي، سنڌو درياهه صرف هڪ درياهه نه پر ڪروڙين شهرين جي زندگي، زراعت ۽ معيشت جو ذريعو آهي بلاول ڀٽو چيو ته سنڌو، جهلم ۽ چناب جي پاڻي تي پاڪستان جو حق عالمي معاهدي تحت تسليم ٿيل آهي، پاڻي جي معاملي کي صرف فني تڪرار نه پر قومي سلامتي جي مسئلي طور ڏٺو ويندو آهي پاڪستان جي آبي حقن کي نقصان پهچائڻ جي هر ڪوشش جو قومي سطح تي جواب ڏنو ويندو هن چيو ته پاڪستان امن جو خواهشمند آهي پر پنهنجي عوام جي بنيادي حقن ۽ آبي مفادن تي ڪو به سمجهوتو نه ڪندو ڪروڙين عوام جي پاڻي جي حق جي تحفظ تي سڄي پاڪستاني قوم متحد آهي پاڻي جو سياسي دٻاءُ سان هٿيار طور استعمال عالمي قانونن ۽ معاهدن جي ابتڙ آهي

بقايا 3 روزاني عبرت

پاران اطلاعات ۽ نشريات واري وزارت جي سهڪار سان منعقد عالمي سيمينار "سنڌ طاس معاهدو: امن ۽ علائقائي استحڪام جو هڪ ذريعو" جي پڄاڻي واري ويهڪ کي خطاب ڪندي ڪيو هن چيو ته ٽرانس باؤنڊري درياهه ملڪن جي وچ ۾ فاصلا وڌائڻ بدران انهن کي هڪ ٻئي جي ويجهو آڻڻ جو ذريعو سمجهڻ گهرجي، پاڪستان انهي جذبي تحت ڀارت سان سنڌ طاس معاهدو ڪيو جيتوڻيڪ ان جي لاءِ پاڪستان کي نمايان رعايتون ڏيڻيون پيون هن چيو ته اسلام آباد جو خيال هو ته اهو معاهدو خطي جي اهم ترين گڏيل وسيلن مان هڪ جي استعمال جي حوالي سان ڏگهي مدي وارو استحڪام فراهم ڪندو هن ڀارت پاران معاهدي کي معطل رکڻ جي اعلان ۽ معاهدي موجب گڏيل پاڻي وسيلن تي پاڪستان سان تعاون کان انڪار تي شديد ڳڻتي جو اظهار ڪيو هن چيو ته معاهدن جو تقدس انهن بنيادي اصولن ۾ شامل آهي جن تي قومن جي وچ ۾ پرامن لاڳاپا قائم ٿين ٿا هن عالمي برادري تي زور ڏنو ته اها پاڻي کي بطور هٿيار استعمال ڪرڻ جي اجازت نه ڏي سيمينار جي افتتاحي ويهڪ کي خطاب ڪندي اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ چيو ته سنڌ طاس معاهدي جي حوالي سان ڀارت جي هٺ ڌرمي نه رڳو عالمي قانوني نظام جي تقدس کي ڪمزور ڪري رهي آهي پر عالمي امن ۽ نظم ۽ ضبط جي لاءِ پڻ نقصانڪار آهي وفاقي وزير چيو ته سنڌو درياهه پاڪستان جي تهذيب جو بنياد آهي ۽ ان جي سڄائي جو حصو آهي هن چيو ته پاڪستانين کي سنڌو درياءَ جي پاڻين تي فتح نه ٿيڻ جوڳو حق حاصل آهي هن چيو ته ڀارت پاران معاهدي کي غيرقانوني طور تي معطل ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڀارت جي لاءِ عالمي سطح تي شرمندگي جو سبب بڻي آهي هن چيو ته ان قدم جا اخلاقي، سماجي ۽ قانوني بنياد انتهائي ڪمزور آهن هن عالمي برادري تي زور ڏنو ته اها خاص طور تي عالمي موسمياتي بحران جي ڏس ۾ معاهدي جي حيثيت تبديل ڪرڻ جي ڀارتي غيرقانوني ڪوشش جو نوٽيس وٺي پاڪستان پيپلزپارٽي جي چيئرمين ۽ اڳوڻي پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته جيڪڏهن آبنائي هرمز جي بندش سان امن جو تصور ممڪن نه آهي ته دنيا اهو ڪيئن اميد ڪري سگهي ٿي ته سنڌ طاس معاهدي جي معطلي جي باوجود خطي ۾ امن ۽ استحڪام برقرار رهندو بلاول ڀٽو زرداري چيو ته ڀارت پاڪستان جي شهه رڳ کي نشانو بڻائي پاڻي کي بطور هٿيار استعمال ڪيو آهي هن مطالبو ڪيو ته سنڌ طاس معاهدي جي خلاف ورزي ۾ ڀارت جي هر قدم کي پاڪستان جي خلاف جنگي قدم تصور ڪيو وڃي هن عالمي برادري تي زور ڏنو ته اها معاهدي جي خلاف ڀارت جي غيرقانوني قدمن کي چيلينج ڪرڻ ۾ پاڪستان جي حمايت ڪري ته جيئن خطي ۾ چڪتاءُ وڌڻ ۽ ان کي هڪ اسٽريٽجڪ تباهي جي طرف وڃڻ کان روڪي سگهجي. هن پاڻي سميت عالمي گڏيل وسيلن کي بطور هٿيار استعمال ڪرڻ جي خلاف هڪ عالمي ڪنوينشن جو پڻ مطالبو ڪيو ان موقعي تي موسمياتي تبديلي ماحولياتي رابطن واري وفاقي وزير ڊاڪٽر مصدق مسعود ملڪ چيو ته سنڌ طاس معاهدي جي خلاف ڀارت جا غيرقانوني قدم پاڪستان ۾ موسمياتي بحران کي وڌيڪ سنگين بڻائي رهيا آهن هن چيو ته اهو نه رڳو موسمياتي بحران آهي ۽ نه ئي رڳو پاڻي جو بحران آهي پر اهو انصاف جو بحران آهي هن چيو ته دنيا جي مضبوط ترين معاهدن مان هڪ جي خلاف ورزي ڪري ڀارت عالمي قانوني نظام جي بنيادن کي لوڏي ڇڏيو آهي سندس چوڻ هو ته ڀارتي قدم سڄي دنيا جي ڪنارن هيٺ وارن ملڪن جي حقن جي نئين تشريح ڪري رهيا آهن جنهن جي عالمي نتيجن جي حوالي سان عالمي برادري کي آگاهي هجڻ گهرجي دفاع واري اڳوڻي وزير انجنيئر خرم دستگير خان معاهدي جي معطلي ڪانپوءِ ڀارت پاران ڪيل سمورن غيرقانوني قدمن جو ذڪر ڪيو جن ۾ بگهليهار ۽ سلال ڊيمن جا گيٽ بند ڪرڻ ۽ سنڌ طاس معاهدي تحت دريائن تي پاڻي منصوبن جي تيز رفتار تڪميل شامل آهي پرڏيهي معاملن واري اڳوڻي مملڪتي وزير حنا رباني کر چيو ته سنڌ طاس معاهدي ۾ ڪنهن به تبديلي جو واضح طريقيڪار موجود آهي هن چيو ته عالمي غيريقيني صورتحال جي ڪري ڀارت هڪ عالمي طور تي پابند معاهدي جي حوالي سان پنهنجي غيرقانوني قدم کان بچي نڪرڻ ۾ ڪامياب رهيو قانون ۽ انصاف واري اڳوڻي نگران وزير احمد بلال صوفي چيو ته عالمي قانون تحت سرحدي پاڻي وسيلا عالمي گڏيل اثاثو آهن ۽ ڪو به ملڪ پنهنجي حدن سان گذرندڙ پاڻي تي ملڪيت جي دعويٰ نه ٿو ڪري سگهي هن چيو ته ڀارت پاران معاهدي کي معطل ڪرڻ حقيقت ۾ معاهدي جي خلاف ورزي جو اعتراف آهي جنهن سان پاڪستان کي قانوني طور تي قدمن جي ذريعي جواب ڏيڻ جو حق حاصل ٿي وڃي ٿو نيشنل ڊفينس يونيورسٽي جي اڳوڻي صدر ليفٽيننٽ جنرل (ر) عامر رياض چيو ته ڀارت سنڌ طاس معاهدي جي خلاف ورزي ڪندي پاڪستان کي مختص اولهندي دريائن تي مختلف منصوبا شروع ڪيا جيڪي ان ڳالهه جو ثبوت آهن ته نئين دهلي جا ارادا معاهدي جي معطلي کان اڳ ئي پاڻي کي پاڪستان جي خلاف بطور هٿيار استعمال ڪرڻ جا هئا. پاڪستان جي انڊس واٽر ڪمشنر سيد مهر علي شاهه چيو ته ڀارتي قدم پاڻ معاهدي جي آرٽيڪل – 11 ۾ فراهم ڪيل تڪرارن جي حل جي طريقيڪار جي خلاف آهن هن معاهدي تحت ڀارت پاران پاڻي انگن اکرن جي فراهمي معطل ڪرڻ تي افسوس جو اظهار ڪيو يونيورسٽي آف ورلڊ سولائيزيشنز ماسڪو جي سائنٽفڪ سينٽر فار انٽرنيشنل اينڊ اسٽريٽجڪ اسٽڊيز جي سربراهه ڊاڪٽر روڪسلانا ژيگون چيو ته سنڌ طاس معاهدو پنهنجي پائيداري جي ڪري عالمي سطح تي وسيع پيماني تي ساراهيو وڃي ٿو هن ڀارتي قدمن ڪانپوءِ پاڪستاني پاليسي سازن جي ذميوارانه رويي کي ساراهيو خاص طور تي ان ڏس ۾ ته جڏهن ڀارتي اعليٰ عملدارن پاران اشتعال انگيز بيان سامهون آيا. آمريڪا سان تعلق رکندڙ ليکڪ ۽ عالمي پاليسي ماهر لوري واٽڪنز چيو ته ڀارت پاران پاڻي انگ اکر روڪڻ ۽ دريائن جي غيرمعمولي وهڪري بابت پاڪستان جي لکت وارن خطن جو جواب نه ڏيڻ عالمي قانون جي اصولن جي خلاف ورزي آهي بيجنگ ۾ سينٽر فار چائنا اينڊ گلوبلائيزيشن جي نائب صدر پروفيسر وڪٽر گائو سنڌ طاس معاهدي جي ڀارتي معطلي کي انسانيت جي خلاف ڏوهه قرار ڏنو هن چيو ته ڀارت هڪ وچولي وهڪري وارو ملڪ آهي ڇو ته جيڪڏهن هو پاڪستان جي لاءِ مٿانهين واري ڪناري وارو ملڪ آهي پر چين جي لاءِ هيٺانهين واري ڪناري وارو ملڪ آهي هن چيو ته ڀارت پاران پاڻي کي بطور هٿيار استعمال ڪندي پاڪستان تي دٻاءُ وجهڻ جي ڀارتي ڪوشش کي چين روڪي سگهي ٿو پنهنجي پڄاڻي وارن جملن ۾ آءِ آر ايس جي صدر جوهر سليم چيو ته پائيدار امن رڳو عالمي قانون جي احترام، عالمي واعدن جي پاسداري ۽ انهن ادارن جي قدر جي ذريعي ٿي ممڪن آهي جيڪي ملڪن کي پنهنجا اختلاف پرامن طريقي سان حل ڪرڻ ۾ مدد ڏين ٿا هن چيو ته پائيدار پاڻي تحفظ رڳو دستياب پاڻي جي مقدار تي نه پر خاطري، شفافيت ۽ تعاون تي پڻ دارومدار آهي، تنهن ڪري اڳتي وڌڻ جو واحد رستو سنڌ طاس معاهدي تي ان جي روح ۽ متن ٻنهي موجب مڪمل عملدرآمد آهي

بقايا 4 روزاني عبرت

ڪرائڻ شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ ريڊ لائين بي آر ٽي منصوبي جي اڳڀرائي جو جائزو وٺڻ لاءِ هڪ اهم اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ منصوبي تي جاري اڏاوتي ڪم، مختلف مرحلن ۾ ٿيندڙ اڳڀرائي، درپيش ٽيڪنيڪي ۽ انتظامي چئلينجن ۽ ايندڙ لائحه عمل تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي اجلاس ۾ سيڪريٽري ٽرانسپورٽ اسد ضامن سي اي او ٽرانس ڪراچي زبير چنا، منصوبي جا صلاحڪار انجنيئر ۽ ٻيا لاڳاپيل عملدار شريڪ ٿيا اجلاس دوران لاڳاپيل عملدارن سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ کي منصوبي جي مجموعي اڳڀرائي، مختلف اڏاوتي پيڪيجز يوٽيلٽي شفٽنگ، بي آر ٽي اسٽيشنن جي اڏاوت، ڊيپو انفراسٽرڪچر ۽ ٻين اهم معاملن تي تفصيلي بريفنگ ڏني ان موقعي تي منصوبي جي مختلف حصن تي جاري ڪم جي رفتار مقرر ڪيل هدفن، ٽائيم لائين ۽ مستقبل جي مرحلن کان به آگاهه ڪيو ويو اجلاس ۾ ڳالهائيندي سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ريڊ لائين بي آر ٽي ڪراچيءَ جي عوام جي سهولت ۽ شهر جي جديد ٽرانسپورٽ نظام لاءِ هڪ نهايت اهم عوامي ڀلائيءَ وارو منصوبو آهي، تنهن ڪري ان تي جاري سمورن اڏاوتي ڪمن ۾ وڌيڪ تيزي آندي وڃي ته جيئن منصوبو مقرر مدي اندر مڪمل ٿي سگهي هن هدايت ڪئي ته هر مرحلي کي طئي ٿيل شيڊول ۽ مقرر ٽائيم لائين موجب مڪمل ڪرڻ لاءِ موثر ۽ عملي قدم کنيا وڃن شرجيل انعام ميمڻ ان ڳالهه تي به زور ڏنو ته منصوبي جي تڪميل ۾ رڪاوٽ بڻجندڙ ڪنهن به ٽيڪنيڪي يا انتظامي رڪاوٽ کي فوري طور ختم ڪيو وڃي ۽ ان مقصد لاءِ سمورن لاڳاپيل ادارن وچ ۾ موثر رابطي بهتر ڪوآرڊينيشن ۽ باهمي سهڪار کي وڌيڪ مضبوط بڻايو وڃي هن هدايت ڪئي ته ريڊ لائين بي آر ٽي منصوبي کي اعليٰ معيار شفافيت ۽ مقرر هدفن موجب مڪمل ڪرڻ لاءِ سمورا وسيلا ڪم آندا وڃن ته جيئن ڪراچيءَ جي شهرين کي جلد کان جلد جديد، محفوظ ۽ معياري سفري سهولتون فراهم ڪري سگهجن

بقايا 5 روزاني عبرت

مجلس شوراءِ اسلامي جي اسپيڪر محمد باقر قاليباف، پاڪستان جي قومي اسيمبلي جي اسپيڪر اياز صادق کي شهيد سپريم ليڊر آيت الله علي خامنه اي جي تعزيتي تقريب ۾ شرڪت جي دعوت ڏني آهي محمد باقر قاليباف، اياز صادق جي نالي خط لکي کيس ايران ۾ ٿيندڙ آيت الله علي خامنه اي جي تعزيتي تقريب ۾ شرڪت جي دعوت ڏني شهيد سپريم ليڊر آيت الله علي خامنه اي جي تعزيتي تقريب 3 جولاءِ 2026ع تي تهران ۾ ڪوٺائي ويندي قومي اسيمبلي سيڪريٽريٽ جي جاري ڪيل پڌرائي موجب ايراني اسپيڪر پاڪستان جي عوام، اسپيڪر اياز صادق ۽ قومي اسيمبلي جي ميمبرن لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيس جڏهن ته پاڪستان ۽ ايران وچ ۾ اسٽريٽجڪ ڀائيواري ۽ پائيدار لاڳاپن کي به ساراهيو پڌرائي موجب محمد باقر قاليباف، آيت الله علي خامنه اي جي شهادت تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي ٻنهي ملڪن وچ ۾ عزت، وقار ۽ گڏيل سهڪار کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي خواهش ظاهر ڪئي

بقايا 6 روزاني عبرت

صدر ڊونلڊ ٽرمپ اوول آفيس ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ قطر ۾ ٿيندڙ اجلاس اهم به ثابت ٿي سگهي ٿو ۽ شايد نه به، هن دعويٰ ڪئي ته ايران جوهري هٿيار نه رکڻ تي راضي آهي، جڏهن ته عالمي سطح تي پيٽروليم شين جون قيمتون به گهٽجي رهيون آهن ٽرمپ وڌيڪ چيو ته خام تيل جو هاڻوڪو اگهه ايران سان تڪرار کان اڳ واري سطح کان به گهٽ آهي

بقايا 7 روزاني عبرت

ڏکيو بڻائيندي هن چيو ته آمريڪا سان ٿيل عارضي معاهدي تي عملدرآمد بابت قطري ثالثن سان ڳالهيون ڪيون وينديون جڏهن ته معاهدي ۾ شامل ايران جا منجمد اثاثا واپس ڪرائڻ بابت به بحث ٿيندو هن وڌيڪ چيو ته قطر جي گادي واري شهر دوحا ۾ قطري ثالثن سان ڳالهين جو امڪان آهي اسماعيل بقائي جو چوڻ هو ته لبنان بابت ايران جو موقف مڪمل طور واضح آهي جڏهن ته آمريڪا پنهنجي واعدن تي ڪيترو عمل ڪري ٿو ان جو اندازو مفاهمتي يادداشت جي متن مان لڳايو ويندو

بقايا 8 روزاني عبرت

آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ٿيندڙ ڳالهين بابت آمريڪي ڪانگريس کي اعتماد ۾ وٺڻ جو فيصلو ڪيو آهي ويب سائيٽ موجب اعليٰ عملدار ايران سان ٿيل معاهدي ۽ تازين اڳڀرائين بابت اڄ باضابطه بريفنگ ڏيندا. مفاهمتي يادداشت تي صحيحن ڪانپوءِ پهريون ڀيرو آمريڪي انتظاميا وڏي پيماني تي قانونسازن کي اعتماد ۾ وٺي رهي آهي ويب سائيٽ جو چوڻ آهي ته ان بريفنگ جو مقصد ملڪ اندر سياسي دٻاءُ گهٽائڻ ۽ آمريڪي پرڏيهي پاليسي بابت گڏيل حڪمت عملي جوڙڻ آهي

بقايا 9 روزاني عبرت

اسلامي اهو طئي ڪري ڇڏيو آهي ته هر روز صبح 11 وڳي ڪراچي جي عوام جو وقت ضايع ڪري ڪوڙ گمراهه ڪندڙ بيانين ۽ بي بنياد الزامن جي نئين قسط پيش ڪئي وڃي هن چيو ته منعم ظفر روزانو ساڳيو پراڻو اسڪرپٽ کڻي ڪئميرائن آڏو اچي ٿو پر ڪوڙ کي بار بار ورجائڻ سان اهو سچ نٿو بڻجي سعديه جاويد چيو ته جيڪڏهن ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن ۾ مخالف ڌر جي آواز کي دٻايو پئي وڃي ها ته ايڊووڪيٽ سيف الدين سميت ٻين مخالف ڌر جي ميمبرن کي تقريرون ڪرڻ جو موقعو ڪيئن ملي ها؟ عوام کي گمراهه ڪرڻ بدران حقيقتن کي قبول ڪيو وڃي هن چيو ته منعم ظفر ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن تي تنقيد ڪرڻ کان اڳ پنهنجي جماعت جي انتظام هيٺ هلندڙ نون ٽائونز جي ڪارڪردگي جو حساب ڏئي، انهن ٽائونز جا رهواسي اڄ ساڻس سوال ڪري رهيا آهن احتجاج ڪري رهيا آهن ۽ هو اتي وڃي عوام کي منهن ڏيڻ جي به همت نٿو رکي پنهنجي ناڪامين تي پردو وجهڻ لاءِ مسلسل پاڪستان پيپلز پارٽي تي الزام هڻڻ سندس سياسي مجبوري بڻجي چڪي آهي ترجمان سنڌ حڪومت چيو ته خدا جي واسطي پنهنجو اسپيچ رائيٽر تبديل ڪريو ڪراچي جا شهري ٻن سالن کان ساڳيا الزام، ساڳيو پراڻو بيانيون ۽ ساڳيون ورجايون دعوائون ٻڌي ٿڪجي پيا آهن

بقايا 10 روزاني عبرت

ايڪس تي جاري ڪيل بيان ۾ چيو ته بي بنياد ڌمڪين ۽ غير مناسب دعوائن جي مقابلي ۾ ايران جو موقف واضح آهي ايراني صدر موجب فيصلا عقل، دانائي ۽ انساني وقار کي بنياد بڻائي ڪيا وڃن جڏهن ته عملي قدمن دوران مضبوط، بهادر ۽ بي خوف دفاع ڪيو وڃي

بقايا 11 روزاني عبرت

شهباز شريف لاهور جي علائقي ڪاهنه ۾ ٽيوشن سينٽر جي ڇت ڪري پوڻ سبب قيمتي جانين جي نقصان تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي اڱاري ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم حادثي ۾ ٻارن جي فوت ٿيڻ تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي پونيئرن سان دلي همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪيو ۽ فوت ٿيندڙن جي درجن جي بلنديءَ لاءِ دعا ڪئي وزيراعظم حادثي ۾ زخمي ٿيندڙن جي جلد صحتيابي لاءِ پڻ دعا ڪئي ۽ انهن کي هر ممڪن طبي امداد فراهم ڪرڻ جي هدايت ڪئي

بقايا 12 روزاني عبرت

نموني سان مڪمل ڪرڻ تي چيڪ سيڪشن جي آفيسرن ۽ عملي جي ڪارڪردگي کي ساراهيو ان موقعي تي خطاب ڪندي اڪائونٽنٽ جنرل سنڌ ٽيم جي محنت، پيشهورانه صلاحيتن ۽ ذميواري جي جذبي کي خراج تحسين پيش ڪيو هن چيو ته محدود وقت اندر وڏي ڪم جي بار کي مؤثر نموني سان سنڀاليندي سرڪاري ادائيگين ۽ مالي معاملن جي بنا ڪنهن رنڊڪ جي انجام ڏهي يقيني بڻائڻ قابل تعريف آهي عملي جي محنت جي اعتراف طور اڪائونٽنٽ جنرل سنڌ جي آفيس ۾ ڪيڪ ڪاٽڻ جي تقريب پڻ منعقد ڪئي وئي تقريب ۾ آفيس جي آفيسرن ۽ ملازمن شرڪت ڪئي ۽ چيڪ سيڪشن جي ٽيم کي صوبائي مالي ڪلوزنگ جي ڪامياب تڪميل تي مبارڪباد پيش ڪئي اڪائونٽنٽ جنرل سنڌ مؤثر مالي انتظام، شفافيت ۽ بهتر عوامي خدمت جي فراهمي لاءِ پنهنجي عزم کي ٻيهر ورجايو

بقايا 13 روزاني عبرت

جوابدارن سان گڏ واقعي واري هنڌ تان هلي وئي. ايس ايڇ او ممتاز سروٽ موجب واقعو سيڪٽر 17-اي ۾ پيش آيو زخمي غلام کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ جناح اسپتال منتقل ڪيو پئي ويو پر هو رستي ۾ ئي زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو پوليس موجب مقتول جي 9 ورهين جي پٽ علي رضا پنهنجي شروعاتي بيان ۾ ٻڌايو ته هو پنهنجي ماءُ ۽ پيءُ سان گڏ موٽر سائيڪل تي وڃي رهيو هو ان دوران والدين ۾ ڪنهن ڳالهه تان تڪرار ٿيو سندس چوڻ موجب پيءُ موٽر سائيڪل روڪي ماءُ کي چماٽون هنيون جنهن ڪانپوءِ ماءُ ڪنهن کي فون ڪيو ٿوري دير بعد ڪجهه ماڻهو موٽر سائيڪلن تي پهتا جن سندس پيءُ کي تشدد جو نشانو بڻايو ۽ فائرنگ ڪئي گوليون لڳڻ سبب سندس پيءُ ڪري پيو جڏهن ته ماءُ مبينا طور فائرنگ ڪندڙ ماڻهن سان گڏ موٽر سائيڪل تي ويهي هلي وئي ايس ايڇ او موجب مقتول کي سيني ۽ پيٽ ۾ گوليون لڳيون جڏهن ته واقعي واري هنڌ تان 30 بور پسٽول جا خول هٿ آيا آهن پوليس جو چوڻ آهي ته مقتول جو واسطو جيڪب آباد سان هو ۽ هو ٻن ٻارن جو پيءُ هو جن مان هڪ ڌيءُ شادي شده آهي. مقتول شاهه لطيف ٽائون سيڪٽر 16-اي جو رهواسي هو پوليس مقتول جي پٽ جي شروعاتي بيان جي بنياد تي وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي علائقي جي ٻين اکين ڏٺن شاهدن جا بيان پڻ ورتا پيا وڃن جڏهن ته ويجهي لڳل سي سي ٽي وي ڪئميرائن جي فوٽيج حاصل ڪرڻ جون به ڪوششون جاري آهن ته جيئن جوابدارن جي سڃاڻپ ۽ گرفتاري ممڪن بڻائي سگهجي

بقايا 14 روزاني عبرت

امير منعم ظفر خان ۽ سنڌ اسيمبلي جي ميمبر محمد فاروق گڏيل پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن (ڪي ايم سي) جو بجيٽ پيش ڪرڻ ڪانپوءِ ساڳئي ڏينهن بنا تفصيلي بحث جي منظور ڪيو ويو جيڪو عوام سان ناانصافي آهي هنن چيو ته وفاق، سنڌ حڪومت ۽ ڪي ايم سي جي بجيٽن ۾ صرف لفظن جو هيرڦير آهي جڏهن ته عملي طور ڪراچي کي نظرانداز ڪيو پيو وڃي منعم ظفر خان چيو ته ڪي ايم سي جو لڳ ڀڳ 60 ارب رپين جو بجيٽ شهر جي ضرورتن جي مقابلي ۾ انتهائي گهٽ آهي جڏهن ته دعويٰ ڪئي وڃي ٿي ته ڪراچي لاءِ 720 ارب رپين جا ترقياتي فنڊ رکيا وڃن ٿا پر شهر ۾ انهن جا اثر نظر نٿا اچن سندس چوڻ هو ته سنڌ جي آبادي جو لڳ ڀڳ 35 سيڪڙو ڪراچي ۾ رهي ٿو تنهن باوجود شهر جا بنيادي مسئلا برقرار آهن ۽ ترقياتي منصوبا مڪمل ناهن ٿي رهيا. هن الزام هنيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ ايم ڪيو ايم ٻنهي ڪراچي جي موجوده صورتحال جون ذميوار آهن سندس چوڻ هو ته 2008ع کان 2013ع تائين ٻنهي پارٽين گڏجي حڪومت ڪئي جڏهن ته ڪي ڊي اي ۽ ايس بي سي اي سميت ڪيترائي اهم ادارا به مفاهمت تحت سنڌ حڪومت حوالي ڪيا ويا، جنهن جا نتيجا اڄ شهر ڀوڳي رهيو آهي جماعت اسلامي جي امير چيو ته ڪي فور پاڻي منصوبي لاءِ وفاق صرف 10 ارب رپيا رکيا آهن جڏهن ته سنڌ حڪومت طرفان آگمينٽيشن ۽ ٽرانسميشن جا اهم ڪم اڃا تائين مڪمل ناهن ڪيا ويا. هن چيو ته ورلڊ بئنڪ جي سهڪار سان هلندڙ منصوبو 2019ع کان شروع ٿيل هجڻ باوجود 2026ع تائين مڪمل نه ٿي سگهيو جڏهن ته حيدرآباد کان ڪراچي تائين ٽرانسميشن لائين جو ڪم به التوا جو شڪار آهي منعم ظفر خان الزام هنيو ته سنڌ حڪومت جي نااهلي سبب شهر ۾ ٽينڪر مافيا راڄ ڪري رهي آهي ۽ اربين رپين جو پاڻي ڪراچي واسين کي وڪرو ڪيو پيو وڃي، جڏهن ته شهرين کي صاف پاڻي جي سهولت ميسر ناهي

بقايا 15 روزاني عبرت

معصوم نياڻيون دٻجي فوت ٿي ويون جيڪي پاڻ ۾ سؤٽ هيون واقعي بعد سڄي علائقي ۾ سوڳ ۽ ڪاوڙ جي لهر ڦهلجي وئي، فوت ٿيندڙن ۾ 13 ورهين جي صغرا ڌيءُ ابوبڪر ڪوري، 4 ورهين جي رابيعه ڌيءُ فاروق ۽ 3 ورهين جي ڪنيز شامل آهن واقعي بعد علائقي واسين ۽ وارثن پاران فوري طور تي ٻارڙين کي سول اسپتال عمرڪوٽ منتقل ڪيو ويو جتي ڊاڪٽرن ننڍين نياڻين جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي، ضروري قانوني ڪارروائي مڪمل ڪرڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيا ويا، مڙهه گهر پهچڻ تي هر طرف ڪهرام مچي ويو گهرن مان رڙين ۽ آهه و زاري جون صدائون بلند ٿينديون رهيون جڏهن ته سوڳوار ماحول سبب سڄو ڳوٺ غم ۾ ٻڏي ويو واقعي جي اطلاع ملندي ئي سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ۽ تعليم واري صوبائي وزير سيد سردار علي شاهه واقعي جو نوٽيس وٺندي لاڳاپيل اختيارين کان تفصيلي رپورٽ طلب ڪري جاچ ڪرائڻ جا حڪم جاري ڪري ڇڏيا آهن جڏهن ته ذميوارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪرڻ جي هدايت ڪئي واقعي تي دلي ڏک جو پڻ اظهار ڪيو جڏهن ته واقعي جي جانچ لاءِ اي ڊي سي ون عمرڪوٽ، اسسٽنٽ ڪمشنر، اي ڊي او سيڪنڊري ۽ ايگزيڪيوٽو انجنيئر عمرڪوٽ جي مشتمل چار رڪني ڪميٽي ٺاهي آهي ڳوٺاڻن واقعي جو ذميوار ورڪس تعليم کاتي کي قرار ڏيندي چيو ته هن اسڪول جي عمارت انتهائي زبون هئي ان تي تعليم کاتي 14 لک رپيا منظور ڪري ٽي مهينا اڳ مرمتي ڪم ٿيو پر هن ڪريل ديوار کي ڊاهي نه ڊاهي وئي انهي ڪري واقعو پيش آيو هوڏانهن ٻن معصوم نياڻين جي المناڪ فوتگي تي اڳوڻي ايم اين اي لال مالهي سميت سياسي سماجي ۽ مذهبي اڳواڻن سميت شهرين ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي چيو آهي ته جيڪڏهن سرڪاري اسڪولن جي عمارتن جي وقت سر مرمت ۽ سار سنڀال ڪئي وڃي ها ته شايد اڄ اهي معصوم زندگيون بچي وڃن ها، شهرين مطالبو ڪيو آهي ته ضلعي اندر موجود سمورين خطرناڪ ۽ زبون حال اسڪول عمارتن جو هنگامي بنيادن تي سروي ڪرائي مرمت يا نئين سر تعمير ڪرائي وڃي ته جيئن مستقبل ۾ اهڙن دردناڪ واقعن کان بچي سگهجي ٻئي طرف واقعي ڪانپوءِ سوشل ميڊيا تي پڻ سخت ردعمل سامهون اچي رهيو آهي، جتي سوشل ميڊيا صارفين تعليم کاتي جي ڪارڪردگي تي سوال اٿاريندي ذميوارن خلاف سخت ڪارروائي ۽ متاثر خاندانن لاءِ مناسب معاوضي جو مطالبو ڪيو آهي

بقايا 16 روزاني عبرت

صوبائي ڊزاسٽر مينيجمينٽ اٿارٽي (پي ڊي ايم اي) سنڌ جولاءِ جي پهرين هفتي دوران صوبي جي مختلف علائقن ۾ مون سون برساتن جي اڳڪٿي ڪندي الرٽ جاري ڪري ڇڏيو آهي ڊائريڪٽر آپريشنز پي ڊي ايم اي شايان شاهه موجب 3 ۽ 4 جولاءِ تي سکر، لاڙڪاڻو، دادو، جيڪب آباد، شهيد بينظير آباد، ڪشمور شڪارپور، گهوٽڪي، خيرپور، قمبر شهدادڪوٽ ۽ نوشهروفيروز ضلعن ۾ برسات جو امڪان آهي هن چيو ته مون سون سسٽم سبب سخت گرمي ۽ ٻوسٽ ۾ گهٽتائي اچڻ جو امڪان آهي، جڏهن ته برساتن سبب ڪمزور اڏاوتن کي نقصان پهچڻ جو خدشو پڻ موجود آهي شايان شاهه آبادگارن کي هدايت ڪئي ته هو موسمي صورتحال کي نظر ۾ رکندي زرعي سرگرمين جي مناسب منصوبابندي ڪن هن وڌيڪ چيو ته پي ڊي ايم اي سنڌ ڪنهن به هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ مڪمل طور تي تيار آهي، جڏهن ته لاڳاپيل ادارن ۽ ضلعي انتظاميه کي الرٽ رهڻ ۽ ضروري احتياطي اپاءَ وٺڻ جون هدايتون جاري ڪيون ويون آهن

بقايا 17 روزاني عبرت

بڻائي ڇڏيو آهي عدالت حڪم ڏنو آهي ته منتقل ڪيل 19 نيب ريفرنس ٻيهر نيب ڪورٽ ڏانهن موڪليا وڃن ۽ انهن جي ٻڌڻي هاڻي ٻيهر احتساب عدالت ۾ ڪئي وڃي سنڌ هاءِ ڪورٽ پنهنجي فيصلي ۾ قرار ڏنو ته ڪنهن به جوابدار طرفان ذاتي مالي فائدو حاصل نه ڪرڻ ريفرنس منتقل ڪرڻ جو بنياد نٿو بڻجي سگهي، ڇو ته امانت ۾ خيانت هڪ مسلسل نوعيت جو جرم آهي عدالت وڌيڪ چيو ته ريفرنس منتقل ڪرڻ کان اڳ ترميم ٿيل قانون جي لاڳو ٿيڻ جو جائزو وٺڻ ضروري هو جڏهن ته نيب ڪورٽ پنهنجي اڳوڻي فيصلي ۾ نيب جي موقف کي نظرانداز ڪيو فيصلي موجب نيب جي چيئرمين ريفرنسن جي منتقلي جي مخالفت ڪئي هئي جنهن جي پيروي نيب جي وڪيل منظور علي شاهه عدالت ۾ ڪئي

بقايا 18 روزاني عبرت

سلسلي ۾ ايس ڊي پي او مليرسٽي ۽ ايس ايڇ او مليرسٽي جي نگراني هيٺ پوليس ڪارروائي ڪندي 4 غير قانوني افغان شهرين کي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو پوليس ترجمان موجب گرفتار ڪيل افغان شهرين کي مڪمل پروفائيلنگ ۽ پنهنجي ملڪ ڏانهن واپسي جي ايندڙ مرحلن لاءِ محفوظ طريقي سان افغان هولڊنگ سينٽر منتقل ڪيو ويو آهي تحويل ۾ ورتل شهرين ۾ ولي محمد ولد عبدالنبي، عبدالباري ولد عبدالنبي، عبدالمالڪ ولد عبدالنبي ۽ عبدالغفار ولد غلام نبي شامل آهن ضلعي مليرپوليس جي ترجمان جو چوڻ آهي ته ضلعي اندر غير قانوني طور رهندڙ پرڏيهي شهرين خلاف ڪارروايون بنا ڪنهن وقفي جي جاري رهنديون ۽ قانون جي ڀڃڪڙي ڪندڙن خلاف قانون موجب سخت ڪارروائي ڪئي ويندي

بقايا 19 روزاني عبرت

ٽائون جي علائقي خدا جي بستي بڻائي اسپتال جي ويجهو گهر مان 16 سالن جي ناري زويا ڌيءُ زرياب جو لاش مليو ڇيپا ايمبولينس جي ذريعي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي ناري جي فوت ٿيڻ جو سبب آخري اطلاع تائين معلوم ناهي ٿي سگهيو نيو ناظم آباد پي ايس پمپ جي ويجهو فيڪٽري ۾ ڪم ڪرڻ جي دوران مٿي ۾ وزني شيءِ لڳڻ جي نتيجي ۾ 30 سالن جو مزدور اسلم ولد محمد غيور فوت ٿي ويو گلشن اقبال ٿاڻي جي حد لياري ايڪسپريس وي ويجهو گلشن اقبال بلاڪ ون جي لڳ روڊ حادثي ۾ 45 سالن جو رمضان ولد شيراز فوت ٿي ويو آهي ڪلفٽن بلاڪ 8 ويجهو ڏي فورم جي سامهون فٽ پاٿ تان 50 سالن جي نامعلوم شخص جو لاش مليو ناظم آباد نمبر 3 موٽر سائيڪل مارڪيٽ جي لڳ پول ڪرڻ جي نتيجي ۾ 30 سالن جو نامعلوم شخص فوت ٿي ويو

بقايا 20 روزاني عبرت

جتي هن جيل جي مختلف شعبن جو تفصيلي معائنو ڪيو ۽ قيدين کي فراهم ڪيل سهولتن جو جائزو ورتو دوري دوران صوبائي وزير جيل انتظاميا کي هدايت ڪئي ته قيدين کي هر وقت بهتر بنيادي سهولتون، صاف ماحول ۽ معياري طبي سهولتون فراهم ڪيون وڃن هن جيل جي سيڪيورٽي انتظامن صفائي ۽ انتظامي معاملن تي تفصيلي بريفنگ پڻ حاصل ڪئي ۽ لاڳاپيل اختيارين کي اصلاحي ۽ انتظامي نظام کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ لاءِ هدايتون جاري ڪيون ان موقعي تي حاجي علي حسن زرداري چيو ته سنڌ حڪومت جيلن جي اصلاحي نظام کي جديد خطن تي ترقي ڏيڻ لاءِ پرعزم آهي قيدين جي بهتر تربيت، بحالي ۽ ڀلائي کي يقيني بڻائڻ حڪومت جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي ۽ ان مقصد لاءِ هر ممڪن قدم کنيا ويندا. اصلاح بحالي ۽ بهتر سهولتون هڪ موثر جيل نظام جي بنياد آهن

بقايا 21 روزاني عبرت

166 رپين جي متوازن بجيٽ کي متفقہ طور منظور ڪري ڇڏيو بجيٽ جي منظوري ٽائون جي سالياني اجلاس ۾ ڏني وئي، جنهن جي صدارت چيئرمين ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن منگهوپير حاجي نواز علي بروهي ڪئي اجلاس ۾ وائيس چيئرمين رانا عارف، ميونسپل ڪمشنر آغا خليق، اڪائونٽس آفيسر فياض محمد چنا، ڪائونسل ميمبرن، يونين ڪائونسلن جي چيئرمينن، وائيس چيئرمينن ۽ ٽائون جي سينيئر آفيسرن شرڪت ڪئي .ايوان تفصيلي غور ويچار ڪان پوءِ بجيٽ کي متفقہ طور منظور ڪندي ان کي ايندڙ مالي سال لاءِ ٽائون جي انتظامي ۽ ترقياتي سرگرمين جو جامع لائحه عمل قرار ڏنو بجيٽ اهڙي نموني تيار ڪئي وئي آهي جو موجود وسيلن مان وڌ کان وڌ فائدو سنئون شهرين تائين پهچي ان ۾ بنيادي بلدياتي سهولتن جي بهتري، ترقياتي منصوبن جي بروقت تڪميل، مالي نظم و ضبط، اداري جي صلاحيت ۾ واڌ ۽ عوامي خدمتن جي معيار کي بهتر بڻائڻ تي خاص ڌيان ڏنو ويو آهي ترقياتي منصوبن لاءِ 1 ارب 26 ڪروڙ 49 لک 70 هزار 11 رپيا مختص ڪيا ويا آهن جن ذريعي مختلف يونين ڪائونسلن ۾ روڊن ۽ گهٽين جي تعمير ۽ مرمت، نيڪال آب ۽ ڊرينيج نظام جي بهتري، پاڻي جي فراهمي اسٽريٽ لائيٽن جي تنصيب ۽ صفائي ستھرائي جي نظام کي وڌيڪ مضبوط بڻايو ويندو آفيسرن ۽ ملازمن جي پگهارن الائونسز ۽ ٻين انتظامي خرچن لاءِ 1 ارب 27 ڪروڙ 11 لک 87 هزار 895 رپيا رکيا ويا آهن جڏهن ته ٽائون جي اثاثن مشينري، تنصيبات ۽ روڊن جي مرمت لاءِ 1 ارب 4 ڪروڙ 39 لک 96 هزار 660 رپيا ۽ هنگامي حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ 54 ڪروڙ 79 لک 37 هزار 600 رپين جو ڪنٽينجنسي فنڊ پڻ مختص ڪيو ويو آهي اجلاس دوران مالي سال 2025-26ع جي مالي ڪارڪردگي جو جائزو پڻ پيش ڪيو ويو جنهن موجب ٽائون جي حقيقي آمدني 1 ارب 77 ڪروڙ 97 لک 93 هزار 313 رپيا رهي اجلاس کي ٻڌايو ويو ته ايندڙ مالي سال ۾ روينيو وصولي کي وڌيڪ مؤثر بڻائڻ آمدني جا نوان ذريعا پيدا ڪرڻ ۽ مالي وسيلن جي شفاف ۽ دانشمندانه استعمال لاءِ جامع حڪمت عملي تي عمل ڪيو ويندو بجيٽ جي منظوري ڪان پوءِ چيئرمين حاجي نواز علي بروهي چيو ته هي بجيٽ عوامي ضرورتن، زميني حقيقتن ۽ مستقبل جي ترجيحن کي نظر ۾ رکي تيار ڪئي وئي آهي هن چيو ته سڀني ترقياتي منصوبن تي شفافيت، اعليٰ معيار ۽ مقرر وقت اندر عملدرآمد کي يقيني بڻايو ويندو ته جيئن شهرين کي بهتر بلدياتي سهولتون فراهم ڪري سگهجن ۽ عوامي اعتماد وڌيڪ مضبوط ٿئي اجلاس جي پڄاڻي تي ايوان جي سڀني ميمبرن ان عزم جو اظهار ڪيو ته منظور ٿيل بجيٽ ۾ شامل هر منصوبي کي وقت سر ۽ معياري نموني مڪمل ڪيو ويندو. جيئن منگهوپير ٽائون ۾ ترقي جو سفر وڌيڪ مؤثر منظم ۽ پائيدار بڻجي سگهي ۽ شهرين کي جديد ۽ معياري بلدياتي سهولتون فراهم ٿين

بقايا 22 روزاني عبرت

ضلعي پوليس ۽ انويسٽيگيشن ونگ جي ايس ايس پيز شرڪت ڪئي اجلاس دوران ضلعي ايس ايس پي ايسٽ زون جي سمورن ٿاڻن ۾ گذريل هفتي دوران ڏوهن جي صورتحال، ڏوهن جي روڪٿام سيڪيورٽي انتظامن ۽ پوليس ڪارڪردگي بابت تفصيلي رپورٽ پيش ڪئي ڊي آءِ جي ڊاڪٽر فرخ علي هدايت ڪئي ته مضر صحت گٽڪا ماوا ۽ منشيات وڪرو ڪندڙ نيٽ ورڪن خلاف سخت ڪارروايون تيز ڪيون وڃن آءِ آر ۾ نامزد جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا وڃن جڏهن ته قتل، اقدام قتل گهرن ۾ ڦر، ڪار چوري، موٽرسائيڪل ڦر ۽ اسٽريٽ ڪرائمز ۾ ملوث اشتهاري ۽ فرار جوابدارن کي فوري گرفتار ڪري قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي هن وڌيڪ هدايت ڪئي ته غير قانوني افغان مهاجرن خلاف جاري مهم ۾ تيزي آندي وڃي، جڏهن ته جعلي يا منسوخ ٿيل سڃاڻپ ڪارڊ رکندڙ ماڻهن کي گرفتار ڪري قانون موجب ڪارروائي عمل ۾ آندي وڃي. ڊي آءِ جي ايسٽ زون محرم الحرام دوران مجالسن جلوسن، عزاداري ۽ ٻين مذهبي تقريبن لاءِ ايسٽ زون پوليس طرفان ڪيل فول پروف سيڪيورٽي انتظامن کي ساراهيندي پوليس آفيسرن کي شاباس ڏني، جڏهن ته رهيل خامين کي فوري طور درست ڪرڻ جي به هدايت ڪئي ڊاڪٽر فرخ علي چيو ته شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ کي هر صورت يقيني بڻائڻ لاءِ پوليس پنهنجا سمورا وسيلا ڪتب آڻي رهي آهي ۽ امن امان جي قيام لاءِ ڪنهن به قسم جي غفلت برداشت نه ڪئي ويندي

بقايا 23 روزاني عبرت

ڳوٺائي علائقي بستي عيد گاهه ۾ ڪنهن هڪ گهر ۾ ٽيوشن سينٽر کوليو هو جتي روزانو لڳ ڀڳ 35 ٻار پڙهڻ لاءِ ايندا هئا. ٽي آر گرڊ سان ٺهيل هن گهر جي ڇت ڌماڪي سبب ڪري پئي. پاڙيسرين فوري طور تي ايمرجنسي سروسز کي فون ڪيو پوليس ۽ بچاءُ ٽيمون پهچي ويون مقامي رهواسين به ان ۾ شامل ٿيا. هڪ عورت اسڪول ٽيچر ۽ ڪيترن ئي ٻارن کي فوري طور تي بچايو ويو جڏهن ته ٻين جي ڳولا جاري آهي امدادي اداري موجب، بچايو ويو ٻار ساهه کڻڻ ۾ ڏکيائي ڪري رهيا هئا. بچاءُ وارن فوري طور تي ٻارن جي وات ۽ نڪ مان مٽي ڪڍي ساهه کڻڻ کي بحال ڪيو ۽ انهن کي اسپتال موڪليو ٻارن مان ڪيترائي نازڪ حالت ۾ آهن. ڪيترائي زخمي آهن ۽ ٻارن مان ڪيترن ئي جي نبض نه هئي تنهن ڪري موت جو خطرو آهي. رپورٽن مان ظاهر ٿئي ٿو ته گهر جي ڇت تي وڏي مقدار ۾ مٽي به موجود هئي، جڏهن ڇت ڪري پئي ته ٻار مٽي هيٺ دٻجي ويا. امدادي اداري موجب، آپريشن اڃا تائين جاري آهي ٻارن جو تعداد فوري طور تي طئي نه ٿي سگهيو آهي هاڻي تائين 20 ٻارن کي بچايو ويو آهي انهن جو ڪل تعداد ڇهه کان پنجويهه جي وچ ۾ ٿي سگهي ٿو جڏهن ته مقامي ماڻهن جو چوڻ آهي ته 35 ٻار هتي ٽيوشن لاءِ ايندا هئا. امدادي ادارا اوزارن جي بدران پنهنجن هٿن سان مٽي هٽائڻ کي ترجيح ڏئي رهيا آهن ته جيئن ڦاٿل ٻارن کي نقصان نه پهچي آپريشن مڪمل ٿيڻ ۾ اڍائي ڪان ٽي ڪلاڪ لڳي سگهن ٿا. ايم ايس ٽي ايڇ ڪيو ڪاهنا تصديق ڪئي آهي ته واقعي ۾ 14 ٻار فوت ٿي ويا، ۽ هڪ عورت استاد سميت چار ٻار زخمي ٿيا. رپورٽون آهن ته انيلا ريحان نالي هڪ عورت پنهنجي گهر ۾ هڪ ٽيوشن سينٽر کوليو هو ۽ هوءَ پاڻ پڙهائيندي هئي هوءَ پڻ زخمي آهي ۽ گهر زبون حالت ۾ هو پوليس زميندار سميت ٻن ماڻهن کي حراست ۾ ورتو آهي مزدور ڪمري جي ڇت تي ڪم ڪري رهيا هئا، جنهن سبب ڇت ڪري پئي. پنج گرفتار ڊي آءِ جي آپريشنز فيصل ڪامران موجب، 8 ٻار ۽ هڪ استاد زخمي آهن 14 ٻارن جي فوت ٿيڻ جي تصديق ٿي چڪي آهي. متاثر عمارت هڪ منزل عمارت آهي ڪمري جي ڇت تي مٽي اڇلائي پئي وئي مزدور ڪم ڪري رهيا هئا، 5 ماڻهن کي حراست ۾ ورتو ويو آهي شروعاتي جاچ جاري آهي. فوت ٿيل ٻار ساڳئي پاڙي جا رهواسي هئا، پي ايف ايس ٽيم پڻ اچي رهي آهي اهي عمارت جي حالت جو جائزو وٺندا. فوت ٿيل ٻارن ۾ 1 عبدالله پٽ مصطفيٰ عمر 8 سال سلمان پٽ وسيم عمر 8 سال، عروج ڌيءُ مصطفيٰ عمر 9 سال ماهنور پٽ فاروق، عمر 8 سال تشبيه ڌيءُ شهزاد، عمر 7 سال فواد پٽ محمد عابد، عمر 8 سال ايمان فاطمه ڌيءُ مصطفيٰ عمر 11 سال خديجه ڌيءُ وسيم عمر 12 سال عروج ڌيءُ مرتضيٰ عمر 6 سال ارتضيٰ عمر 4 سال رمشا، عمر 6 سال علي پٽ فرمان عمر 6 سال ارحم پٽ حسن علي، عمر 8 سال دعا ڌيءُ گلفام عمر 7 سال عبدالله پٽ اصغر عمر 7 سال شامل آهن ٻئي طرف صدر آصف علي زرداري لاهور ڪاهنه واقعي تي ڏک جو اظهار ڪيو ۽ چيو ته قيمتي معصوم ٻارن جون جانيون ضايع ٿيون جو نقصان پوري قوم لاءِ انتهائي افسوسناڪ آهي ۽ اهڙين الميَن کي روڪڻ لاءِ اثرائتي حفاظتي اپاءَ ضروري آهن

بقايا 24 روزاني عبرت

ڊاڪٽر مصدق ملڪ سرحد پار آبي وسيلن جي ترتيب ۽ انتظام لاءِ هڪ پابند عالمي معاهدي جو مطالبو ڪندي چيو آهي، ته دنيا کي صرف موسمياتي يا آبي بحران جو نه پر انصاف جو بحران سامهون آهي جتي هيٺانهين ۾ رهندڙ آبادين جا روزگار غذائي تحفظ ۽ بنيادي حق خطري ۾ آهن اڱاري ڏينهن اسلام آباد ۾ سنڌ طاس معاهدو: امن ۽ علائقائي استحڪام جو اهم ذريعو جي عنوان سان منعقد عالمي سيمينار کي خطاب ڪندي وفاقي وزير موسمياتي آفتن جي انساني اثرن کي اقبال سولنگي جي ڪهاڻي ذريعي اجاگر ڪيو جن جو خاندان ستن ڪان اٺ نسلن کان هاري سان واڳيل هو پر هر ايندڙ ٻوڏ انهن جون زندگيون تباهه ڪري ڇڏيون هن چيو ته اقبال سولنگي جي زرعي زمين 2010ع جي ٻوڏ ۾ تباهه ٿي ٻيهر آباد ٿيڻ ڪان پوءِ 2012ع ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر ٻوڏ ان کي متاثر ڪيو هن ڪجهه وقت پنهنجي خاندان جي ڪفالت لاءِ هاريو ڇڏي ڏنو پر پاڻي لهي وڃڻ ڪان پوءِ ٻيهر ٻني ٻاري جو ڪم شروع ڪيس جڏهن ته 2022ع جي ٻوڏ ان جي زندگي هڪ ڀيرو ٻيهر اجاڙي ڇڏي، سندس مال، گهر ۽ ٻارن جا اسڪول لڙهي ويا، خاندان بي گهر ٿيو ۽ آخرڪار هن ٻني ٻاري جو ڪم ڇڏي ڪراچي ۾ مزدوري اختيار ڪري ورتي مصدق ملڪ چيو ته اقبال سولنگي جي ڪهاڻي منفرد ناهي پر سڄي دنيا ۾ لکين ماڻهن جي زندگين جي عڪاسي آهي هن چيو ته بنگلاديش جا آبادگار زراعت ۽ ماهيگيري لاءِ پاڻي جي وهڪري تي ڀاڙين ٿا پر جڏهن پاڻي نٿو پهچي ته ملاح ٻڪيا رهجي وڃن ٿا ۽ آبادگار پنهنجون زمينون تي پوکائي نٿا ڪري سگهن هن آفريڪا جي سامونڊي خطي جي عورتن جو به ذڪر ڪيو جيڪي مٿانهين وارن علائقن ۾ پاڻي جو وهڪرو رڪجي وڃڻ سبب درياهه سڪي وڃڻ ڪان پوءِ روزانو اٽڪل چار ميل جو سفر طئي ڪري صرف هڪ بالٽي پاڻي حاصل ڪنديون آهن وفاقي وزير چيو ته اهڙي طرح جون ڪهاڻيون نيل درياهه دجله جي ڏيڻ وارن علائقن اڳوڻي ارال ۽ ميڪانگ سمنڊن ۾ به ملن ٿيون جيڪي هڪ عالمي مسئلي جون مختلف صورتون آهن مصدق ملڪ سرال وياري هنڌ پاڻي جي وهڪري ۾ لاهن چاڙهن جو حوالو ڏيندي چيو ته بنا برسات جي پاڻي جو مقدار 1500 ڪيوسڪ کان وڌي 78 هزار ڪيوسڪ ٿيو ۽ وري ٻيهر 1500 ڪيوسڪ تي اچي ويو جنهن جو واحد ممڪنه سبب اهو ٿي آهي ته پاڻي جي وهڪري کي ڪو ٻيو ڪنٽرول ڪري رهيو آهي. هن چيو ته پاڪستان جي اٽڪل اڌ آبادي يعني تقريبن 12 ڪروڙ ماڻهو زراعت تي ڀاڙين ٿا جڏهن ته ملڪي مجموعي قومي پيداوار جو اٽڪل هڪ پاڃي چار حصو ۽ پورو غذائي تحفظ پاڻي جي دستيابي سان وابسته آهي هن زور ڀريو ته ان مسئلي کي صرف موسمياتي تبديلي يا پاڻي جي کوٽ نه پر انصاف جي مسئلي طور ڏسڻ گهرجي، وفاقي وزير موسمياتي تبديلي کي آبي بحران سان ڳنڍيندي چيو ته اهو ئي پاڙيسري ملڪ جيڪو پاڻي جي وهڪري تي ڪنٽرول جي دعويٰ ڪري ٿو دنيا جو ٽيون وڏو آلودگي پکيڙيندڙ ملڪ به آهي

بقايا 25 روزاني عبرت

۽ ايم اين اي حنا رباني کر چيو آهي، ته ڀارت سنڌ طاس معاهدي جي باري ۾ ڪو به فيصلو هڪ طرفي طور نٿو ڪري سگهي. يورپي ملڪن سميت ٻين ملڪن کي ان مسئلي جي حل لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي انهن خيالن جو اظهار هن اڱاري تي سنڌ طاس معاهدي جي موضوع تي منعقد عالمي سيمينار کي خطاب ڪندي ڪيو هن چيو ته ڪو به ملڪ گڏيل معاهدن عالمي قانونن ۽ روايتن کان هڪ طرفي طور انڪار نٿو ڪري سگهي هن چيو ته ڀارت هڪ ڏوکيباز ملڪ آهي ۽ هو هڪ يورپي تهذيب کي ختم ڪرڻ چاهي ٿو پر اهو ڪيئن ممڪن آهي هن چيو ته سنڌ طاس معاهدي جي آرٽيڪل 12 ۾ واضح آهي ته گڏيل توثيق سان سنڌ طاس معاهدي ۾ رديدل ڪري سگهجي ٿي هن چيو ته ڀارت عالمي ثالثي عدالت ۾ مڃيو آهي ته ان معاهدي جي باري ۾ ڪو به ملڪ اڪيلو فيصلو نٿو ڪري سگهي هن چيو ته سنڌ طاس معاهدو هڪ عالمي ۽ پائيدار معاهدو آهي هن چيو ته پاڪستان ۽ ڀارت سميت ٻيا ملڪ موسمياتي تبديلي جو شڪار آهن پر عام ماڻهو کي پاڻي جي محفوظ فراهمي يقيني بڻائڻ ضروري آهي هن چيو ته يورپي ملڪن سميت ٻين ملڪن کي ان مسئلي جي حل لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي

بقايا 26 روزاني عبرت

۾ توازن ئي پائيدار ترقي جي ضمانت آهي. تيزي سان وڌندڙ آباديءَ سان قومي وسيلن تي دٻاءُ وڌي رهيو آهي ۽ اهو ترقي جي لاءِ وڏو چئلينج آهي اڱاري ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب هن اهڙن خيالن جو اظهار آباديءَ جي ڀلائي جي حوالي سان اهم اجلاس جي صدارت ڪندي ڪيو وزيراعظم چيو ته آباديءَ جي منصوبابندي کي قومي ترقي، معاشي استحڪام ۽ انساني وسيلن جي بهتري سان هم آهنگ ڪرڻ جي ضرورت آهي. وزيراعظم نيشنل پاپوليشن ڪائونسل جو افتتاحي اجلاس جلد کان جلد گهرائڻ ۽ قومي سطح تي آباديءَ بابت پاليسي سازي جي لاءِ نيشنل پاپوليشن ڪائونسل جو تنظيمي ڍانچو جلد کان جلد جوڙڻ جي هدايت ڪئي. وزيراعظم نيشنل پاپوليشن ڪائونسل جي پاڻ سربراهي ڪندو نيشنل پاپوليشن ڪائونسلن ۾ چئني صوبن جا وڏا وزير آزاد جمون ۽ ڪشمير جو وزيراعظم گلگت بلتستان جو وڏو وزير ۽ ٻيون ڌريون شامل هونديون اجلاس کي ملڪ جي وڌندڙ آباديءَ ۽ ڪنٽرول ۽ ڀلائي جي حوالي سان قدمن تي بريفنگ ڏني وئي اجلاس کي ٻڌايو ويو ته سماجي تحفظ جي پروگرامن کي خانداني منصوبابندي سان ڳنڍيو ويندو عورتن جي تعليم ۽ انهن کي معاشي طور تي بااختيار بڻائڻ آباديءَ تي ضابطو آڻڻ جي حڪمت عملي جو اهم جز هوندي آباديءَ ۾ توازن ۽ ضابطي تي موثر آگاهي مهم هلائي ويندي، اسلامي ملڪن بنگلاديش انڊونيشيا ۽ ايران ۾ آباديءَ تي ضابطي جا ڪامياب پروگرام هلي رهيا آهن قومي پاپوليشن ڪائونسل صوبائي حڪومتن جي تعاون سان قومي سطح تي موثر مهم هلائڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندي، نيشنل پاپوليشن ڪائونسل جو سيڪريٽريٽ منصوبابندي واري وزارت ۾ هوندو اجلاس ۾ چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير دفاع واري وفاقي وزير خواجه محمد آصف، منصوبابندي واري وفاقي وزير احسن اقبال ناٿي ۽ اوڳاڙين واري وفاقي وزير محمد اورنگزيب، اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ ناٿي ۽ ريلوي واري مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني ۽ لاڳاپيل اعليٰ سرڪاري آفيسرن شرڪت ڪئي

بقايا 27 روزاني عبرت

(اوگرا) ترميمي آرڊيننس 2026ع تي صحيحون ڪري ڇڏيون آهن اڱاري ڏينهن ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب، صدر وزيراعظم جي ايڊوائس تي آئل اينڊ گئس ريگيوليٽري اٿارٽي آرڊيننس 2002ع جي شق 2 ۽ 3 ۾ ترميم بابت هڪ آرڊيننس جاري ڪري ڇڏيو

بقايا 28 روزاني عبرت

جي زندگيءَ جي شهه رڳ بابت ڳالهه ٿي رهي آهي هن چيو ته سنڌو دريا صدين ڪان دنيا جي قديم ترين تهذيبن مان هڪ جي آبياري ڪندو رهيو آهي. سندس چوڻ هو ته پاڪستان جي تاريخ حقيقت ۾ سنڌو دريا جي تاريخ آهي زراعت قومي معيشت جو بنيادي ٿنڀ ۽ سنڌو دريا ان جي شهه رڳ آهي هن چيو ته ڇهه ڏهاڪا اڳ ٻن ملڪن هڪ غيرمعمولي فيصلو ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ دنيا جي سڀ ڪان وڌيڪ پائيدار آبي معاهدن مان هڪ سنڌ طاس معاهدو وجود ۾ آيو وفاقي وزير چيو ته پاڪستان هميشه پرامن لاڳاپن تعميري ڳالهين ۽ معاهدي تي ايمانداري سان عملدرآمد جي عزم جو مظاهرو ڪيو آهي 1960ع جو سنڌ طاس معاهدو عالمي لاڳاپن ۾ هڪ انوکي حيثيت رکي ٿو عطا تارڙ چيو ته پاڪستان بار بار واضح ڪري چڪو آهي ته سنڌو دريا جي پاڻي تي پاڪستاني عوام جو مڪمل حق آهي جيڪڏهن پاڻي روڪڻ جي ڪا به ڪوشش ڪئي وئي ته قومي قيادت اثرائتو جواب ڏيڻ لاءِ تيار آهي هن وڌيڪ چيو ته پاڻي کي هٿيار طور استعمال ڪرڻ علائقائي ۽ عالمي امن ۽ استحڪام لاءِ خطرناڪ آهي سندس چوڻ هو ته گڏيل راضپي سان وجود ۾ آيل هن معاهدي ۾ ڪنهن به قسم جي تبديلي صرف اتفاق راءِ سان ئي ممڪن آهي. سنڌ طاس معاهدي جي هڪ طرفي معطلي واري رويي سبب ڀارت کي عالمي فورمن تي تنقيد ۽ شرمندگي جو منهن ڏسڻو پيو پاڻي کي تڪرار بدران سهڪار جو ذريعو بڻائڻ گهرجي

بقايا 29 روزاني عبرت

ڪيو ويندو چاڪاڻ ته صوبو سال جي باقي حصي لاءِ پنهنجي ڪڻڪ جي ضرورتن جي تياري ڪري رهيو آهي. وزيراعليٰ هائوس ۾ ڪڻڪ جي دستيابي اسٽاڪ جي پوزيشن ۽ مارڪيٽ جي رجحانن جو جائزو وٺڻ لاءِ هڪ اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪندي وڏي وزير چيو ته حڪومت سنڌ جي سمورن علائقن ۾ مناسب قيمتن تي ڪڻڪ ۽ اٽي جي بنا رڪاوٽ دستيابي کي يقيني بڻائڻ لاءِ تمام ضروري اپاءَ وٺندي اجلاس ۾ صوبائي وزيرن مخدوم محبوب الزمان (خوراڪ)، مڪيش ڪمار چاولا (ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن)، محمد بخش خان مهر (زراعت) ۽ جام خان شورو (آبپاشي)، صلاحڪار گيانچند ايسراڻي (بحالي)، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه، وڏي وزير جو سيڪريٽري آصف جميل، زرعي سيڪريٽري زمان ناريجو خوراڪ واري سيڪريٽري غلام عباس نافع ۽ ٻين اعليٰ اختيارين شرڪت ڪئي خوراڪ واري وزير مخدوم محبوب وڏي وزير کي آگاهه ڪيو ته سنڌ 2025-26 جي فصل جي سيزن دوران 4.8 ملين ميٽرڪ ٽن ڪڻڪ پيدا ڪئي آهي (جيڪا هڪ بمپر فصل آهي)، جڏهن ته صوبي جي سالياني واهپي جي ضرورت 6.53 ميٽرڪ ٽن آهي جيڪا هڪ ساختي کوٽ کي ظاهر ڪري ٿي پريزنٽيشن موجب سنڌ وٽ ڪڻڪ جي ڪل اسٽاڪ جي دستيابي 4.94 ايم ايم ٽي هئي جنهن ۾ ڪيري اوور اسٽاڪ به شامل آهي بهرحال اپريل کان جون دوران واهپي ۽ ٻين صوبن ڏانهن منتقل ڪيل ڪڻڪ جو حساب لڳائڻ ڪانپوءِ صوبي کي مارچ 2027 تائين لڳ ڀڳ 2.1 ايم ايم ٽي جي کوٽ جو سامهون ڪرڻو پوندو جيڪڏهن مارڪيٽ سپلائي جاري نه رهي خوراڪ واري وزير وڏي وزير کي ٻڌايو ته خوراڪ کاتي وٽ هن وقت 0.2218 ايم ايم ٽي ڪڻڪ جو اسٽاڪ موجود آهي جنهن ۾ ڪيري اوور ريزرو ۽ نئين خريداري شامل آهي اجلاس کي ٻڌايو ويو ته پاڪستان وٽ لڳ ڀڳ 24.39 ايم ايم ٽي نيٽ ڪڻڪ جو بيلنس هو جنهن مان لڳ ڀڳ 12.2 ايم ايم ٽي آبادگارن ۽ گهرن جي قبضي ۾ هجڻ جو امڪان هو عهديدارن نوٽ ڪيو ته ان اسٽاڪ جو رڳو هڪ حصو مارڪيٽ ۾ نظر اچي رهيو هو جنهن ۾ لڳ ڀڳ 2.5 ايم ايم ٽي پنجاب ۾ ۽ هڪ ايم ايم ٽي سنڌ ۾ آساني سان ٽريس ڪري سگهجي ٿي جڏهن ته لڳ ڀڳ 9.5 ايم ايم ٽي عام مارڪيٽ چينلز ڪان ٻاهر رهيو ڳڻتي جو اظهار ڪندي مراد شاهه چيو ته لڪيل اسٽاڪ غير ضروري مارڪيٽ پريشر پيدا ڪري سگهي ٿو ۽ گمان بازي واري واپار کي هٿي ڏئي سگهي ٿو وڏي وزير چيو ته حڪومت ذخيرو اندوزن ۽ منافعي خورن کي هٿرادو کوٽ ذريعي صارفين جو استحصال ڪرڻ جي اجازت نه ڏيندي ڪڻڪ هڪ اسٽريٽجڪ جنس آهي ۽ ان جي دستيابي کي هر قيمت تي يقيني بڻايو ويندو اجلاس ۾ ملڪ ڀر ۾ ڪڻڪ جي قيمتن جي رجحانن جو جائزو ورتو ويو ۽ ٻڌايو ويو ته تازن مهينن ۾ ڪڻڪ جي قيمتن ۾ تيزي سان اضافو ٿيو آهي في 40 ڪلوگرام ڪڻڪ جي موجوده قيمت پنجاب ۾ 4,150 رپيا ڪان 4,350 رپيا، سنڌ ۾ 4,680 رپيا، خيبر پختونخوا ۾ 4,680 رپيا ۽ بلوچستان ۾ 4,600 رپيا رڪارڊ ڪئي وئي عهديدارن چيو ته پنجاب ۾ ڪڻڪ جي قيمت اپريل جي شروعات ۾ لڳ ڀڳ 3,200 رپيا في 40 ڪلوگرام مان وڌي 4,200 رپيا ڪان 4,600 رپيا جي وچ ۾ پهچي وئي آهي جيڪا ڪجهه مهينن اندر 30 ڪان 40 سيڪڙو ڪان وڌيڪ جي واڌ کي ظاهر ڪري ٿي وڏي وزير کي اهو به ٻڌايو ويو ته ڪڻڪ جو اسٽاڪ رکڻ مان ملندڙ منافعو نيشنل سيونگز انسٽرومينٽس ذريعي ملندڙ منافعي کان وڌڻ شروع ٿي ويو آهي، جنهن سان گمان بازي واري اسٽوريج ۽ ذخيرو اندوزي لاءِ ترغيب پيدا ٿي رهي آهي اٽي جي قيمتن جو جائزو: اجلاس ۾ وڏن شهرن ۾ اٽي جي قيمتن جو جائزو ورتو ويو ۽ ٻڌايو ويو ته في ڪلوگرام اٽي جي اوسط قيمت ڪراچي ۾ 135 رپيا، حيدرآباد ۾ 131 رپيا، سکر ۾ 124 رپيا ۽ لاڙڪاڻي ۾ 124 رپيا آهي اجلاس ۾ هڪ تجزيو پيش ڪيو ويو جنهن مان ظاهر ٿيو ته ڪڻڪ جي وڌندڙ قيمتون سڌي طرح اٽي جي وڌندڙ قيمتن ۾ تبديل ٿي رهيون آهن مراد شاهه ان ڳالهه تي زور ڏنو ته حڪومت جي ترجيح صارفين کي ناجائز قيمتن جي واڌ ڪان بچائڻ آهي هن چيو ته ڪڻڪ جي قيمتن ۾ ڪو به اضافو ناجائز منافعي خوري جو بهانو نه بڻجڻ گهرجي، انتظاميا کي هر صورت ۾ يقيني بڻائڻو پوندو ته صارفين کي منصفاڻي قيمتن تي اٽو ملي ذخيرو اندوزن خلاف ڪريڪ ڊائون جو حڪم: خوراڪ کاتي پاران پيش ڪيل تجويزن جو جائزو وٺندي وڏي وزير اختيارين کي هدايت ڪئي ته هو سنڌ اسينشل ڪموڊٽيز پرائس ڪنٽرول اينڊ پريوينشن آف پرافٽيرنگ اينڊ هورڊنگ ايڪٽ، 2005 تحت فوري طور تي انفورسمينٽ کي تيز ڪن هن ضلعي انتظاميا کي غير قانوني ذخيرن جي نشاندهي ڪرڻ، گودامن جو معائنو ڪرڻ ۽ غير لائسنس يافته ڪڻڪ جي واپارين خلاف ڪارروائي ڪرڻ جو حڪم ڏنو اجلاس کي ٻڌايو ويو ته صوبي ڪان ٻاهر ڪڻڪ جي غير مجاز نقل و حرڪت کي روڪڻ لاءِ بارڊر مانيٽرنگ اڳ ۾ ئي شروع ڪئي وئي آهي مراد شاهه خوراڪ کاتي کي هدايت ڪئي ته اهي سنڌ ۾ ڪڻڪ جي اسٽاڪ جي سخت مانيٽرنگ ڪن، ڪڻڪ جي اسٽوريج ۽ ٽريڊنگ لاءِ لائسنسنگ جي ضرورتن کي نافذ ڪن ذخيرو اندوزن ۽ منافعي خورن خلاف قانوني ڪارروائي ڪن غير مجاز ڪڻڪ جي نقل و حرڪت کي روڪڻ لاءِ بارڊر سيلنگ/سڪيورٽي کي مضبوط ڪن قيمتن کي مستحڪم ڪرڻ لاءِ باقاعده مارڪيٽ سپلائي کي يقيني بڻائين ۽ فلور ملن لاءِ اسٽاڪ جي حد مقرر ڪرڻ جي تجويزن کي تيز ڪن وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته فلور ملن لاءِ اسٽاڪ جي حد مقرر ڪرڻ جي تجويز واري سمري اڳ ۾ ئي سنڌ ڪابينا جي غور لاءِ پيش ڪئي وئي آهي اها تجويز به ڏني وئي ته غير قانوني ذخيرو اندوزن کان ضبط ڪيل ڪڻڪ کي سرڪاري طور تي خريد ڪيل ڪڻڪ طور سمجهيو وڃي ۽ ان کي سرڪاري گودامن ۾ منتقل ڪيو وڃي تجويز تحت، ضبط ڪيل اسٽاڪ جي مالڪن کي 3,500 رپيا في 40 ڪلوگرام جي شرح سان معاوضو ڏنو ويندو اجلاس جو اختتام ڪندي مراد شاهه تمام لاڳاپيل کاتن کي ويجهو رابطو برقرار رکڻ ۽ ڪڻڪ جي اسٽاڪ، قيمتن ۽ مارڪيٽ جي صورتحال تي باقاعده رپورٽون پيش ڪرڻ جي هدايت ڪئي وڏي وزير چيو ته اسان جو مقصد سڌو سنئون آهي ته ڪڻڪ ۽ اٽو سنڌ جي هر شهري لاءِ دستياب، سستو ۽ پهچ ۾ هجڻ گهرجي مارڪيٽ ۾ ڦيرڦار ڪرڻ جي ڪنهن کي به اجازت نه ڏني ويندي

بقايا 30 روزاني عبرت

سگهي ٿو ۽ نه ئي ختم ڪري سگهي ٿو اهو ٻنهي ملڪن وچ ۾ قانوني طور تي پابند عالمي معاهدو آهي، جيڪو خطي ۾ امن استحڪام ۽ پاڪستان جي آبي تحفظ لاءِ تمام گهڻي اهميت رکي ٿو اڱاري ڏينهن اسلام آباد ۾ سنڌ طاس معاهدو: امن ۽ علائقائي استحڪام جو ذريعو جي منعقد عالمي سيمينار کي خطاب ڪندي سيد مهر علي شاهه چيو ته سنڌ طاس معاهدو پاڪستان ۽ ڀارت وچ ۾ هڪ حتمي ۽ قانوني تصفيو آهي جنهن ۾ ڪنهن به ڌر کي هڪ طرفي طور سياسي فيصلي ذريعي ان کي معطل يا ختم ڪرڻ جو اختيار حاصل ناهي هن چيو ته سنڌ طاس معاهدو بنيادي طور تي ان مقصد لاءِ جوڙيو ويو هو ته پاڻي جي معاملن کي سياسي تڪرارن کان ڌار رکيو وڃي ۽ ٻنهي ملڪن وچ ۾ امڪاني چڪتاءُ کي روڪي سگهجي. هن جو چوڻ هو ته معاهدي جو آرٽيڪل 9 ٻنهي ملڪن وچ ۾ پيدا ٿيندڙ تڪرارن جي حل لاءِ هڪ جامع ۽ واضح طريقيڪار فراهم ڪري ٿو پاڪستان جي انڊس واٽرز ڪمشنر چيو ته معاهدي تحت ڀارت تي لازم آهي ته هو پاڪستان سان درياهن جي وهڪري ۽ هائيڊرولاجيڪل ڊيٽا جي وقت سر ڏي وٺ ڪري، هن چيو ته ڀارت طرفان گهربل آبي ڊيٽا فراهم نه ڪرڻ ڳڻتي جو سبب آهي چاڪاڻ ته هيٺين وهڪري واري ملڪ لاءِ وقت سر آبي انگ اکر پاڻي جي اثرائتي انتظام ۽ امڪاني خطرن کي منهن ڏيڻ لاءِ اهم هوندا آهن. هن چيو ته سنڌ طاس معاهدي جي عملي ڍانچي ۽ ان جي ضابطيڪار جو تحفظ علائقائي استحڪام لاءِ ضروري آهي. هن چيو ته هي معاهدو دنيا جي ڪامياب ترين عالمي آبي حصيداري جي معاهدن ۾ شمار ٿيندو آهي ۽ گڏيل آبي وسيلن تي پرامن تعاون جو هڪ عالمي مثال به آهي هن واضح ڪيو ته پاڪستان کي اهڙن پن بجلي منصوبن تي ڪو اعتراض ناهي جيڪي سنڌ طاس معاهدي جي شرطن موجب هجن جڏهن ته ڀارت طرفان معاهدي کي معطل ڪرڻ جي ڪنهن به ڪوشش کي عالمي قانون جي خلاف ورزي قرار ڏنو ويندو هن ٻنهي ملڪن تي زور ڀريو ته هو پنهنجي عالمي ذميوارين ۽ معاهدي تحت ڪيل واعدن جي مڪمل پاسداري ڪن. سندس چوڻ هو ته پاڻي کي ڪڏهن به سياسي يا جنگي هٿيار طور استعمال نه ڪرڻ گهرجي. هن ان عزم جو ورجاءُ ڪيو ته پاڪستان سنڌ طاس معاهدي تي مڪمل عملدرآمد لاءِ پرعزم آهي ۽ معاهدي جي شقن موجب سنڌو درياهه جي طاس ۾ پنهنجي جائز آبي حصي جو هر قيمت تي تحفظ جاري رکندو

بقايا 31 روزاني عبرت

علائقن ۾ مبينا مقابلن ۽ فائرنگ جا واقعا، ٽي مبينا جوابدار ۽ هڪ شهري فوت ڪراچي ۾ پير ۽ اڱاري جي وچ واري رات مختلف هنڌن تي پيش آيل مبينا پوليس مقابلن ۽ فائرنگ جي واقعن ۾ ٽي مبينا جوابدار مارجي ويا، جڏهن ته هڪ شهري پڻ حياتي وڃائي ويٺو پوليس اختيارين موجب لانڍي جي علائقي چشم ڳوٺ ويجهو مبينا پوليس مقابلي دوران سخين نالي هڪ مبينا ڦورو مارجي ويو شاهه لطيف ٽائون ۾ به هڪ مبينا پوليس مقابلي دوران هڪ مبينا جوابدار مارجي ويو جنهن جي سڃاڻپ اڃا تائين نه ٿي سگهي آهي هوڏانهن سچل واري علائقي ۾ هڪ شهري جي فائرنگ ۾ هڪ مبينا ڦورو مارجي ويو جنهن جي سڃاڻپ پڻ اڃا تائين سامهون نه اچي سگهي آهي پوليس واقعي بابت جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي ريسڪيو اختيارين موجب شاهه لطيف ٽائون جي سيڪٽر 16-اي ويجهو فائرنگ جي هڪ ٻئي واقعي ۾ 45 ورهين جو غلام علي فوت ٿي ويو پوليس موجب سڀني واقعن بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي

بقايا 32 روزاني عبرت

ڀڃڪڙي تي عمان کان آيل سامونڊي جهاز تي 15 لک رپين جو ڏنڊ، ڪراچي ۾ فيڊرل انويسٽيگيشن ايجنسي (ايف آءِ اي) اميگريشن قانونن جي ڀڃڪڙي تي عمان ڪان آيل هڪ تجارتي سامونڊي جهاز تي 15 لک رپين جو ڏنڊ لاڳو ڪري ڇڏيو ايف آءِ اي جي ترجمان موجب عمان ڪان آيل تجارتي جهاز ايم ٽي ٽنا ڪراچي پورٽ تي پهتو جتي ايف آءِ اي اميگريشن عملي معمول موجب جهاز ۽ ان جي عملي جي سفري دستاويزن جي سخت جانچ ۽ اميگريشن ڪليئرنس جو عمل شروع ڪيو جانچ دوران عملي جي ڪن ميمبرن جي دستاويزن ۾ سنگين بي ضابطگيون سامهون آيون عملي ۾ شامل ٻن يمني شهرين وٽ موجود سي مين بڪ جي مدي ختم ٿي چڪي هئي، جڏهن ته هڪ مصري عملي جي ميمبر وٽان بيليز سان لاڳاپيل غير واسطيدار ۽ مشڪوڪ سي مين بڪ هٿ آئي انهن ڀڃڪڙين تي ايف آءِ اي اختيارين جهاز جي ماسٽر کي فوري طور وضاحت طلب نوٽيس جاري ڪيو پر هو پنهنجي عملي جا صحيح ۽ قانوني سرٽيفڪيٽ پيش ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو بعد ۾ جهاز جي ماسٽر پنهنجي لکت واري وضاحت ۾ اميگريشن قانونن جي ڀڃڪڙي ۽ پنهنجي غلطي جو اعتراف ڪيو اميگريشن قانونن ۽ بين الاقوامي سامونڊي ضابطن جي ڀڃڪڙي تي ايف آءِ اي جهاز جي مقامي ايجنٽ تي 15 لک رپين جو ڏنڊ لاڳو ڪيس جيڪو قومي خزاني ۾ جمع ڪرايو ويندو ترجمان موجب ڪراچي جي بندرگاهن تي پرڏيهي عملي ۽ انهن جي دستاويزن جي نگراني وڌيڪ سخت ڪئي وئي آهي، جڏهن ته ڪنهن به مشڪوڪ يا غير قانوني دستاويز بابت زيرو ٽالرنس پاليسي تي سختي سان عمل جاري رهندو

بقايا 33 روزاني عبرت

سيڪريٽري سفير آمنه بلوچ پرڏيهي وزارت ۾ پاڪستان جي دوري تي آيل او پي سي ڊبليو جي وفد جو استقبال ڪيو ۽ ڪيميائي هٿيارن جي ڪنوينشن (سي ڊبليو سي) تي مڪمل ۽ موثر عملدرآمد جي لاءِ پاڪستان جي اٽل عزم جو ورجاءُ ڪيو اڱاري ڏينهن پرڏيهي وزارت پاران جاري بيان موجب ان کان اڳ ايڊيشنل پرڏيهي سيڪريٽري ۽ ترجمان سفير طاهر حسين اندرابي وفد کي ڪيميائي هٿيارن جي ڪنوينشن تي پاڪستان جي عملدرآمد، هٿيارن جي خاتمي ۽ عدم ڦهلاءَ بابت وسيع تر ترجيحن ۽ او پي سي ڊبليو جي اندر پاڪستان جي تعميري ڪردار ۽ فعال تعاون بابت بريفنگ ڏني اهو وفد 16 ملڪن سان تعلق رکندڙ 19 نالي وارن ماهرن ۽ نمائندن تي ٻڌل آهي جيڪو "ڪيمسٽري جي پرامن استعمال بابت فورم" ۾ شرڪت جي لاءِ اسلام آباد ۾ موجود آهي اهو فورم 30 جون کان 2 جولاءِ 2026ع تائين منعقد ٿي رهيو آهي. پاڪستان ۽ او پي سي ڊبليو پاران ڪيميائي هٿيارن جي ڪنوينشن جي آرٽيڪل-11 تحت گڏيل طور تي منعقد ڪيو ويندڙ ان فورم جو مقصد ڪيميائي تحفظ ۽ سلامتي ڪيميڪلز جي لوس انتظام سائنسي تحقيق ۾ ذميوارانه طرز عمل ۽ ڪيمسٽري جي پرامن استعمال جي فروغ جي لاءِ عالمي ماهرن ۽ علائقائي نمائندن جي وچ ۾ تعاون کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ آهي

بقايا 34 روزاني عبرت

آهي ته ڏکڻ ايشيا ۾ امن ۽ استحڪام ۽ پائيدار ترقي لاءِ سنڌ طاس معاهدي جو برقرار رهڻ ضروري آهي، چاڪاڻ ته هي ٻنهي ملڪن وچ ۾ پاڻي جي منصفاڻي ورهاست جو بنيادي معاهدو آهي اسلام آباد ۾ منعقد سيمينار کي خطاب ڪندي هن چيو ته سنڌ طاس معاهدي جي هڪ طرفي معطلي نه رڳو ان جي روح جي ابتڙ آهي پر سڄي خطي جي امن ۽ استحڪام لاءِ نقصانده ثابت ٿي سگهي ٿي هن چيو ته پاڻي جي قدرتي وهڪري ۾ ڪير ڦيرار يا ان جي انتظام ۾ هڪ طرفا قدم پاڪستان جي زرعي شعبي تي ناڪاري اثر وجهي سگهن ٿا، چاڪاڻ ته پاڪستان جي اٽڪل 80 سيڪڙو زراعت درياهن جي پاڻيءَ تي ڀاڙي ٿي هن چيو ته پاڻي جهڙي حساس معاملي تي هڪ طرفيون پاليسيون عالمي اعتماد کي به متاثر ڪن ٿيون ۽ رياستن وچ ۾ تعاون جي ماحول کي ڪمزور ڪن ٿيون هن چيو ته پاڻي جي وسيلن تي تعاون، گڏيل احترام ۽ معاهدن جي پاسداري ئي ڏکڻ ايشيا ۾ ڏگهي امن ۽ استحڪام جي قيام جو بنياد بڻجي سگهي ٿي احمد جواد چيو ته جيڪڏهن ڀارت مٿانهين وارن علائقن ۾ وڌيڪ آبي ڍانچا تعمير ڪري ٿو يا اهڙا قدم کڻي ٿو جن سان پاڻي جي وهڪري تي نمايان اثر پون ته ان سان خطي ۾ چڪتاءُ وڌڻ جو خدشو پيدا ٿيندو هن زور ڀريو ته سمورين لاڳاپيل ڌرين کي عالمي معاهدن ذميوارين ۽ ڳالهين ذريعي مسئلن جو حل ڳولهڻ گهرجي، ته جيئن خطي ۾ امن، تعاون ۽ گڏيل اعتماد کي هٿي وٺائي سگهجي هن عالمي برادري تي به زور ڀريو ته هو عالمي معاهدن جي احترام، آبي وسيلن جي منصفاڻي انتظام ۽ خطي ۾ پائيدار امن کي هٿي وٺائڻ لاءِ پنهنجو هاڪاري ڪردار ادا ڪري هن چيو ته سنڌ طاس معاهدو پاڪستان جي 24 ڪروڙ کان وڌيڪ عوام جي زندگيءَ جي شهه رڳ تي آهي ۽ ان تي ڪنهن به سمجهوتي جو تصور به نٿو ڪري سگهجي

بقايا 35 روزاني عبرت

جنهن ۾ سنڌ ايجوڪيشنل اينڊومينٽ فنڊ ٽرسٽ جي سيڙپڪاري، ٿرڊ پارٽي آڊٽ، اسڪالرشپ نظام جي ڊجيٽلائيزيشن، نون تعليمي ادارن جي شموليت ۽ موجوده يونيورسٽين جي سيٽن جي ٻيهر ترتيب سميت اهم معاملن تي تفصيلي ويچار ڪيو ويو اجلاس ۾ اسپيشل سيڪريٽري فرخ شهزاد، مئنيجنگ ڊائريڪٽر سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن غنور علي لغاري، وائيس چانسلر سکر آءِ بي اي يونيورسٽي پروفيسر آصف احمد شيخ، چيف انويسٽمينٽ آفيسر فنانس رضا عباس، ڊائريڪٽر فنانس آءِ بي اي ڪراچي معيد سلطان سميت لاڳاپيل ادارن جي نمائندن ۽ آفيسرن شرڪت ڪئي اجلاس ۾ سيڪريٽري نديم ميمڻ ڪاليج ايجوڪيشن کاتي جي سيڙپڪاري پاليسي جو مسودو تيار ڪرڻ لاءِ مالياتي ماهرن جي خاص ڪميٽي جوڙي ڇڏي ۽ هدايت ڪئي ته فنڊز جي سيڙپڪاري مان وڌ کان وڌ منافعو حاصل ڪيو وڃي پر سمورا قدم قانون، ضابطن، حڪومتي پاليسي، بائي لاز ۽ ٻين لاڳاپيل ضابطن موجب کنيا وڃن اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته مالي سال 2025-26 لاءِ ٿرڊ پارٽي آڊٽ فرم جون خدمتون ٻن سالن لاءِ حاصل ڪيون وينديون سيڪريٽري نديم ميمڻ هدايت ڪئي ته مقرري جو سمورو عمل سيپرا قانونن موجب مڪمل ڪيو وڃي، اين آءِ ٽي جاري ڪري شفاف مقابلي واري عمل ذريعي گهٽ ۾ گهٽ مناسب بولي ڏيندڙ فرم جي چونڊ ڪئي وڃي، جڏهن ته سمورين منظورين ۽ خريداري جا مرحلا قانون ۽ ضابطن موجب مڪمل ڪيا وڃن اجلاس ۾ سيڪريٽري ڪاليجز نديم ميمڻ سنڌ ايجوڪيشنل اينڊومينٽ فنڊ جي اسڪالرشپ نظام جي ڊجيٽلائيزيشن لاءِ اسمارٽ پورٽل تي ڪم شروع ڪرڻ جي هدايت ڪئي ته جيئن منظوري لاءِ بورڊ آڏو پيش ڪيو وڃي ۽ ايندڙ سال لاڳو ٿئي اجلاس ۾ نون تعليمي ادارن ۽ يونيورسٽين کي ايجوڪيشنل اينڊومينٽ فنڊ ٽرسٽ پينل ۾ شامل ڪرڻ جي درخواستن جو به جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ موجوده يونيورسٽين ۽ ادارن جي سيٽن جي ٻيهر ترتيب واري معاملي تي مالي وسيلن ۽ خرچن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو جنهن تي سيڪريٽري نديم ميمڻ خاص ڪميٽي جوڙي جو هڪ هفتي ۾ سفارشون پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو سيڪريٽري نديم الرحمان ميمڻ واضح هدايتون جاري ڪيون ته کاتي کي مالي خساري کان هر صورت ۾ بچائڻو پوندو ۽ دستياب وسيلن جو بهترين استعمال يقيني بڻايو وڃي وڌيڪ خرچ وارن ادارن جي سيٽن جو ٻيهر جائزو وٺو ته جيئن ساڳين وسيلن مان وڌ کان وڌ مستحق شاگردن کي تعليمي موقعا فراهم ڪري سگهجن. اسان کي نجي ادارن تي غير معمولي خرچن بدران ساڳي رقم مان وڌيڪ ۽ مستحق شاگردن کي موقعا فراهم ڪرڻا آهن کاتي جو مالي استحڪام ۽ وڌ کان وڌ شاگردن جو مفاد اولين ترجيح آهي

بقايا 36 روزاني عبرت

راجپوت خاص طور شرڪت ڪئي تقريب ۾ شاگردن صوبائي محتسب سنڌ جي ايمبيسڊر طور پنهنجي تجربي بابت سمورن شرڪت ڪندڙن کي آگاهه ڪيو ۽ صوبائي محتسب سنڌ جي آفيس بابت مختلف سروي ۽ پريزنٽيشنون پيش ڪيون ان موقعي تي صوبائي محتسب سنڌ محمد سهيل راجپوت شاگرد ايمبيسڊرز جي ڪوششن کي ساراهيندي چيو ته عوامي شڪايتن جي داخل ڪرڻ واري طريقي ۾ وڌيڪ بهتري لاءِ ڪم جاري آهي ڪمپلينٽ مئنيجمينٽ سسٽم گيم چينجر جي حيثيت اختيار ڪري چڪو آهي جنهن ذريعي داخل ٿيل عوامي شڪايتن جي قدم بقدم ۽ وقت تي مانيٽرنگ ڪئي پئي وڃي. هن چيو ته عام تاثر آهي ته اسان ڪجهه طاقتور کاتن خلاف ڪارروائي نٿا ڪري سگهون پر حقيقت ان جي ابتڙ آهي عوام جي اعتماد ۽ فوري انصاف جي فراهمي لاءِ ڀرپور قدم کڻي رهيا آهيون جڏهن ته عوامي آگاهي لاءِ سمورن ضلعن ۾ ماهوار کليون ڪچهريون سيمينار سميت مختلف پروگرام پڻ جاري آهن بعد ۾ صوبائي محتسب سنڌ محمد سهيل راجپوت شاگردن کي تعريفي سندون ورهايون. تقريب ۾ سيڪريٽري صوبائي محتسب سنڌ سيد جنيد احمد، رجسٽرار مسعود عشرت، ايڊوائيزر ريحانه جي علي ميمڻ ۽ ٻيا پڻ موجود هئا

بقايا 37 روزاني عبرت

گهرو وزير هدايت ڪئي آهي ته جديد جاچ ٽيڪنالاجي، سي سي ٽي وي فوٽيج ۽ ڊجيٽل ثبوتن جي مدد سان جوابدارن کي فوري طور سڃاڻي گرفتار ڪيو وڃي هن چيو ته سيف سٽي ڪيمرائن، موبائل ڊيٽا ۽ فرانزڪ ثبوتن ذريعي جوابدارن تائين پهچ هر صورت ۾ يقيني بڻائي وڃي ضياءُ الحسن لنجار هدايت ڪئي ته خاص پوليس ٽيمون جوڙي سمورا موجود وسيلا استعمال ڪندي جوابدارن کي جلد قانون جي گرفت ۾ آندو وڃي هن وڌيڪ چيو ته زخمين کي هر ممڪن طبي سهولتون فراهم ڪيون وڃن ۽ واقعي جي شفاف، غيرجانبدار ۽ مڪمل جاچ يقيني بڻائي وڃي گهرو وزير چيو ته شهرين جي جان ۽ مال تي حملو ڪندڙ عنصر ڪنهن به رعايت جا حقدار ناهن انهن کي جلد کان جلد گرفتار ڪيو وڃي هن هدايت ڪئي ته وارادات جي سڀني پهلوئن جو گهري جائزو وٺي جوابدارن جي سهولتڪارن کي به قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي ضياءُ الحسن لنجار چيو ته ڪراچي ۾ اسٽريٽ ڪرائيم جي خاتمي لاءِ انٽيليجنس بنياد تي ڪارروايون کي وڌيڪ اثرائتو بڻايو وڃي هن زور ڀريو ته جوابدارن جي جلد گرفتاري، وارادات جا سمورا تفصيل سامهون آڻڻ ۽ قانون جي بنا امتياز عملداري هر حال ۾ يقيني بڻائي وڃي

بقايا 38 روزاني عبرت

فوري طور جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو ريسڪيو ذريعن موجب زخمين جي سڃاڻپ 21 ورهين جي حافظ علي حيدر 20 ورهين جي سماس 19 ورهين جي مبشر 22 ورهين جي حافظ محمد طلحه ۽ حافظ محسن رضا طور ٿي آهي ذريعن موجب سڀئي زخمي پنجاب جي شهر گوجرانوالا سان تعلق رکن ٿا ۽ فيضان مدينه پراڻي سبزي منڊي واري قافلي سان گڏ ڪراچي آيا هئا. زخمي حافظ محسن جي بيان موجب اٺ ڄڻا هڪ رڪشي ۾ سوار ٿي حضرت عبدالله شاهه غازيؒ جي مزار تي حاضري لاءِ وڃي رهيا هئا ته ڊو تلوار ويجهو هٿياربندن کين روڪڻ جي ڪوشش ڪئي، رڪشي ڊرائيور نه بيهڻ تي جوابدارن فائرنگ ڪري ڏني جنهن جي نتيجي ۾ پنج ڄڻا زخمي ٿي پيا. جوابدار وارادات ڪانپوءِ زخمين کان موبائل فون پڻ ڦري فرار ٿي ويا. پوليس موجب زخمين جا بيان قلمبند ڪيا پيا وڃن، جڏهن ته اهو پڻ جاچيو پيو وڃي ته واقعو ڦر دوران مزاحمت سبب پيش آيو يا ان جي پٺيان ڪو ٻيو محرڪ هو واقعي بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي

روزاني
عبرت

ايڊيٽوريل
پاڻي، اسان لاءِ بقا جو معاملو!
صفحو 4

نثار ٻانڀڻ
تربيت نصيحت نہ، ورجاءُ آهي
صفحو 4

ڪشمير، گلگت بلتستان ۽ قومي سياست!
محمد خان ابڙو
صفحو 4

مختيار اَنڙ
اڄوڪو ڏينهن —— پهرين
صفحو 4

ٽنڊوغلام علي ۾ ڀهرو شاخ جي پوڇڙي جي آبادگارن جو پاڻي جي هڙرادو ڪوٽ خلاف مظاهرو ڌرڻو

پوڇڙي جي آبادگارن جو پاڻي جي هڙرادو ڪوٽ خلاف رزاق بوزدار جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو

باا ثر راشي ايس ڊي او ذوالفقار لاشاري اسان جي حصي جو پاڻي مڱ جي باا ثر زميندارن کي رشوت عيوض وڪرو ڪري ڇڏيو آهي: مظاهرين

لکين روپين جو پوکيل فصل سڪي ويا آهن پيئڻ جو پاڻي نہ هئڻ ڪري چوپايو مال ۽ پکي ٻہ اڃ ۽ بک وگهي مري رهيا آهن

ٽنڊوغلام علي ٽنڊوغلام علي شاخ تي آبادگار احتجاجي مظاهرو ڪندي

ٽنڊوغلام علي(ن ع) ٽنڊوغلام علي ۽ ڀهرو شاخ جي پوڇڙي جي 50 کان مٿي آبادگارن جو پاڻي جي هڙرادو ڪوٽ خلاف رزاق بوزدار جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڌرڻو خبر موجب نصير ڪئنال جي بڪيراڻي سب ڊويزن مان نڪرندڙ ٽنڊوغلام علي شاخ ۽ ڀهرو شاخ جي پوڇڙي جي آبادگارن جو پاڻي جي هڙرادو ڪوٽ خلاف 50 کان مٿي آبادگارن جو رزاق بوزدار جي اڳواڻي ۾ هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي راشي ايس ڊي او ذوالفقار لاشاري هٽايو پوڇڙي جا آبادگار بچايو جهڙا نعرا هڻندا احتجاجي مظاهرو ڪندا ٽنڊوغلام علي ۽ ماتلي مين روڊ شاخ جي موري تي پهتا جتي قومي عوامي تحريڪ جو مرڪزي اڳواڻ ۽ سنڌي آبادگار تحريڪ سنڌ جي صدر انور نوحاڻي آبادگار رزاق بوزدار ڪامريڊ مختيار عادل رضوان بوزدار ۽ ٻين آبادگار صحافين کي احتجاج ڪندي ٻڌايو تہ حد جو باا ثر راشي ايس ڊي او ذوالفقار لاشاري اسان جي حصي جو پاڻي مڱ جي باا ثر زميندارن کي رشوت عيوض وڪرو ڪري پوڇڙي جي آبادگارن کي ايريگيشن جي نااهل راشي عملي اسان کي هٿ وٺي تباهہ ڪري رهيو آهي جنهن جي ڪري اسان جو لکين روپين جو پوکيل فصل سڪي ويا آهن پيئڻ جو پاڻي نہ هئڻ ڪري چوپايو مال ۽ پکي ٻہ اڃ ۽ بک وگهي مري رهيا آهن هٿن چيو تہ جر جو پاڻي خراب هئڻ ڪري اسان پيئڻ جو پاڻي ٽنڊوغلام علي ۽ ٻين علائقن مان گاڏين ذريعي ڀري ڪٿي ايندا آهيون هٿن سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو آهي ٽنڊوغلام علي شاخ جي راشي ايس ڊي او کي هٽائي اسان پوڇڙي جي آبادگارن کي پاڻي پهچائي ڏنو وڃي ۽ هٿن چيو تہ هٿان جي چونڊيل نمائيندن کي گهرجي تہ پنهنجي ووٽرن جي سار لهن نہ تہ ٻي صورت ۾ خميس جي ڏينهن کان ٽنڊوغلام علي شاخ تي بک هڙتالي ڪئمپ لڳائي ويندي.

ڪوٽڏيجي لڳ ڳوٺ منٺ فقير ۾ 6 هٿياربندن جي لکمير ڪانڌڙو جي گهر تي چڙهائي

هٿياربندن لکمير ڪانڌڙو جي گهر ۾ داخل ٿي 18 سالہ مسمات صاحبان کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي

نوجوان عورت مسمات صاحبان ڪانڌڙو زال عرفان ڪانڌڙو کي مرٽينگ ڪرڻ بعد فائرنگ ڪندا آسانيءَ سان فرار

زخمي عورت کي ڪوٽڏيجي ٿاڻي تان ليٽر حاصل ڪرڻ بعد سول اسپتال ڪوٽڏيجي منتقل ڪيو ويو، حالت سڌرندڙ ٻڌائي وئي

خيرپور (ڊ ر) ڪوٽڏيجي لڳ ڳوٺ منٺ فقير ۾ تقريبن 6 هٿياربندن ٽڪر ٽوڙ مزدور يونين ضلع خيرپور جي سينئر نائب صدر لکمير ڪانڌڙو جي گهر ۾ داخل ٿي 18 سالہ مسمات صاحبان کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن تي هن مزاحمت ڪئي تہ جوابدارن هٿيار سان فائرنگ ڪري نوجوان عورت مسمات صاحبان ڪانڌڙو زال عرفان ڪانڌڙو کي مرٽينگ ڪرڻ بعد فائرنگ ڪندا آساني سان فرار ٿي ويا جڏهن تہ زخمي عورت کي ڪوٽڏيجي ٿاڻي تان ليٽر حاصل ڪرڻ بعد سول اسپتال ڪوٽڏيجي منتقل ڪيو ويو جتي ملم پٽي ڪرڻ بعد هدايت جتوئي ويلفيئر ٽرسٽ جي امبولنس ۾ سول اسپتال خيرپور منتقل ڪيو ويو.

دوڙ جي منهڙو مائينر ۾ پاڻي جي هڙرادو ڪوٽ خلاف سوين آبادگارن روڊن تي نڪري آيا

سوين آبادگارن پاران مهراڻ هاءِ وي دوڙ جي زيرو پوائنٽ تي گڏ ٿي پاڻي جي ڪوٽ خلاف احتجاج، نعريبازي

پاڻي ناهي چو پلا ڪربلا ڪربلا نااهل راشي انجنيئر ۽ عملي کي هٽايو آبادگارن جو معاشي قتل عام بند ڪرايو جا نعره

مهراڻ هائي وي جي ٻنهي پاسن کان ايندڙ ويندڙ سوين گاڏين جون قطارون لڳي ويون، مسافرن کي سخت پريشاني جو منهن ڏسڻو پيو

دوڙ (ن ع) دوڙ جي منهڙو مائينر ۾ پاڻي جي هڙرادو ڪوٽ خلاف منهڙو مائينر جي پرپاسي جي ڪئي ڳوٺن جي سوين آبادگارن پاران مهراڻ هاءِ وي دوڙ جي زيرو پوائنٽ تي گڏ ٿي پاڻي جي ڪوٽ خلاف سخت احتجاج ڪيو مظاهرين زور دار نعري بازي ڪئي وٺي پاڻي ناهي چو پلا ڪربلا ڪربلا نااهل راشي انجنيئر ۽ عملي کي هٽايو آبادگارن جو معاشي قتل عام بند ڪرايو احتجاج دوڙ مهراڻ هائي وي روڊ تي منهڙو مائينر جي سوين آبادگارن جي اڳواڻي آصف لاشاري سميت سوين هاري پورهيت آبادگار گڏ ٿي احتجاجي مظاهرو ڪري انجنيئرخلاف سخت نعريبازي ڪئي مهراڻ هائي وي روڊ کي ٻنهي پاسن کي ڪري ڇڏيو جنهن سان ٻنهي پاسن کان ايندڙ ويندڙ سوين گاڏين جون قطارون لڳي ويون جنهن سان هن سوت مار گرمي ۾ ننهڙ آس ۾ مسافرن کي سخت پريشاني جو منهن ڏسڻو پيو جنهن بعد سوين مظاهرين احتجاج جو دائرو وڌائيندي آڳتي نارا هٽندا نواب شاهہ طرف رخ ڪيو.

حاضر سروس ۽ رٽائرڊ سرڪاري ملازمن جا مسئلا بنا دير حل ڪيا وڃن: ريجنل ڊائريڪٽر لاڙڪاڻو علي اڪبر جاگيراڻي

لاڙڪاڻو (اي پي پي) صوبائي محتسب سنڌ جي ريجنل ڊائريڪٽر لاڙڪاڻو علي اڪبر جاگيراڻي چيو آهي تہ حاضر سروس ۽ رٽائرڊ سرڪاري ملازمن جا مسئلا بنا دير حل ڪيا وڃن پگهارون پينشن جي پي فنڊ ۽ ٻيون رهتون قانوني گهرجون پوريون ڪرڻ ڪانپوءِ ادا ڪيون وڃن ۽ جن بابت رڪاوٽون درپيش آهن انهن کي اي جي سنڌ ڏانهن موڪليو وڃي اهڙن خيالن جو اظهار هن ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيس لاڙڪاڻو ۾ ملازمن جي مسئلن جي حل جي سلسلي ۾ منعقد ڪيل هڪ کلي ڪچهريءَ ۾ ڳالهائيندي ڪيو هن چيو تہ جن بہ ملازمن جون رهتون خاص طور تي جي پي فنڊ ۽ پينشن رهيل آهن انهن جون وقت سر ادائگيون ڪيون وڃن تہ جيئن کين ڪا بہ تڪليف درپيش نہ اچي هن وڌيڪ چيو تہ انهن ملازمن بابت تفصيلي رپورٽ ڏني وڃي جن کي ادائگيون ڪيون ويون آهن ۽ جن کي ادائگيون نہ ٿيون آهن انهن بابت پڻ ٻڌايو وڃي ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيسر لاڙڪاڻو ضمير حسين ڪوڪر ڳالهائيندي چيو تہ سڀني ملازمن جا مسئلا حل ڪيا وڃن ٿا ۽ ڪنهن بہ قسم جي دير نہ ڪئي پئي وڃي پر ان لاءِ ضروري آهي تہ ملازمن جا گهربل ڪاغذات پورا هئڻ گهرجن ۽ قانوني گهرجون پوريون هئڻ گهرجن کليل ڪچهريءَ ۾ ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيسر لاڙڪاڻو عبدالفتاح سومرو آفيس جي عملي کي هدايتون ڏيندي چيو تہ جن ماڻهن جا ڪيس خاص طور تي جي پي فنڊ ۽ ٻيون رهتون رهيل آهن اهي اڪلايون وڃن هن اهو پڻ چيو تہ جن بہ ملازمن جي پينشن ۽ ٻي بقاياجات رهيل آهي اها اڪائونٽنٽ جنرل سنڌ جي اجازت ڪانپوءِ ان جي ادائيگي ڪئي ويندي ان سان گڏوگڏ پگهارن جي ڊفرنس بلن جي ادائيگيءَ لاءِ لاڳاپيل اداري جي اجازت لازمي آهي ان کان علاوه جيڪي پراڻا ڪيس رهيل آهن انهن بابت اداري کي لکيو ويندو ۽ انهن جو جواب حاصل ٿيڻ ڪانپوءِ اهي ڪيس حل لاءِ اعليٰ اختيارين ڏانهن موڪليا ويندا کلي ڪچهريءَ ۾ تقريبن 10 شڪايتون مليون جن کي وقت سر اڪلايو ويو درخواستگذارن ۾ مسمات ممتاز، مسمات رفيعہ، عبدالحق ڪوسو علي نواز جوڻيجو محمد خان ۽ ٻيا پڻ شامل هئا، جيڪي مختلف سرڪاري کاتن سان واسطو رکندڙ هئا.

ڪوٽ غلام محمد ۾ منشيات فروشن جو غريب پورهيت جي گهر تي مبينا حملو

حملي سبب 20 ڏينهن جي معصوم ٻار سميت خاندان خوف ۾ مبتلا، انصاف لاءِ احتجاج

جوابدار اڳ بہ ڪيترائي ڀيرا سندن گهر تي حملو ڪري چڪا آهن: متاثرن جي دانهن

ڪوٽ غلام محمد (ن ع) منشيات فروشن جو غريب پورهيت جي گهر تي مبينا حملو 20 ڏينهن جي معصوم ٻار سميت خاندان خوف ۾ انصاف لاءِ احتجاج، تعلقي ڪوٽ غلام محمد ۾ منشيات جي مبينا ڪاروبار خلاف ڪاررواين جي دعوائن باوجود هڪ غريب پورهيت جي گهر تي مبينا حملي خلاف متاثر خاندان پريس ڪلب ڪوٽ غلام محمد آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري تحفظ جو مطالبو ڪيو ڳوٺ سيد چمن شاهہ ديهہ 295 جي رهواسي پورهيت جاويد ڪنڀر پنهنجي زال مسمات پروين پٽ شاهنواز ۽ ڌيئرن شمائلا ۽ شاهينا سميت احتجاج ڪندي الزام هنيو تہ عرفان ڪنڀر علي شير ڪنڀر ۽ سڪندر ڪنڀر جيڪي سندن چوڻ موجب آئيس ۽ شراب جا عادي آهن نشي جي حالت ۾ سندن گهر ۾ گهڙي پيا ۽ سڀني سان حملو ڪيو متاثر پورهيت جو چوڻ هو تہ حملي دوران سندس ڏهن ڏينهن جو معصوم ٻار لوڏ ۾ ستل هو جنهن کي بہ پٿر لڳا. هن چيو تہ هو ڏهاڙي تي مزدوري ڪري پنهنجي گهر جو گذر سفر هلائي ٿو جڏهن تہ گهر جون عورتون بہ محنت مزدوري ڪن ٿيون پر باوجود ان جي کين بار بار خوف ۽ تشدد جو نشانو بڻايو پيو وڃي جاويد ڪنڀر وڌيڪ الزام هنيو تہ جوابدار اڳ بہ ڪيترائي ڀيرا سندن گهر تي حملو ڪري چڪا آهن ۽ هاڻي ٻيهر کين موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن سندس چوڻ موجب جوابدارن وٽ غيرقانوني هٿيار بہ موجود آهن جنهن سبب سڄو خاندان سخت خوف ۾ مبتلا آهي متاثر خاندان دعويٰ ڪئي تہ هو واقعي بابت لاڳاپيل پوليس ٿاڻي تي بہ ويا، پر سندن چوڻ موجب پوليس طرفان ڪا مؤثر ڪارروائي نہ ڪئي وئي احتجاج ڪندڙن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو تہ واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي، جوابدارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪري کين تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي.

ڪوٽ غلام محمد منشيات فروشن جو گهر تي حملي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

پيپلزپارٽي عوام جي حقن لاءِ پاڻ پتوڙيو آهي: اسفنديار ڪرل

ملڪ جي تعمير ۽ ترقي جي لاءِ پڻ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪيو آهي

عورتن ۽ ٻارڙن جي حقن لاءِ خاص ادارا قائم ڪيا ويا آهن: ملاقات ۾ اظهار

سوڀوديرو(ن ع) پيپلزپارٽي جي نوجوان اڳواڻ بئريسٽر اسفنديار ڪرل جو ڪرل هائوس تي انساني حقن جي اڳواڻ ميڊم شاهده پيلان،فقير محمد عباسي عاسي،غلام جعفر راڄپر،منصور علي ملاح ۽ ٻين سان ڳالهائيندي چوڻ هيو تہ پيپلزپارٽي سان ڪرل خاندان جو پراڻو ۽ گهرو ڳانڍاپو آهي پيپلزپارٽي عوام جي حقن لاءِ پاڻ پتوڙيو آهي ملڪ جي تعمير ۽ ترقي جي لاءِ پڻ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪيو آهي عورتن ۽ ٻارڙن جي حقن لاءِ خاص ادارا قائم ڪيا ويا آهن پي ايس ڪيهہ جي عوام کي اڪيلو نہ ڇڏيو ويندو اسان سندن هر ڏک سک ۾ ساڻن گڏ آهيون پارٽي پاليسي ۽ اعليٰ قيادت جو هر فيصلو قبول هوندو ان موقعي تي انساني حقن جي اڳواڻ ميڊم شاهده پيلان جو چوڻ هيو تہ انساني حقن جي لاءِ حڪومت پاران قائم ڪيل ادارا پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪري رهيا آهن عورتن توڙي ٻارڙن کي خاص حق حاصل آهن

چور ۽ آسپاس اٽي جو اگهہ چوٽ چڙهي ويو

واپارين في مڻ 4500 سئو کان وڌائي 55 سئو ڪري ڇڏيو

غريب عوام سان وڏي ناانصافي آهي ڪو ڪاروائي ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي: رهواسي

چور (ن ع) چور نيو چور ۽ آسپاس ڀرواڙي جي 60 کان مٿي ڳوٺن سٺوهي، ڪوڪراپان، حويلي، نونهيون، اڪيراج، ماڊل ٽيبري، فقير امين منگريو ڪيٽ سنگهہ ڪاراڙي، ٻاڊي، بگري ۽ ٻين ۾ ڪڻڪ جي اٽو جو في مڻ 55 سئو مٿي وڪرو ٿيڻ لڳو آهي جنهن ڪري غريب پورهيت ماڻهو سخت پريشان آهن انهي سلسلي ۾ نور محمد نهڙي، جگت ڏان چارڻ، ڀلاج ڀيل، عمر اعجاز ڪامريڊ رميش پرلوي سوڍو، غلام رسول ۽ ٻين چيو تہ چور نيو چور شهر ۽ ڀرپاسي ڀرواڙي جي مختلف ڳوٺن ۾ اٽڪي چڪي مالڪن توڙي دڪاندارن پنهنجي هڪ هٽي قائم ڪندي ڪڻڪ جي اٽي اگهہ في مڻ 4500 سئو کان وڌائي 55 سئو ڪري ڇڏيو آهي جيڪا غريب عوام سان وڏي ناانصافي آهي ڪو ڪاروائي ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي هنن چيو تي فورن اٽي چڪي مالڪن ۽ دڪاندارن خلاف ڪاروائي مناسب اگهہ ۾ ڪڻڪ جو اٽو فراهم ڪيو يا سرڪاري ڪڻڪ جا اسٽائيل لڳايا وڃن

اسان جا اسڪول اسان جي گهر وانگر آهن: اياز حسين مهيسر

اسڪول ۾ پيل سامان جي حفاظت ائين ڪجي، جيئن گهر جي ڪجي ٿي

گرمي جي ويڪيشن دوران بہ اسان کي پنهنجي اسڪولن جي مالڪي ڪرڻ گهرجي

خيرپور (ڊ ر) ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر پرائمري اسڪول خيرپور اياز حسين مهيسر چيو آهي تہ اسان جا اسڪول اسان جي گهر وانگر آهن ان ۾ پيل سامان جي حفاظت ائين ڪرڻ گهرجي جيئن اسان پنهنجي گهر جي سامان جي حفاظت ڪندا آهيون اهڙي ڳالهہ ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر پرائمري خيرپور اياز حسين مهيسر آفيس ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي اياز حسين مهيسر چيو تہ گرمي جي ويڪيشن دوران بہ اسان کي پنهنجي اسڪولن جي مالڪي ڪرڻ گهرجي اياز حسين مهيسر چيو تہ صوبائي وزير تعليم سيد سردار علي شاهہ، سيڪريٽري تعليم زاهد علي عباسي، ڊائريڪٽر اسڪول ايجوڪيشن پرائمري اسڪول سکر علي اڪبر ڪلهوڙو جن جي ڪوشش آهي تہ هر اسڪول آباد هجي پنهنجي تعلقي ۾ ايجوڪيشن جي حوالي سان ريليون رکرايون وڃن جئين ماڻهن کي تعليم جي اهميت جي خبر پوي ۽ شعور پيدا ٿئي. ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر پرائمري خيرپور اياز حسين مهيسر چيو تہ تعلقا ايجوڪيشن آفيسر پنهنجي تعلقي جي وزٽ ڪري اسڪولن جي مالڪي ڪن لڳائيل گلن بوٽن کي ملندڙ پاڻي وارا فوٽو اسان سان شيئر ڪن نان ٽيچنگ اسٽاف ۽ ايڇ ايمز جي حاضري پڻ چيڪ ڪن.

سنڌ طاس معاهدي تي عالمي سيمينار اسلام آباد ۾ شروع ٿي ويو

اسلام آباد (اي پي پي) سنڌ طاس معاهدي تي عالمي سيمينار اڱاري ڏينهن کان وفاقي گادي واري شهر اسلام آباد جي جناح ڪنوينشن سينٽر ۾ شروع ٿي ويو آهي سنڌ طاس معاهدي جي اهميت، آبي وسيلن جي تحفظ ۽ علائقائي سهڪار بابت عالمي سيمينار ۾ وفاقي وزير، سياسي اڳواڻ، پاڻي ماهر ۽ لاڳاپيل اختياريون شرڪت ڪري رهيون آهن پهرين سيشن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري اهم خطاب ڪندو. جڏهن تہ سنڌ طاس معاهدي بابت پاڪستان جو ڪمشنر سيد مهر علي شاهہ پڻ پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندو. سيشن جي آخر ۾ اڳوڻو وفاقي وزير ڊاڪٽر خرم دستگير خان خطاب ڪندو ٻين سيشنز ۾ موسمياتي تبديلي ۽ ماحولياتي هم آهنگي وارو وفاقي وزير ڊاڪٽر مصدق ملڪ بہ خطاب ڪندو جڏهن تہ نيشنل ڊفينس يونيورسٽي جو اڳوڻو صدر ليفٽيننٽ جنرل (ر) عامر رياض بہ شرڪت ڪندڙن کي خطاب ڪندو. سيشن جي آخر ۾ ملڪ جي اڳوڻي پرڏيهي وزير حنا رباني کر خيالن جو اظهار ڪندي سيمينار جي آخري سيشن جو خصوصي مهمان نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار هوندو جيڪو آخري خطاب ڪندو. سيمينار ۾ سنڌ طاس معاهدي، پاڻي جي وسيلن جو موثر انتظام ڪرڻ ماحولياتي تبديلي جا اثر ۽ خطي ۾ آبي سهڪار بابت مختلف رخن تي تفصيلي طور ويچار ونڊيا ويندا

ٽنڊو محمد خان ۾ درگاهہ سخي المرتضيٰ شاهہ جي عرس مبارڪ تي پ پ ايم پي اي سيداعجاز شاهہ بخاري چادر چاڙهي دعا گهرندي

ٽنڊو محمد خان ۾ سيد سخي المرتضيٰ شاهہ جو عرس مبارڪ

سيد اعجاز حسين شاهہ بخاري ۽ پاڳاري سيد زوهيب حسين شاهہ بخاري چادر چاڙهي

اسان جي سنڌ اوليائن، بزرگن، امن، پيار ۽ محبت جي ڌرتي آهي: سيد اعجاز حسين شاهہ بخاري

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) ٽنڊو محمد خان ۾ سيد سخي المرتضيٰ شاهہ جو عرس مبارڪ وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو ان موقعي درگاهہ سخي المرتضيٰ شاهہ تي پ پ ايم پي اي سيد اعجاز حسين شاهہ بخاري ۽ پاڳاري سيدزوهيب حسين شاهہ بخاري سيد سجاد حسين شاهہ بخاري سيد شاهنواز محسن شاهہ بخاري سيد سلال [illegible] شاهہ بخاري سيد جهانيال شاهہ بخاري سيد شعبان شاهہ بخاري سيد علي مرتضيٰ شاهہ بخاري سيد شهاب الدين شاهہ بخاري پاران چادر چاڙهي عرس جو افتتاح ڪيو جنهن بعد سوين مريدن ۽ عقيدتمندن جي موجودگي ۾ درگاهہ تي اجتمائي خاص دعا گهري وئي جنهن ۾ اسانجي ملڪ پاڪستان ۽ سنڌ جي خوشحالي سلامتي جي لاءِ خاص دعائون ڪيون ويون ان موقعي تي پ پ ايم پي اي سيد اعجاز حسين شاهہ بخاري ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ اسان جي سنڌ اوليائن بزرگن امن پيار ۽ محبت جي ڌرتي آهي جيڪا امن جو پيغام ڏي ٿي اسان دعا ٿا ڪريون تہ اسانجي ملڪ پاڪستان ۽ سنڌ ۾ خوشحالي اچي ۽ ملڪ سرسبز ٿئي ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر ڌرمون مل پاواني سميت درگاهہ تي آيل هزارين عقيدتمند ۽ مريدن جو وڏو انگ موجود هو

مڪلي ۾ تخليق فائونڊيشن جي اهتمام هيٺ معلوماتي سيمينار

معلومات تائين رسائي هر شهري جو بنيادي حق آهي: محمد يعقوب

انهي ذريعي سرڪاري ادارن ۾ شفافيت، احتساب ۽ سٺي حڪمراني کي هٿي ملي ٿي

ٺٽو (ڊ ر) مڪلي ۾ تخليق فائونڊيشن جي اهتمام هيٺ سنڌ حڪومت جي معلومات جي حق رسائي واري ايڪٽ 2016 بابت آگاهي فراهم ڪرڻ لاءِ هڪ معلوماتي سيمينار منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ صحافين وڪيلن ڊاڪٽرن تعليمي ماهرن سماجي اڳواڻن استادن شاگردن ۽ سول سوسائٽي جي نمائندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي سيمينار کي خطاب ڪندي تخليق فائونڊيشن جي سي اي او محمد يعقوب، صحافي اسماعيل ميمڻ خدا بخش ڀرائي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو تہ معلومات تائين رسائي هر شهري جو بنيادي حق آهي، جنهن ذريعي سرڪاري ادارن ۾ شفافيت، احتساب ۽ سٺي حڪمراني کي هٿي ملي ٿي هنن چيو تہ معلومات جي حق رسائي واري ايڪٽ 2016 تحت هر شهري کي قانون موجب سرڪاري ادارن کان گهربل معلومات حاصل ڪرڻ جو حق حاصل آهي، جنهن سان عوامي معاملن ۾ اعتماد وڌندو هنن وڌيڪ چيو تہ عام ماڻهن خاص طور تي صحافين ۽ سماجي تنظيمن کي گهرجي تہ هو هن قانون بابت مڪمل ڄاڻ حاصل ڪري ان مان فائدو وٺن جيئن سرڪاري ادارن جي ڪارڪردگي ۾ وڌيڪ شفافيت اچي سگهي سيمينار جي آخر ۾ شرڪت ڪندڙن سوال جواب جي سيشن ۾ ڀرپور دلچسپي ورتي، جڏهن تہ تخليق فائونڊيشن پاران آگاهي مهم کي وڌيڪ وسيع ڪرڻ جي عزم جو اظهار پڻ ڪيو ويو.

ٺٽو مڪلي ۾ تخليق فائونڊيشن جي اهتمام هيٺ منعقد معلوماتي سيمينار جو ڏيک

شيعا علماءِ ڪائونسل جي صدر پاران شهدادڪوٽ ۾ تعزيت

علامہ سيد اسد اقبال زيدي والد جي وفات تي رفيق مهدي سان ڏک ونڊيو

نظام الدين ڪلهوڙو هڪ عزادار، مومن، نيڪ ۽ سماجي شخصيت جا مالڪ هئا: اڳواڻ

شهدادڪوٽ(ڊ ر) ڪجهہ ڏينهن اڳ ۾ شيعا علماء ڪائونسل صوبي سنڌ جي اڳواڻ رفيق مهدي جي والد زوار نظام الدين جي وفات تي شيعا علماء ڪائونسل صوبي سنڌ جي صدر علامہ سيد اسد اقبال زيدي شيعا علماء ڪائونسل تعلقہ قبو سعيد خان جي صدر خادم حسين جاگيراڻي الاهي بخش شر ذاڪر حسين جاگيراڻي ڳوٺ ٻهرام خان ڪلهوڙو پهچي ڪري رفيق مهدي سان مرحوم جي ايصال ثواب لاءِ دعا گهري ان موقعي تي شيعا علماء ڪائونسل جي اڳواڻن چيو تہ مرحوم نظام الدين ڪلهوڙو هڪ عزادار مومن نيڪ ۽ سماجي شخصيت جا مالڪ هئا جن جي وفات سان علائقي ۾ هڪ وڏو خال پيدا ٿيو آهي هنن دعا ڪئي تہ الله تعاليٰ مرحوم کي جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي ۽ پونئرن کي هي صدمو صبر ۽ همت سان برداشت ڪرڻ جي توفيق عطا ڪري

شهدادڪوٽ مولانا رفيق مهدي جي والد جي وفات تي تعزيت ڪئي پئي وڃي

سڪرنڊ ۾ همدرد آرگنائيزيشن جي اهم گڏجاڻي

سال 2025 ۽ 2026 جي مجموعي ڪارڪردگي ۽ سالياني فلاحي رپورٽ پيش

الحمد لله 20 سال گذرڻ باوجود هڪ ڏينهن بہ وقفو ناهي ڪيو: گل محمد رند

سڪرنڊ (ن ع) همدرد آرگنائيزيشن جي اهم گڏجاڻي همدرد جي باني چيئرمين گل محمد رند جي صدارت هيٺ همدرد هائوس سڪرنڊ تي ٿي گذري جنهن ۾ همدرد سپورٽ پروگرام جي چيئرمين قاضي جاويد سنائي سال 2025 ۽ 2026 جي مجموعي ڪارڪردگي ۽ سالياني فلاحي رپورٽ پيش ڪئي جنهن ۾ مختلف سماجي ڪم ۽ خاص طور تي همدرد فري ايمبوليسنس سروس جي خدمت شامل هئي جنهن تي همدرد چيئرمين گل محمد رند ڪارڪردگيءَ تي اطمينان جو اظهار ڪندي چيو تہ الحمد لله پهرين ڏينهن کان جيڪا خدمت شروع ڪئي 20 سال گذرڻ باوجود هڪ ڏينهن بہ وقفو ناهي ڪيو جنهن ۾ همدرد ايمبوليسنس ڪانسواءِ مختلف سماجي ڪم شامل آهن جنهن ۾ ويل چيئرز پاڻي جا نلڪا، مسجدن ۾ سولر سسٽم بيواهن جي واهر ۽ نياڻين جا ڏاج شامل آهن اجلاس جي آخر ۾ همدرد سپورٽ پروگرام جي چيئرمين قاضي جاويد سنائي ٻڌايو تہ اسان جي فلاحي ڪمن تي ساليانو لکين روپيہ خرچ ٿئي ٿو جيڪو گل محمد رند جي ذاتي خرچ سان ڪيو ويندو آهي نہ ڪنهن کان چندو نہ ڪا ايڊ ۽ نہ ڪو ٻيو ذريعو صرف ۽ صرف گل محمد رند جن ڪندا آهن قاضي جاويد سنائي اهو پڻ ٻڌايو تہ خميس ڏينهن ميڊيا آڏو پريس ڪانفرنس ذريعي سال جا مڪمل انگ اکر پيش ڪيا ويندا اجلاس ۾ اقبال احمد رند، نظير حسين رند، امير گل رند، راجڪمار اوڊ، ڏٺي بخش مگسي، مير حسن رند، اظهر علي پرهياڙ ۽ اظهر علي بگهيو پڻ موجود هئا

سڪرنڊ همدرد آرگنائيزيشن جي اهم گڏجاڻي ٿي رهي آهي

عمرڪوٽ ضلعي ۾ ڪڻڪ جو اٽو بليڪ تي وڪرو ٿيڻ لڳو

اٽو بليڪ تي 4800 کان 5500 روپيا مڻ ۽ 120 کان 150 سؤ رپيا في ڪلو وڪرو

ڪڻڪ جي بليڪ مارڪيٽنگ جو انتظاميہ توڙي خوراڪ کاتي جي عملدارن کو نوٽس نہ ورتو

عمرڪوٽ(ڊ ر) آئيني ترميم سبب وفاق جي مداخلت جي خاتمي بعد سنڌ جا اڪثر حڪومتي ادارا ٻين مسئلن لاءِ بي فائده هجڻ سان گڏ ڪڻڪ جي اٽي جهڙي بنيادي ۽ اهم شيءِ ۾ بہ عوام کي ڪو فائدو ڏيارڻ بدران ويتر نقصان ڏئي مايوسي پکيڙي رهيا آهن حڪومتي ۽ انتظامي نااهلي ۽ بي حسي جي بدترين صورتحال سبب ضلعي عمرڪوٽ ۾ ڪڻڪ جو اٽو بليڪ تي 4800 کان 5500 روپيا مڻ ۽ 120 کان 150 سؤ رپيا في ڪلو وڪرو ٿي رهيو آهي ۽ ڪڻڪ جو سرڪاري اگهہ 3500 سؤ روپيا مقرر آهي سنڌ حڪومت جي دعوائن موجب گذريل سال جي ڪڻڪ بہ سرڪاري گودامن ۾ وافر مقدار ۾ پيل آهي ۽ تازو ٻہ ٽي مهينا اڳ سنڌ ۾ ڪڻڪ جو فصل لهڻ باوجود هتي ڪڻڪ جي بليڪ مارڪيٽنگ جو انتظاميہ توڙي خوراڪ کاتي جي عملدارن کو نوٽس نہ ورتو يا اهي ڪڻڪ بليڪ تي وڪرو ڪندڙ مافيا سان ملوث آهن حيرت آهي جو سنڌ حڪومت پنهنجي فيصلن تي بہ عمل ڪرائڻ ۾ ناڪام آهي هتان جي سڄاڻ حلقن اهڙي صورتحال تي سخت حيرانگي ۽ ڪاوڙ سان گڏ سنڌ حڪومت تي تنقيد ڪندي چيو تہ تازو صوبائي وزير خوراڪ اهو اعتراف ڪيو تہ خوراڪ کاتي ۾ اربين ڪربين روپين جي ڪرپشن ٿي ان ۾ ملوث آفيسرن کي برطرف ڪيون پيا پر انهي سان نہ ڪڻڪ جي بليڪ مارڪيٽنگ بند ٿي نہ عوام کي ڪو فائدو ٿئي پيو ڪا پاليسي يا حڪمت عملي ڪونهي اڪثر کاتن وانگر خوراڪ کاتو بہ عوام لاءِ بي فائده آهي هتي مقرر انتظامي آفيسر بہ عوام بدران باا ثرن جا خادم بڻيل آهن خوراڪ کاتو مڪمل طور نااهل ۽ ڪرپٽ ترين عملدارن جي حوالي لڳي پيو هنن چيو تہ آئيني ترميم بعد وفاقي مداخلت ختم ٿيڻ بعد سنڌ حڪومت ادارا سنڀالڻ بدران ڪامورن حوالي ڪري نااهلي جو چٽو ثبوت ڏئي پئي اڄ کان اڳ ڪڻڪ يا اٽو بہ ٽي رپيا وڌندو هو تہ انتظاميہ حرڪت ۾ اچي ويندي هئي پر افسوس جو هتي بنا خوف جي سرڪاري فيصلا نظر انداز ڪري سوين روپيا وڌائي مافيا پنهنجي من ماني ڪري پئي پر حڪومتي ۽ انتظامي عملدار غائب آهن اٽو ايترو مهانگو هجڻ سبب غريب عوام بہ وايلا ڪارڻ لاءِ بہ سخت پريشان آهن پر ڪير پڇڻ وارو نہ آهي حڪومتي ادارا تہ پڇن تہ خدارا چيف جسٽس هن عوام مسئلي تي ڀاڱمرادو نوٽس وٺي هنن صدر مملڪت آصف علي زرداري، وزير اعظم ميان شهباز شريف، پي پي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ،صوبائي وزير خوراڪ مخدوم محبوب الزمان ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو آهي تہ حڪومتي ادارن ۽ مقرر عملدارن جي نااهلي جو نوٽس وٺي بليڪ مارڪيٽنگ مافيا خلاف ڪارروائي ڪري گهٽ ۾ گهٽ ڪڻڪ جي اگهہ تي ڪنٽرول ڪرائي غريبن کي رليف ڏياريو وڃي باقي ڪرپٽ آفيسرن کي برطرف ڪرڻ سان عوام کي ڪو فائدو نہ پيو ٿئي

سنڌ ۾ پاڻي جي هڙرادو ڪوٽ، سنڌو درياهہ تي ڊاڙي، 28هين ترميم ۽ ڪرپشن خلاف ٽنڊومحمدخان ۾ ريلي

عوامي تحريڪ سنڌ دشمن منصوبن خلاف پاران الفتاح چوڪ کان پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

پنجاب سنڌ جو پاڻي چوري ڪري رهيو آهي جڏهن تہ سنڌ جي ساحلي پٽي ۾ ڏڪار واري صورتحال پيدا ٿي وئي آهي: اڳواڻ

هڙرادو بجلي ۽ گئس جي لوڊشيڊنگ ڪئي پئي وڃي جيئن عوام جو روزگار ختم ٿئي ٿي پريا ڪماري کي آزاد ڪرائي وارثن حوالي ڪيو

ٽنڊو محمد خان ۾ عوامي تحريڪ پاران سنڌ ۾ پاڻي جي هڙرادو ڪوٽ ڪرپشن خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

ٽنڊومحمدخان(ڊ ر) ٽنڊو محمد خان ۾ عوامي تحريڪ پاران سنڌ ۾ پاڻي جي هڙرادو ڪوٽ، سنڌو درياهہ تي ڊاڙي، 28هين ترميم سنڌ ۾ ڪرپشن سميت سنڌ دشمن منصوبن خلاف عوامي تحريڪ پاران الفتاح چوڪ کان پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي ريلي کي خطاب ڪندي عوامي تحريڪ ضلعي ٽنڊو محمد خان جي صدر ڊاڪٽر مشتاق شورو هرچند لال جنرل سيڪريٽري حفيظ ٻاگراڻي،ٽيڪچند راٺوڙ علي شير پرهيار،سنڌي شاگرد تحريڪ جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري اياز لغاري، سڄاڳ ٻار تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ دانش ڪمار،ساگر ڪمار ۽ ٻين چيو تہ پنجاب سنڌ جو پاڻي چوري ڪري رهيو آهي جڏهن تہ سنڌ جي ساحلي پٽي ۾ ڏڪار واري صورتحال پيدا ٿي وئي آهي هن چيو تہ اڄ بہ اسان وٽ سارين سميت ٻيا فصل پاڻي نہ ملڻ ڪري سڪي تباهہ ٿي ويا آهن ڪروڙن جو نقصان ٿي رهيو آهي ۽ سنڌ حڪومت خاموش بڻيل آهي هنن چيو تہ ارسا پنجاب پاران سنڌ جي زراعت کي هٿ وٺي تباهہ ڪرڻ چاهين ٿا جڏهن تہ سنڌ جا ڪيترائي ضلعا قدرتي دولت سان مالا مال آهن آئي بہ ڏڪار اچي ويو آهي هن چيو تہ اسان وٽ غربت کان تنگ ماڻهون اڄ بہ پنهنجي ٻچن سميت خودڪشيون ڪرڻ تي مجبور آهن هنن چيو تہ سنڌ جي نياڻي پريا ڪماري کي آزاد ڪري سندس وارثن حوالي ڪيو وڃي جڏهن تہ اسان وٽ هڙرادو بجلي ۽ گئس جي لوڊشيڊنگ ڪئي پئي وڃي جيئن عوام جو روزگار ختم ٿئي ٿي اسان ڪراچي کي سنڌ کان ڌار ڪرڻ جي سازش ڪڏهن بہ ڪامياب ٿيڻ نہ ڏينداسين

سڄاول پوليس کي هاءِ پروفائيل قتل ڪيس جي جاچ دوران هڪ ٻي اهم ڪاميابي حاصل

رٻڏنو جت جي قتل ڪيس ۾ گهربل مرڪزي جوابدار مظفر جت ۽ فياض جسڪاڻي کي گرفتار ڪري ورتو

ايس ايس پي سڄاول عليند راڄپڙ جي خاص هدايتن تي جوڙيل خصوصي ٽيم جديد ٽيڪنالاجي ذريعي جوابدار گرفتار ڪيا

ڪيس جي ٻين مفرور جوابدارن جي گرفتاري لاءِ مختلف هنڌن تي ڇاپا هنيا پيا وڃن ۽ ڪارروايون جاري آهن: پوليس

سڄاول (ڊ ر) هاءِ پروفائيل قتل ڪيس ۾ اهم اڳڀرائي، رٻڏنو جت قتل ڪيس جا مرڪزي جوابدار مظفر جت ۽ فياض جسڪاڻي گرفتار خبر موجب سڄاول پوليس هاءِ پروفائيل قتل ڪيس جي جاچ دوران هڪ ٻي اهم ڪاميابي حاصل ڪندي سياسي ۽ سماجي شخصيت رٻڏنو جت جي قتل ڪيس ۾ گهربل مرڪزي جوابدار مظفر جت ۽ فياض جسڪاڻي کي گرفتار ڪري ورتو آهي پوليس موجب، هڪ هفتي اڳ ٻيڙو ڪالير پرسان اڻڄاتل هٿياربندن فائرنگ ڪري رٻڏنو جت کي قتل ڪيو هو جنهن بعد ٿاڻو سڄاول تي ڪيس نمبر 212/2026 ڪلم 302، 34 پاڪستان پينل ڪوڊ ۽ 7/6 دهشتگردي ڌاري ايڪٽ تحت داخل ڪيو ويو هو واقعي ڪانپوءِ جوابدار پنهنجا گهر ڇڏي فرار ٿي ويا هئا، جڏهن تہ ايس ايس پي سڄاول عليند راڄپڙ جي خاص هدايتن تي جوڙيل خصوصي ٽيم جديد ٽيڪنالاجي، ڊجيٽل ٽريڪنگ، هيومن انٽيليجنس ۽ ٽارگيٽڊ آپريشنز ذريعي لڳاتار ڪارروايون جاري رکيون، جن جي نتيجي ۾ ڪيس جا مرڪزي جوابدار مظفر جت ۽ فياض جسڪاڻي گرفتار ڪيا ويا پوليس موجب، ساڳئي قتل ڪيس ۾ غلام قادر جت ۽ رمضان جت کي اڳ ئي گرفتار ڪيو ويو آهي، جڏهن تہ ٻين مفرور جوابدارن جي گرفتاري لاءِ مختلف هنڌن تي ڇاپا هنيا پيا وڃن ۽ ڪارروايون جاري آهن

سيٺارجا ۾ الشهباز فيڊريشن يونين ايريگيشن مورو جو احتجاج

نولڪئي ريگيوليٽر تي مقامي حقن جي لتاڙ برداشت نہ ڪنداسين: اڳواڻ

منظور ٿيل 25 ملازمن جي ڪوٽا باوجود رڳو 3 ملازم سنڀالي رهيا آهن

سيٺارجا(ن ع) الشهباز فيڊريشن يونين ايريگيشن مورو جي اڳواڻن اسحاق سهتو جنسار علي، غلام مصطفيٰ چانڊيو ۽ ٻين نولڪئي ريگيوليٽر آر ڊي 191 کان آر ڊي 253 تائين مقامي ماڻهن کي روزگار کان محروم رکڻ ۽ غير مقامي ماڻهن کي ڀرتي ڪرڻ واري عمل خلاف سخت احتجاج ڪندي الزام هنيو آهي تہ مورو ايٽ روهڙي ڊويزن آبپاشي ۾ ڪيترن ئي سالن کان مقامي ماڻهن جي حقن تي مسلسل ڌاڙو هنيو پيو وڃي، جڏهن تہ منظور ٿيل 25 ملازمن جي ڪوٽا باوجود رڳو 3 ملازم سنڀالي رهيا آهن جنهن سبب نہ رڳو انتظامي معاملا متاثر ٿي رهيا آهن پر علائقي جا سوين بيروزگار نوجوان بہ پنهنجن جائز حقن کان محروم بڻيل آهن احتجاج ڪندڙ اڳواڻن چيو تہ مورو ايٽ روهڙي ڊويزن جي حد راڻيپور کان شروع ٿي خيرپور ضلعي جي ٽن تعلقن ڪوٽڏيجي سوڀوديرو ۽ ٺري ميرواهہ مان گذري ٿي، تنهن ڪري انهن علائقن جي رهواسين کي روزگار ۾ ترجيح ڏيڻ قانوني ۽ اخلاقي ذميواري آهي پرعملي طور هن قانون کي نظرانداز ڪري ٻين ضلعن جي ماڻهن کي ڀرتيون ڏئي مقامي نوجوانن سان ناانصافي ڪئي پئي وڃي. اڳواڻن چيو تہ نولڪئي ريگيوليٽر جاگرافيائي طور خيرپور ضلعي جي حدن اندر واقع آهي جڏهن تہ انتظامي طور مورو ايٽ روهڙي ڊويزن جي ماتحت آهي ڪيترن ئي سالن کان علائقي جا نوجوان ورڪ چارج ۽ پرائيويٽ بنيادن تي ايمانداري سان خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن پر جڏهن مستقل ڀرتين جو وقت اچي ٿو تہ انهن جي تجربي، سينيارٽي ۽ محنت کي مڪمل طور نظرانداز ڪيو وڃي ٿو جيڪو سراسر ظلم ۽ ناانصافي آهي هنن سنڌ حڪومت، سيڪريٽري آبپاشي، چيف انجنيئر آبپاشي ۽ ٻين لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو تہ مورو ايٽ روهڙي ڊويزن ۾ ٿيندڙ سموريون ڀرتين جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي، خيرپور ضلعي جي ٽن تعلقن لاءِ مقامي ڪوٽا فوري طور لاڳو ڪئي وڃي، سالن کان ڪم ڪندڙ ورڪ چارج ملازمن کي بنا دير مستقل ڪيو وڃي، غير قانوني ۽ غير مقامي ڀرتين جو سلسلو ختم ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ مقامي نوجوانن سان گڏجي احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي، جنهن جي سموري ذميواري لاڳاپيل اختيارين تي عائد ٿيندي

سيٺارجا ايريگيشن جا ملازم مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪندي

سعودي امدادي ايجنسي پاران شام ۾ ميڊيڪل ڪامپليڪس جو افتتاح

دمشق(اي پي پي) سعودي امدادي ايجنسي شاهہ سلمان مرڪز شام جي گادي واري هنڌ دمشق جي ڀسڪرداڻي واري علائقي قدسيہ ۾ اولهندي ميڊيڪل ڪامپليڪس جو افتتاح ڪيو آهي جنهن مان اٽڪل 50 هزار ماڻهو فائدو حاصل ڪري رهيا آهن پرڏيهي ميڊيا موجب شام جي صحت واري وزير مصعب العلي، اوقاف واري وزير محمد ابو الخيرشڪري ۽ ٻين اعليٰ اختيارين شرڪت ڪئي اهو ڪامپليڪس مربوط پرائمري هيلٿ ڪيئر سروسز فراهم ڪري ٿو جنهن ۾ ڊائيلاسز سروسز بشمول ڊائيلاسز سينٽر چلڊرن ڪلينڪ گائنا ڪالاجي، انٽرنل ميڊيسن، اينڊوڪرائنالاجي، اي اين ٽي ڊينٽسٽري ۽ فيملي ميڊيسن ڪلينڪ شامل آهي ان ۾ اسپيچ اينڊ هيئرنگ ري هيبليٽيشن سينٽر آرٿو ري هيبليٽيشن يونٽ ايمرجنسي ڊپارٽمينٽ ميڊيڪل ليبارٽري ۽ فارميسي شامل آهي شام جي صحت واري وزير ان ڪامپليڪس کي شام جي پرائمري هيلٿ ڪيئر سسٽم ۾ هڪ اهم اضافو قرار ڏنو ۽ شام جي عوام جي لڳاتار حمايت تي سعودي قيادت جو شڪريو ادا ڪيو اهو منصوبو شام ۾ هيلٿ ڪيئر شعبي کي مضبوط بڻائڻ ۽ پائيدار معياري طبي خدمتن تائين رسائي کي وڌائڻ لاءِ شاهہ سلمان مرڪز جي ڪوششن جي عڪاسي ڪري ٿو

قومي عوامي تحريڪ سنڌ پاران متحد ۽ مضبوط سنڌ عوامي مهم جي سلسلي ۾ چور ۾ ورڪ

چور (ن ع) قومي عوامي تحريڪ سنڌ پاران متحد ۽ مضبوط سنڌ عوامي مهم جي سلسلي ۾ قومي عوامي تحريڪ ضلعي عمرڪوٽ جي اڳواڻ جلال جاني بجير پاران ڪيٽ سنگهہ سٺوهي نيو چور، ٽيبري، چور ۽ ٻين هنڌن جو دورو ڪري مهم بابت اسٽيڪر عوام ۾ ورهيا ويا ان موقعي تي جلال جاني بجير ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ سنڌ جي مختلف بنيادي مسئلن لاءِ قومي عوامي تحريڪ جي صدر اياز لطيف پليجو جي حڪم تي اڄ مختلف علائقن عوام سان ملاقات ڪري آگاهہ ڪيو ويو اسان ڪنهن بہ صورت ۾ سنڌ جي اهم بنيادي عوامي مسئلن جي حقن لاءِ هر جدوجهد ڪنداسين ۽ سنڌ کي مضبوط ۽ متحد ڪنداسين

اوڏيرولال پرسان ڳوٺ ٻچل ورياهہ ۾ مخدوم شاهہ محمود قريشي جي سالگرهہ ملهائي وئي

اوڏيرولال(ن ع) اوڏيرولال پرسان ڳوٺ ٻچل ورياهہ ۾ مخدوم شاهہ محمود قريشي جي 70 سالگرهہ سندن مريدن پاران ملهائي وئي جنهن ۾ خليفو حاجي غلام حسين ورياهہ محمد عثمان ورياهہ حاجي محمد علي ورياهہ بابر ورياهہ صحافي ممتاز علي ورياهہ ۽ ٻين تقريب دوران ڪيڪ ڪٽيو مخدوم شاهہ محمود قريشي جي ڊگهي عمر ۽ صحتيابي لاءِ خاص دعائون گهريون ان موقعي تي سندن مريدن چيو تہ اسان جو مرشد هڪ سچو انسان آهي جنهن کي سياسي انتقام جو نشانو بڻائي ڪيترائي ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا ويا آهن مخدوم شاهہ محمود قريشي جنهن سدائين ملڪ ۽ عوام جي ڀلائي لاءِ پاڻ پتوڙيو آهي ان تي داخل ڪوڙا ڪيس جلد ختم ڪري کيس آزاد ڪيو وڃي

ڊگهڙي جي سرڪاري اسڪول جو اسپيسفڪ بجيٽ مان ڪم جاري

اسڪول لاءِ ضروري اسٽيشنري جي خريداري جا ڪم تقريباً مڪمل ٿي چڪا

سنڌ جي تعليمي نظام کي مضبوط بڻائڻ جو ڪريڊٽ وزير تعليم ۽ سندس ٽيم کي وڃي ٿو: استاد

ڊگهڙي(ن ع) ڊگهڙي تعلقي ۾ واقع گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول روشن ڌارا کي سنڌ حڪومت پاران مالي سال 2025-26ع لاءِ جاري ڪيل اسڪول اسپيسفڪ بجيٽ (SSB)تحت مختلف ترقياتي ۽ مرمتي ڪم تيزي سان مڪمل ڪيا پيا وڃن اسڪول انتظاميا موجب مليل بجيٽ مان ڪلاس روم جي مرمت ۽ رنگ روغن، شاگردن جي فرنيچر جي مرمت، تدريسي سرگرمين لاءِ ضروري سامان جي فراهمي، پيئڻ جي صاف پاڻي جو انتظام، واٽر ڪولرن جي خريداري، اسڪول جي چوديواري ۽ ٽوائليٽن جي مرمت، خوبصورت گلن ۽ ٻوٽن جي پوک، ڪلاس روم جي ڇت جي گارڙي سان لپائي پراڻن وڻن جي ڇانگ، صفائي ۽ وڻن کي چوني لڳائڻ سان گڏ اسڪول لاءِ ضروري اسٽيشنري جي خريداري جا ڪم تقريباً مڪمل ٿي چڪا آهن.ان موقعي تي اسڪول جي هيڊ ماسٽر محمد نعيم پٽي چيو تہ اسين سنڌ جي صوبائي وزير تعليم سيد سردار علي شاهہ جا دل جي گهراين سان ٿورائتا آهيون جن اسڪول اسپيسفڪ بجيٽ ذريعي اسڪول انتظاميا کي بااختيار بڻائي سرڪاري اسڪولن جي بهتري لاءِ هڪ تاريخي ۽ مثالي قدم کنيو آهي هن چيو تہ سنڌ جي تعليمي نظام کي مضبوط بڻائڻ جو ڪريڊٽ وزير تعليم ۽ سندس ٽيم کي وڃي ٿو جن عملي طور اسڪولن جي انتظام کي وڌيڪ مؤثر بڻايو آهي.هن تڪ PS-48جي ايم پي اي ۽ صوبائي وزير سوشل ويلفيئر مير طارق علي خان ٽالپر جا پڻ ٿورا مڃيندي چيو تہ هو پنهنجي تڪ جي ترقي، خاص طور تعليم جي واڌاري ۽ عوامي ڀلائي لاءِ هميشہ سرگرم ۽ ڪوشان رهندو آهي.هوڏانهن اسڪول مينيجمينٽ ڪميٽي (SMC)جي چيئرمين صدام حسين پٽي لاڳاپيل اختيارين کي اپيل ڪندي چيو تہ اسڪول ۾ هن وقت رڳو هڪ ڪلاس روم موجود آهي جڏهن تہ 90 کان وڌيڪ غريب ڪولهي، ڀيل، ٻجاڻيا، سينگهوار ۽ پٽي برادري سان تعلق رکندڙ شاگرد تعليم حاصل ڪري رهيا آهن جن مان ڪيترائي ٻار وڻن جي ڇانوَ هيٺ پڙهڻ تي مجبور آهن هن مطالبو ڪيو تہ اسڪول لاءِ ٽن اضافي ڪمرن تي مشتمل نئين عمارت ۽ ٻيون بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وڃن تہ جيئن شاگردن کي بهتر محفوظ ۽ سازگار تعليمي ماحول مهيا ٿي سگهي

ڊگهڙي سرڪاري اسڪول جو اسپيسفڪ بجيٽ مان ڪم ترقياتي ڪم جو ڏيک

ملائشيا جي ڊجيٽل معيشت جو جي ڊي پي ۾ حصو 39 سيڪڙو تائين وڌي ويو

ڪوالالمپور (اي پي پي)ملائيشيا پنهنجي ملڪ ۾ ڊيجيٽل 2030ع منصوبي جي شروعات ڪري ڇڏي آهي، جنهن تحت سال 2030ع تائين ڊجيٽل معيشت جو مجموعي قومي پيداوار (جي ڊي پي) ۾ حصو 30 سيڪڙو تائين وڌڻ ۽ پنج لک اعليٰ معيار جون ملازمتون پيدا ڪرڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي پرڏيهي خابرو اداري مطابق ملائشيا جي وزيراعظم انور ابراهيم ان منصوبي جو اعلان ڪندي ڊجيٽل وزارت کي 2030ع تائين ملڪ کي مصنوعي ذهانت (اي آئي) تي ٻڌل رياست ۾ تبديل ڪرڻ جي ذميواري ڏني آهي ڊجيٽل وزارت جي بيان ۾ چيو ويو آهي تہ ان منصوبي تحت حڪومتي ادارن جي ڊجيٽلائيزيشن ذريعي 4.5 ارب رنگٽ جي بچت حاصل ڪرڻ ۽ 95 سيڪڙو سرڪاري ملازمت مڪمل طور تي آن لائن فراهم ڪرڻ جو بہ هدف مقرر ڪيو ويو آهي ڊجيٽل معاملن بابت اختيارين چيو آهي تہ ملائيشيا ڊجيٽل 2030ع ملائشيا جي ترقياتي حڪمت عملي ۾ هڪ اهم تبديلي جي علامت آهي، جنهن تحت ملڪ رڳو ٽيڪنالاجي استعمال ڪندڙ نہ پر مقامي سطح تي ڊجيٽل جدت پيدا ڪندڙ ملڪ بڻجي ويندو ان منصوبي تي حڪومت، معيشت، بنيادي ڍانچي، افرادي سگهہ، معاشري، اعتماد، سلامتي ۽ جدت تي ٻڌل 7 اسٽريٽجڪ ٿنڀن تحت عمل درآمد ڪيو ويندو

حيدرآباد جي علائقي حسين آباد پٺاڻ ڪالوني جي رهواسڻ جو احتجاج

مشائل اڳوڻي مڙس جي اولاد کي ملڪيت مان حصو نہ ڏيڻ خلاف دانهيو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي علائقي حسين آباد پٺاڻ ڪالوني جي رهواسڻ مشائل اڳوڻي مڙس جي اولاد کي چاچي پاران پيءُ جي ڇڏيل ملڪيت مان حصو نہ ڏيڻ خلاف ڪالهہ ٻارن سوڌو حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاج ڪيو هن چيو تہ اڳوڻي مڙس عجب خان مان 3ٻارن جي اولاد آهي اڳوڻي مڙس جو پاءُ عبدالقيوم پٺاڻ پنهنجي مرحوم پاءُ جي اولاد کي حصو ڏيڻ بدران گهران بي دخل ڪري ڇڏيو آهي هن چيو تہ پهرين مڙس عجب خان جي فوت ٿيڻ جي 6سال بعد مون ٻي شادي ڪئي جڏهن تہ پهرين مڙس جا 2ٻار پنهنجي ڏاڏي سان گڏ پنهنجي پيءُ جي گهر ۾ رهندا هئا پر ڪجهہ ڏينهن اڳ عبدالقيوم پنهنجي مرحوم پاءُ جي ٻارن کي گهران بيدخل ڪري ڇڏيو آهي هن چيو تہ سندس ٻارن جو پنهنجي مرحوم پيءُ جي ملڪيت ۾ قانوني طور حصو لڳي ٿو پر چاچي پنهنجي پاءُ جي اولاد جي حصي تي قبضو ڪري ڇڏيو آهي هن ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد،ايس ايس پي حيدرآباد کي اپيل ڪئي پهرين مڙس جي اولاد کي پنهنجي پيءُ جي ملڪيت مان حصو ڏياري انصاف ڪيو وڃي

مهراڻ جي ڊاڪٽر عمران نذير آمريڪا ۾ پي ايڇ ڊي فيلوشپ مڪمل ڪري ورتي

منهنجي تحقيق انجنيئرنگ جي تحقيق کي اڳتي وڌائڻ جو سبب بڻجي سگهي ٿي: عمران نذير

ڄامشورو (پ ر) مهراڻ يونيورسٽي جي ڪيميڪل انجنيئرنگ شعبي سان لاڳاپيل استاد ڊاڪٽر عمران نذير آمريڪا جي يونيورسٽي آف الينوائي اربانا-شمپين مان پنهنجي پي ايڇ ڊي فيلوشپ ڪاميابيءَ سان مڪمل ڪري ورتي آهي ياد رهي تہ اها فيلوشپ هائير ايجوڪيشن ڪميشن (ايڇ اي سي) جي پوسٽ ڊاڪٽورل فيلوشپ پروگرام تحت 13 سيپٽمبر 2025 کان 18 جون 2026 تائين جاري رهي ڊاڪٽر عمران نذير جو چوڻ آهي تہ سندس تحقيق پاور جنريشن ريئيڪٽرن جي پيسو ڪولنگ سسٽم جي ڪمپيوٽيشنل ماڊلنگ ۽ سيميوليشن تي مدار رکي ٿي، ان جو مقصد جديد ڪولنگ ٽيڪنالوجي جي ڪارڪردگي ۽ حفاظت کي بهتر بڻائڻ آهي ڊاڪٽر نذير مهراڻ يونيورسٽي، ايڇ اي سي ۽ ميزبان اداري جو شڪريو ادا ڪندي چيو آهي تہ منهنجي تحقيق پاڪستان ۾ انجنيئرنگ جي تحقيق کي اڳتي وڌائڻ جو سبب بڻجي سگهي ٿي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم – سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو ٻلهوڙ پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانہ عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

اربع ٻهرين جولاءِ 2026ع

پاڻي، اسان لاءِ بقا جو معاملو!

پاڻي زندگي، زرعي پيداوار ۽ معاشي استحڪام جو بنيادي ذريعو آهي. اسان جهڙي زرعي ملڪ لاءِ پاڻي رڳو هڪ قدرتي وسيلو نہ پر قومي بقا، خوراڪ جو تحفظ ۽ اقتصادي ترقيءَ جو بنيادي ٿنڀ آهي. اهڙي صورتحال ۾ جيڪڏهن ڪو ملڪ اسان جي جائز آبي حقن کي چئلينج ڪري يا درياهن جي وهڪرن تي اثرانداز ٿيڻ جي ڪوشش ڪري تہ اهو رڳو پاڻيءَ جو تڪرار نہ پر قومي سلامتيءَ جو معاملو بڻجي وڃي ٿو. تازو وفاقي وزير موسمياتي تبديلي ڊاڪٽر مصدق ملڪ ۽ وفاقي وزير اطلاعات عطا تارڙ پاران ڀارت کي ڏنل سخت پيغام ان ڳالهہ جي عڪاسي ڪري ٿو تہ پاڪستان پنهنجي آبي حقن بابت ڪنهن بہ قسم جي سوديبازي لاءِ تيار ناهي. ڇو تہ پاڪستان جي معيشت جو وڏو حصو زراعت سان ڳنڍيل آهي. ملڪ جي لڳ ڀڳ اڌ آبادي سڌي يا اڻسڌيءَ طرح زرعي شعبي مان روزگار حاصل ڪري ٿي. جڏهن تہ قومي معيشت ۾ بہ زراعت جو نمايان حصو شامل آهي. ان کان علاوه پاڪستان جي خوراڪ جي سلامتي مڪمل طور پاڻيءَ تي دارومدار رکي ٿي. جيڪڏهن درياهن ۾ پاڻيءَ جي وهڪري ۾ گهٽتائي اچي ٿي يا ان جي ورڇ تي سياسي دٻاءُ وڌو وڃي ٿو تہ ان جا اثر صرف هارين تائين محدود نہ رهندا پر سڄي معيشت، صنعت، روزگار ۽ عوام جي زندگيءَ تي پوندا.

سنڌ طاس معاهدو 1960ع ۾ پاڪستان ۽ ڀارت وچ ۾ عالمي ضمانتن سان طئي ٿيو هو جنهن جو مقصد ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ آبي وسيلن جي منصفاڻي ورڇ کي يقيني بڻائڻ هو. هن معاهدي کي دنيا جي ڪامياب ترين آبي معاهدن مان هڪ سمجهيو ويندو رهيو آهي. ڇاڪاڻ تہ ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ جنگين ۽ سياسي ڇڪتاڻ باوجود بہ اهو معاهدو برقرار رهيو. پر ويجهڙ وارن سالن ۾ ڀارت جي روين سبب ان معاهدي جي مستقبل بابت خدشا وڌيا آهن. جيڪڏهن ڪو ملڪ هڪ طرفي طور معاهدي کي معطل ڪرڻ يا ان جي روح کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو تہ اهو نہ رڳو بين الاقوامي قانونن جي خلاف آهي پر علائقائي امن ۽ استحڪام لاءِ بہ خطرو آهي. ڀارت پاران پاڪستان لاءِ مختص اولهندن درياهن تي وڏي پيماني تي هائيڊرو پاور منصوبن جي تعمير ۽ نون منصوبن جي تياري ڳڻتيءَ جوڳي صورتحال پيدا ڪري رهي آهي. ماهرن جو چوڻ آهي تہ اهڙن منصوبن سان پاڻيءَ جي وهڪري جي وقت ۽ مقدار تي اثرانداز ٿيڻ جي صلاحيت وڌي ويندي، جنهن سان پاڪستان جي زرعي نظام کي نقصان پهچي سگهي ٿو، خاص طور تي اهڙي وقت ۾ جڏهن موسمياتي تبديليون، گليشيئرن جي پگهرجڻ ۽ پاڻيءَ جي کوٽ جهڙا مسئلا اڳ ئي خطي کي درپيش آهن. تڏهن آبي وسيلن کي سياسي هٿيار طور استعمال ڪرڻ انتهائي خطرناڪ عمل ثابت ٿي سگهي ٿو. پاڪستان لاءِ ضروري آهي تہ هو هن معاملي کي رڳو سفارتي بيانن تائين محدود نہ رکي پر بين الاقوامي فورمن تي وڌيڪ مؤثر انداز ۾ پيش ڪري. گڏيل قومن، عالمي مالياتي ادارن ۽ پاڻيءَ بابت عالمي تنظيمن کي اهو باور ڪرائڻ گهرجي تہ هيءُ مسئلو رڳو ٻن ملڪن جو تڪرار نہ پر ڪروڙين انسانن جي خوراڪ، روزگار ۽ زندگيءَ سان جڙيل آهي. پاڻيءَ جي منصفاڻي ورڇ بين الاقوامي قانون جو بنيادي اصول آهي. جنهن جي پاسداري هر ملڪ تي لازم آهي. ساڳئي وقت پاڪستان کي پنهنجي اندروني آبي انتظامن کي بہ بهتر بڻائڻو پوندو. پاڻيءَ جي ضايع ٿيڻ کي روڪڻ، جديد آبپاشي نظام متعارف ڪرائڻ، ننڍن ۽ وڏن ذخيرن جي تعمير ۽ آبي وسيلن جي سائنسي منصوبابندي وقت جي اهم ضرورت آهي. جيڪڏهن ملڪ اندر پاڻيءَ جي بهتر استعمال تي ڌيان نہ ڏنو ويو تہ ٻاهرين خطرن سان گڏ اندروني مسئلا بہ وڌيڪ سنگين ٿي سگهن ٿا.

اڄ پاڪستان کي آبي تحفظ بابت قومي سطح تي هڪ گڏيل حڪمت عمليءَ جي ضرورت آهي. حڪومت، سياسي قيادت، ماهرن ۽ عوام کي گڏجي اهو پيغام ڏيڻ گهرجي تہ پاڻي پاڪستان جي بقا جو سوال آهي. قومي حقن جي تحفظ لاءِ سفارتڪاري، قانوني جدوجهد ۽ اندروني سڌارن کي هڪ ئي وقت اڳتي وڌائڻو پوندو. ڇو تہ پاڻي رڳو اڄ جي ضرورت ناهي پر ايندڙ نسلن جي مستقبل جي ضمانت پڻ آهي ۽ ان جي حفاظت هر حال ۾ يقيني بڻائڻي پوندي.

لطيفي لات —— شاهہ عبداللطيف ڀٽائي

'ڀڳو' آئون نہ چوان: 'ماريو'، تہ وسهان:
ڪانڌ مُنهن ۾ ڌڪڙا، سيڪيندي سُونهان:
تہ پڻ لڄَ مَران، جي هُوئِس پُٺِ ۾.

ڪربلا جي جنگ کان پوءِ حسيني جانثارن جون اهي گهرواريون جيڪي پنهنجي پنهنجي گهرن ۾ رهيل هيون جڏهن انهن کي خبر پئي تہ سندن ور يا مڙس ۽ پوٽا جوان يزيد جي لشڪر سان ان جنگ ۾ بهادري ۽ دليريءَ سان وڙهندي مارجي ويا آهن. شهيد ٿيا آهن وڙهہ دوران ڪو بہ تير پٺيا تلوار جو زخم يا ڌڪ پٺ ۾ ناهي لڳو. ڇو تہ هو دشمن سان منهن سامهون وڙهندا رهيا. انهن عورتن جي دلي ڪيفيت جي لطيف سائينءَ ترجماني ڪندي ٻڌائي ٿو اهي عورتون ڪيڏيون نہ دلير ۽ بهادر آهن جو پنهنجي مڙسن جي بهادري، شجاعت ۽ سورهيائيءَ جا اولاڻا ڏينديون چون ٿيون ۽ انهن تي فخر ۽ ناز ڪندي پيئون ڪن تہ تون حق ۽ سچ لاءِ جيڪا وڙهہ وڙهيو آهين تنهن ۾ تون هڪ وک بہ پوئتي ناهين هٽيو. جيڪڏهن تون زخمي حالت ۾ اسان وٽ پهچين ها تہ توکي اهي منهن ورا لڱل ڏک جيئيندين انهن کي صاف ڪندي اسان کي ناز ٿئي ها. هاڻ بہ اسان کي فخر آهي جو تو ڪربلا جي جنگ ۾ يزيدي لشڪر سان وڙهندي پٺي نہ ڏني. اگر جي توکي پٺيءَ ۾ ڌڪ هجن ها تہ اسان جا ڪنڌ شرم ۽ لڄ وچان جهڪيل هجن ها. اسين ڪٿي منهن ڏيکارڻ لائق ئي نہ هجون ها ۽ مرڻ ۾ مري وڃون ها. لطيف سائين اها هدايت ٿو ڪري حق ۽ سچ جي جنگ يا وڙهہ وڙهندي ڪڏهن بہ پوئتي قدم نہ هٽجي اها بهادرن جي نشاني آهي جو سندس گهرجون عورتون بہ سندس اهڙي عمل تي ناز ڪن ۽ ڳاٽ اوچا ڪري هلن

(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

امام حسين عليہ السلام جي عظيم شهادت



سيده معصومہ بخاري

امام حسين عليہ السلام جي عظيم شهادت وارو ڏينهن اسلامي تاريخ جو اهو سڀ کان وڌيڪ دردناڪ ۽ سبق آموز ڏينهن آهي. جنهن ڏينهن تي رسول پاڪ صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي پياري ڏوهٽي، حضرت امام حسين عليہ السلام ۽ سندس وفادار ساٿين ڪربلا جي ميدان ۾ حق ۽ سچ جي خاطر پنهنجيون جانيون قربان ڪيون. اِها ڪا عام جنگ نہ هئي، اِهو ظلم، جبر ۽ نانصافيءَ جي خلاف هڪ عظيم روحاني ۽ اخلاقي جهاد هو.

هجري سال 61 ۾، جڏهن يزيد اسلامي اصولن کي پامال ڪري پنهنجي ظلماڻي حڪومت قائم ڪئي، تڏهن هُن امام حسين عليہ السلام کان بيعت (وفاداري جو قسم) گهري. امام حسين عليہ السلام، جيڪي علم، تقويٰ ۽ انساني حقن جا علمبردار هئا، تن هڪ ظالم ۽ فاسق شخص جي بيعت ڪرڻ کان صاف انڪار ڪري ڇڏيو. پاڻ فرمايائون تہ: 'مون جهڙو انسان، يزيد جهڙي جي بيعت نٿو ڪري سگهي.' ان ڪانپوءِ، امام عالي مقام پنهنجي اهل بيت (گهر وارن) ۽ وفادار ساٿين سان گڏ مديني کان مڪي ۽ پوءِ ڪوفي ڏانهن سَفر ڪيو پر عراق جي سرزمين 'ڪربلا' تي يزيد جي وڏي فوج کين گهيري ۾ آڻي ڇڏيو.

7 محرم کان وٺي امام حسين عليہ السلام جي قافلي تي پاڻي بند ڪيو ويو هو. 10 محرم جي ڏينهن، سخت گرمي، بک ۽ اڃ جي حالت ۾ ڪربلا جي ميدان ۾ حق ۽ باطل جو معرڪو شروع ٿيو. امام حسين عليہ السلام جي سامهون سندس ڀائر، ڀائيٽيا، ڀاڻيجا ۽ جوان پٽ حضرت علي اڪبر شهيد ٿيا. ايتري تائين جو سندن ڇهن مهينن جو معصوم پٽ، حضرت علي اصغر بہ اُڃ جي حالت ۾ تير جو شڪار ٿي شهيد ٿي ويو. سڀني ساٿين جي شهادت ڪانپوءِ، امام حسين عليہ السلام اڪيلا ميدان ۾ آيا. پاڻ زخمن سان چور هجڻ جي باوجود بہ نماز عصر جي سجدي واري حالت ۾ هئا، جڏهن شمر کين انتهائي بيرحميءَ سان شهيد ڪري ڇڏيو.

سنڌ، جنهن کي 'باب الاسلام' چيو ويندو آهي، اتي محرم الحرام جو مهينو انتهائي احترام ۽ عقيدت سان ملهايو ويندو آهي. سنڌي ادب ۽ شاعريءَ ۾ بہ ڪربلا جي واقعي جو گهرو اثر آهي. سنڌ جي عظيم صوفي شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ پنهنجي ڪتاب 'شاهہ جو رسالو' ۾ هڪ مڪمل سُر 'سُر ڪيڏارو' امام حسين عليہ السلام جي نالي منسوب ڪيو آهي. شاهہ صاحب فرمائي ٿو:

سَختِيي شهادتَ جي، نِسورو ئِي نازَ؛
رِندَ پُرُوڙِين رازَ، قُضيي ڪَربلا جو

ان کان علاوه، سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ 10 محرم الحرام تي عزاداري ٿيندي آهي، سبيلون لڳايون وينديون آهن ۽ نياز ونڊيو ويندو آهي. امام حسين عليہ السلام جي شهادت اسان کي اِهو سبق ڏئي ٿي تہ تعداد ڇا هي ڪيترو بہ گهٽ هجي (جيئن امام جا صرف 72 ساٿي هئا ۽ يزيدي فوج هزارن ۾ هئي) پر جيڪڏهن توهان حق تي آهيو تہ ڪڏهن بہ باطل جي اڳيان سر نہ جهڪايو. ڪربلا جو واقعو رڳو روئڻ ۽ ڏک ڪرڻ جو نالو ناهي، پر ظلم جي خلاف آواز اٿارڻ، انسانيت جي حفاظت ڪرڻ ۽ نماز قائم ڪرڻ جو عملي درس آهي. ان ڪري چيو ويندو آهي تہ: 'اسلام زندہ ٿيندو آهي، هر ڪربلا ڪانپوءِ'

تربيت نصيحت نہ، ورجاءُ آهي

نثار ٻانڀڻ

هڪ ڏينهن جو منظر تصور ڪريو تہ پنجن يا ڇهن ورهين جو هڪ ننڍڙو ٻار پنهنجي رانديڪن سان کيڏي رهيو آهي اوچتو بہ رانديڪا هڪ ٻئي سان ٽڪرائجن ٿا. ٻار انهن کي هٿ ۾ کڻي هڪ رانديڪي کي ٻئي تي رڙيون ڪرائي ٿو پوءِ هڪ رانديڪي کي چپ ڪرائي چئي ٿو ۽ ٻيو منهن ڦيرائي هليو وڃي ٿو اسان کي اهو تصور کيل منظر رڳو راند لڳي ٿي پر حقيقت ۾ اهو منظر راند نہ پر گهر جي روزمره زندگيءَ جو عڪس هوندو آهي ٻار جيڪي لفظ پنهنجي رانديڪن جي زبان تي رکندا آهن اهي گهڻو ڪري انهن لفظن جا پڙلاءَ هوندا آهن جيڪي هو پنهنجي گهر ۾ روز ٻڌندا آهن ٻار جي زندگيءَ جو پهريون اسڪول ڪا عمارت ناهي جتي ڪلاس روم، بليڪ بورڊ ۽ ڪتاب هجن سندس پهريون اسڪول گهر آهي. پهريان استاد ماءُ ۽ پيءُ آهن ۽ پهريون نصاب سندن رويو، سندن لهجو، سندن برداشت ۽ سندن محبت آهي اسان جي سماج ۾ والدين پنهنجي ٻارن جي تعليم تي وڏي رقم خرچ ڪن ٿا. بهترين اسڪول، بهترين ڪتاب، بهترين ڪپڙا ۽ بهترين سهولتون ڏيڻ جي ڪوشش ڪن ٿا پر هڪ سوال اڄا بہ پنهنجي جاءِ تي بيٺو آهي تہ ڇا اسان پنهنجي گهر جو ماحول بہ اوترو ئي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون جيترو پنهنجي ٻارن جي اسڪول لاءِ ڪندا آهيون؟ ڇاڪاڻ تہ ٻار اسڪول ۾ صرف ڪجهہ ڪلاڪ گذاريندو آهي پر پنهنجي شخصيت جو بنياد گهر ۾ رکندو آهي نفسيات جي دنيا ۾ هڪ مشهور اصول آهي تہ ٻار 'جيئن ٻڌايو وڃي ٿو، تيئن گهٽ، جيئن ڏيکاريو وڃي ٿو تيئن وڌيڪ سکندو آهي' تنهنڪري جڏهن والدين چون ٿا تہ 'بزرگن جي عزت ڪريو' پر پاڻ پنهنجن والدين سان سخت لهجي ۾ ڳالهائين ٿا، تہ ٻار لاءِ نصيحت کان وڌيڪ والدين جو عمل اهم بڻجي ويندو آهي جڏهن اسين ٻار کي سچ ڳالهائڻ سيکاريندا آهيون. پر فون تي ڪنهن کي چوندا آهيون 'چئو مان گهر ۾ ناهيان'، تہ ٻار کي سچ ۽ ڪوڙ جي تعريف ڪتاب مان نہ پر پنهنجي گهر مان ملي ٿي جڏهن اسين ٻار کي صبر جو درس ڏيندا آهيون، پر معمولي ڳالهہ تي پنهنجو ضبط وڃائي ويهندا آهيون، تہ ٻار اهو ئي سمجهندو آهي تہ غصو مسئلن جو قدرتي حل آهي ٻار وٽ صحيح ۽ غلط کي پرکڻ لاءِ شروعاتي عمر ۾ ڪو پنهنجو معيار نہ هوندو آهي هو پنهنجي والدين کي ئي دنيا جو صحيح نمونو سمجهندو آهي جيڪو ڪجهہ گهر ۾ ڏسندو آهي ان کي ئي زندگيءَ جو عام طريقو سمجهڻ لڳندو آهي اهو ئي سبب آهي جو ڪيترائي والدين حيران ٿيندا آهن تہ سندن ٻار اوچتو اڙيو ضدي، تيزمزاج يا بدزبان ڪيئن ٿي ويو؟ حقيقت ۾ ٻار اوچتو تبديل نٿو ٿئي هو سالن کان اهي ئي منظر پنهنجي اندر محفوظ ڪندو رهي ٿو جيڪي گهر ۾ هر روز ورجائجن ٿا جيڪڏهن گهر ۾ ڳالهين جو انداز نرم هوندو تہ ٻار جو لهجو بہ نرم ٿيندو جيڪڏهن گهر ۾ اختلاف احترام سان حل ٿيندا تہ ٻار بہ اختلاف کي دشمني نہ سمجهندو جيڪڏهن گهر ۾ هر ماڻهو ٻئي جي ڳالهہ ٻڌندو تہ ٻار بہ ٻڌڻ سکندو پر جيڪڏهن هر مسئلي جو حل رڙيون، ڌمڪيون يا تذليل هجي تہ پوءِ ٻار بہ اهو ئي طريقو اختيار ڪندو گهر جو ماحول ئي خاموش استاد هوندو آهي گهر جون ڀتيون ڳالهائينديون ناهن پر انهن جي وچ ۾ ٿيندڙ هر گفتگو ٻار جي دل تي پنهنجو نقش ڇڏي ويندي آهي اهو ضروري ناهي تہ ٻار هر ڳالهہ جو مطلب سمجهي پر هو هر احساس کي ضرور محسوس ڪندو آهي هو محسوس ڪندو آهي تہ گهر ۾ محبت آهي يا ڇڪتاڻ هو محسوس ڪندو آهي تہ غلطيءَ تي رهنمائي ملي ٿي يا ذلت اهي احساس ئي سندس شخصيت جي سرشتي جو حصو بڻجي وڃن ٿا.

مان سمجهندو آهيان تہ تربيت نصيحت نہ ورجاءُ آهي تربيت ڪنهن هڪ ڏينهن جي تقرير سان نٿي ٿئي تربيت روز ٿيندي آهي صبح جي سلام مان ماءُ جي لهجي مان پيءُ جي مسڪراهٽ مان کاڌي جي ميز تي ٿيندڙ گفتگو مان غلطي ٿيڻ تي ڏنل ردعمل مان ۽ انهن ننڍڙن لمحن مان، جن کي اسان عام سمجهي نظرانداز ڪري ڇڏيندا آهيون ٻار لاءِ هر ڏينهن هڪ نئون سبق آهي هو ڏسي رهيو آهي تہ والدين گهر ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهن سان ڪيئن ڳالهائين ٿا، پاڙيسري سان ڪيئن پيش اچن ٿا، روڊ تي ڪنهن غريب کي ڪيئن ڏسن ٿا، ٽريفڪ ۾ بيٺل ماڻهو لاءِ ڪهڙا لفظ استعمال ڪن ٿا. اهي سڀ منظر گڏجي ٻار کي سيکارين ٿا تہ انسان هجڻ جو مطلب ڇا آهي اسان ڪهڙو نسل تيار ڪري رهيا آهيون؟ اڄ اسان جي سماج کي صرف اعليٰ تعليم يافتہ نوجوانن جي ضرورت ناهي پر اهڙن انسانن جي ضرورت آهي جيڪي بااخلاق هجن برداشت رکن ٻين جي عزت ڪرڻ ڄاڻن اختلاف کي نفرت ۾ تبديل نہ ڪن ۽ پنهنجن رشتن کي سنڀالي سگهن اهڙو نسل يونيورسٽين ۾ پيدا نٿو ٿئي اهڙي نسل جي شروعات گهر جي ڊائننگ ٽيبل تان ٿئي ٿي اهڙو نسل ماءُ جي نرم لهجي مان پيدا ٿئي ٿو اهڙو نسل پيءُ جي انصاف مان جنم وٺي ٿو ۽ اهڙو نسل ان گهر مان نڪري ٿو جتي ٻار محبت کي صرف ٻڌندو نہ پر روز ڏسندو بہ آهي ڇا لفظ بہ ٻار جي قسمت لکي سگهن ٿا؟ ان جو جواب آهي ها ڪيترن ئي نفسياتي ماهرن جو چوڻ آهي تہ ٻار پنهنجي باري ۾ جيڪو تصور ٺاهي ٿو اهو سندس پنهنجي سوچ کان اڳ والدين جي ڳالهين مان ٺهندو آهي ٻار پاڻ کي ائين ئي ڏسڻ شروع ڪندو آهي جيئن سندس والدين کيس ڏسن ٿا جيڪڏهن ٻار کي بار بار چيو وڃي 'تون هوشيار آهين. تون ڪوشش ڪندو رهندين تہ ضرور ڪامياب ٿيندين' تہ هو پنهنجي اندر اها صلاحيت محسوس ڪرڻ لڳندو آهي پر جيڪڏهن هر ننڍي غلطيءَ تي کيس ٻڌڻو پوي 'توکان ڪجهہ بہ نہ ٿيندو' 'تون هميشہ مسئلا پيدا ڪندو آهين' 'تون ڀين ڀائرن جهڙو ڇو نہ ٿو ٿي سگهين' تہ اهي جملا آهستي آهستي سندس شخصيت جو حصو بڻجي وڃن ٿا شايد والدين جو مقصد صرف غصي جو اظهار هجي. پر ٻار انهن لفظن کي پنهنجي سڃاڻپ بڻائي ويهندو آهي ٻار جي دل شيشي کان بہ وڌيڪ نازڪ آهي اسان جيڪڏهن ڪنهن شيشي تي ريڙهڪ هڻون تہ اها صاف نظر اچي ٿي پر ٻار جي دل تي لڳل لفظن جا رهجندا نظر نہ ٿا اچن اهي اندر ئي اندر رهندا آهن ڪڏهن خوداعتماديءَ جي کوٽ بڻجي ظاهر ٿيندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن وري خوف جي صورت اختيار ڪندا آهن ڪڏهن بي سبب غصي ۾ تبديل ٿي ويندا آهن ۽ ڪڏهن خاموشيءَ جي اهڙي چادر اوڍي ڇڏيندا آهن جنهن کي والدين ڏاهپ سمجهندا آهن. جڏهن تہ حقيقت ۾ اها اندر ٽٽڻ جي شروعات هوندي آهي ڪي ٻار گهر ۾ تمام خاموش هوندا آهن والدين چوندا آهن 'اسان جو ٻار تہ ڏاڍو فرمانبردار آهي' پر هر خاموش ٻار مطمئن هجي اهو ضروري ناهي ڪڏهن خاموشي اعتماد جي گهٽتائيءَ جو نتيجو هوندي آهي. ۽ ڪڏهن خاموشي خوف جي والدين لاءِ انهن ٻنهي ۾ فرق سمجهڻ تمام ضروري آهي تنقيد شخصيت تي نہ رويي تي ڪريو تربيت جو هڪ وڏو اصول اهو آهي تہ ٻار جي شخصيت تي حملو نہ ڪجي سندس عمل بابت ڳالهائجي

پهريون طريقو: 'تون تہ هميشہ لاپرواهہ آهين' ٻيو طريقو: 'گلاس ڀڄي پيو آهي ايندڙ ڀيري وڌيڪ احتياط ڪنداسين'

پهرئين جملي ۾ ٻار کي 'لاپرواهہ' قرار ڏنو ويو ٻئي جملي ۾ غلطيءَ کي درست ڪرڻ جو رستو ڏيکاريو ويو فرق صرف لفظن جو ناهي پر ٻار جي مستقبل جو آهي جڏهن والدين غلطيءَ کي ٻار جي سڃاڻپ بڻائي ڇڏين ٿا تہ ٻار پاڻ کي بہ ائين ئي ڏسڻ لڳندو آهي اسان جي سماج ۾ شايد سڀ کان وڌيڪ استعمال ٿيندڙ تربيتي جملو آهي 'ڏسو! تنهنجو ڀاءُ ڪيترو هوشيار آهي' 'پاڙيسريءَ جي ڌيءَ کي ڏس ڪلاس ۾ ڪيئي ڀيرا نمبر ڏس' شايد والدين سمجهن ٿا تہ اهڙي مقابلي سان ٻار اڳتي وڌندو پر گهڻو ڪري ان جو نتيجو ابتڙ نڪرندو آهي ٻار سکڻ جي خوشي وڃائي ويهندو آهي هو پنهنجي ڀاءُ ڀيڻ يا دوست کي ساٿي نہ پر حريف سمجهڻ لڳندو آهي حسد پيدا ٿيندو آهي دل ۾ احساس ڪمتري جنم وٺندي آهي ۽ آهستي آهستي اهو يقين پيدا ٿيندو آهي تہ محبت حاصل ڪرڻ لاءِ ٻين کان بهتر ثابت ٿيڻ ضروري آهي جڏهن تہ هر ٻار پنهنجي رفتار، پنهنجي قابليت ۽ پنهنجي منفرد صلاحيتن سان پيدا ٿيندو آهي والدين جو ڪم مقابلو ڪرائڻ نہ پر هر ٻار جي اندر لڪل صلاحيت کي سڃاڻڻ آهي تعريف بہ سمجهہ سان ٿيڻ گهرجي هر وقت تعريف ڪرڻ بہ صحيح تربيت ناهي جيڪڏهن هر معمولي ڪم تي چيو وڃي 'تون دنيا جو سڀ کان ذهين ٻار آهين' تہ پوءِ ٻار ڪاميابيءَ کي پنهنجي حيثيت سمجهڻ لڳندو آهي پر جڏهن کيس ڀرين ناڪامي ملندي تہ سندس سچو اعتماد لوڏجي ويندو ان جي بدران تعريف ڪوشش جي ٿيڻ گهرجي 'مون کي تنهنجي محنت تي فخر آهي' 'تون هار نہ مڃي اها وڏي ڳالهہ آهي' 'تون اڳ کان وڌيڪ بهتر ٿيو آهين' اهڙا جملا ٻار کي سکڻ سان محبت ڪرڻ سيکارين ٿا. تہ رڳو نتيجن سان ٻار کي ٻڌڻ بہ محبت آهي گهڻا والدين سمجهن ٿا تہ ٻار سان ڳالهائڻ ئي ڪافي آهي پر حقيقت ۾ ٻار کي ٻڌڻ وڌيڪ اهم آهي ڪڏهن ٻار اسڪول مان اچي پنهنجي ڏينهن جو ڪو ننڍڙو واقعو ٻڌائڻ چاهي ٿو پر والدين موبائل ۾ مصروف هوندا آهن يا جواب ڏيندا آهن 'ها ٺيڪ آهي پوءِ ٻڌائجان' ٻار شايد ان لمحي خاموش ٿي وڃي پر هو اهو بہ سکندو تہ سندس ڳالهہ ايتري اهم ناهي اهو سلسلو بار بار ورجائبو تہ هڪ ڏينهن ٻار پنهنجون اهم ڳالهيون بہ پاڻ وٽ رکڻ شروع ڪري ڇڏيندو انهيءَ ڪري جڏهن ٻار ڳالهائي تہ ڪجهہ منٽن لاءِ دنيا کي روڪي ڇڏيو سندس اکين ۾ نهاريو سندس جملا مڪمل ٿيڻ ڏيو سندس احساسن کي رد نہ ڪريو ڪيترائي ڀيرا ٻار کي حل جي نہ رڳو هڪ ڌيان سان ٻڌندڙ دل جي ضرورت هوندي آهي خوداعتمادي انعام نہ ماحول مان پيدا ٿيندي آهي گهڻا والدين چاهين ٿا تہ سندن ٻار پُراعتماد هجي پر اعتماد ڪنهن دڪان تان خريد نٿو ڪري سگهجي اهو هر ڏينهن جي رويي سان ٺهندو آهي جڏهن ٻار کي غلطي ڪرڻ جي اجازت ملي جڏهن سندس سوالن تي کل نہ ڪئي وڃي جڏهن کيس پنهنجي راءِ ڏيڻ جو حق ملي جڏهن کيس محسوس ٿئي تہ گهر ۾ سندس عزت آهي تڏهن هڪ اهڙو انسان تيار ٿيندو جيڪو زندگيءَ جي ڏکيائين کان نہ ڊڄندو.

پنهنجي ٻار کي اهو احساس ڏياريو تہ دنيا ڀلي سندس خلاف هجي، پر سندس گهر هميشہ سندس پناهہ گاهہ رهندو ٻار وڏا ٿي ويندا هو پنهنجي رانديڪن کان بہ اڳتي نڪري ويندا. اسڪول جا ڪتاب بہ بدلجي ويندا. گهر جون ڀتيون بہ شايد پراڻيون ٿي وڃن پر هڪ شيءِ ڪڏهن بہ پراڻي نہ ٿيندي، اهو احساس، جيڪو والدين پنهنجي ٻارن جي دل ۾ ڇڏي ويندا. شايد ٻار کي ياد نہ رهي تہ پنجن سالن جي عمر ۾ کيس ڪهڙو تحفو مليو هو پر کيس اهو ضرور ياد رهندو تہ جڏهن هو ڊڄندو هو، تڏهن ڪنهن سندس هٿ پڪڙيو هو. جڏهن هو روئندو هو، تڏهن ڪنهن کيس ڀاڪر پاتو هو. جڏهن هو ناڪام ٿيو هو، تڏهن ڪنهن کيس يقين ڏياريو هو تہ 'تون ٻيهر ڪوشش ڪري سگهين ٿو' ۽ شايد والدين جي ڪاميابي جو اصل معيار بہ اهو ئي آهي

ڪشمير، گلگت بلتستان ۽ قومي سياست!

محمد خان اُبڙو

پاڪستان جي سياست ۾ وفاق ۽ صوبن وچ ۾ لاڳاپا هميشہ ملڪ جي استحڪام ۽ مضبوطيءَ جو بنيادي بنياد رهيا آهن ڪو بہ وفاقي ملڪ تڏهن ئي مضبوط سمجهيو ويندو آهي جڏهن ان ۾ شامل سڀني صوبن ۽ علائقن کي برابر اهميت ڏني وڃي، عوام جي ووٽ ۽ فيصلي جو احترام ڪيو وڃي ۽ سياسي اختلافن کي جهيڙن يا ٽڪراءَ بدران آئين ۽ جمهوريت جي دائري اندر رهي حل ڪيو وڃي. گذريل ڪيترن ئي سالن دوران سنڌ، گلگت بلتستان ۽ آزاد ڪشمير جي سياسي صورتحال اهو واضح ڪيو آهي تہ علائقائي يا صوبائي سياست کي قومي سياست کان الڳ نٿو ڪري سگهجي ڇو تہ هڪ صوبي يا علائقي ۾ پيدا ٿيندڙ سياسي اثر سڄي ملڪ جي سياسي ماحول تي اثرانداز ٿيندا آهن سنڌ کي پاڪستان جي معيشت جي ريڙهہ جي هڏي چيو وڃي ٿو ڇاڪاڻ تہ ملڪ جون اهم بندرگاهون، وڏيون صنعتون، اهم ملي ۽ واپاري ادارا ۽ پاڪستان جو سڀ کان وڏو شهر ڪراچي بہ هتي موجود آهي. سنڌ قومي معيشت ۾ وڏو حصو وجهندي رهي آهي. پر ان جي باوجود مختلف دورن ۾ سنڌ جي سياسي قيادت ۽ وفاقي حڪومت وچ ۾ ڪيترن ئي معاملن تي اختلاف سامهون ايندا رهيا آهن انهن اختلافن ۾ وسيلن جي ورڇ، ترقياتي منصوبن لاءِ فنڊن جي فراهمي، قومي آمدني جي ورهاست ۽ انتظامي اختيارن جهڙا اهم مسئلا شامل رهيا آهن حقيقت اها آهي تہ اهڙن مسئلن جو حل هڪ ٻئي خلاف سياسي محاذ کولي تنقيد ڪرڻ يا ٽڪراءُ پيدا ڪرڻ ۾ ناهي، بلڪ آئين موجب ڳالهہ ٻولهہ، گڏيل مفادن واري ڪائونسل جي فعال ۽ اثرائتي ڪردار ۽ وفاق ۽ صوبن وچ ۾ اعتماد ۽ سهڪار وڌائڻ ۾ لڪل آهي جڏهن سڀ ڌريون گڏجي ويهي مسئلن جو حل ڳوليندڙيون تڏهن ئي قومي يڪجهتي مضبوط ٿيندي ۽ ملڪ ترقي جي راهہ تي وڌيڪ اعتماد سان اڳتي وڌي سگهندو.

پاڪستان جي وڏين سياسي جماعتن خاص طور تي پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ پاڪستان مسلم ليگ (ن)، مختلف دورن ۾ وفاقي حڪومتن جو حصو رهي ملڪ جي سياست تي گهرو اثر ڇڏيو آهي ٻنهي جماعتن جي وچ ۾ ڪڏهن گڏيل ڪم ۽ سياسي سهڪار ڏسڻ ۾ آيو آهي تہ ڪڏهن سخت سياسي مقابلو بہ رهيو آهي پر جمهوريت جو اصل حُسن اهو آهي تہ سياسي اختلافن کي عوامي ڀلائي ۽ قومي مفادن کان مٿاهون نہ رکيو وڃي سياسي پارٽين جو بنيادي مقصد اقتدار حاصل ڪرڻ سان گڏ عوام جي مسئلن جو حل ڳولهڻ ۽ ملڪ کي اڳتي وڌائڻ هجڻ گهرجي. نہ ڪي صرف هڪ ٻئي سان ٽڪراءُ ۾ وقت ضايع ڪرڻ. آزاد جمون ۽ ڪشمير ۽ گلگت بلتستان جا چونڊ عمل هميشہ سڄي ملڪ جي ڌيان جو مرڪز رهيا آهن انهن علائقن جي خاص آئيني حيثيت، اهم جاگرافيائي مقام ۽ ڪشمير مسئلي سان لاڳاپي سبب اتي ٿيندڙ چونڊون رڳو مقامي اهميت نٿيون رکن پر انهن جا اثر قومي ۽ عالمي سطح تي بہ محسوس ڪيا ويندا آهن انهيءَ ڪري هر سياسي جماعت چونڊن دوران پنهنجي ڪاميابيءَ لاءِ ڀرپور مهم هلائيندي آهي ۽ ووٽرن جي حمايت حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي آهي بهرحال، سڀ کان اهم ڳالهہ اِها آهي تہ چونڊن جو عمل شفاف، منصفاڻو ۽ غيرجانبدار هجي تہ جيئن ماڻهن جو ووٽ جي طاقت تي اعتماد برقرار رهي عوام کي بنا ڪنهن دٻاءُ، خوف يا مداخلت جي پنهنجي پسند جي نمائندن کي چونڊڻ جو مڪمل حق ملڻ گهرجي پاڪستان ۾ جمهوريت تڏهن ئي وڌيڪ مضبوط ۽ مستحڪم بڻجي سگهي ٿي، جڏهن هر سياسي جماعت نہ رڳو پنهنجي ووٽن ۽ مينڊيٽ جو احترام ڪري، پر مخالف ڌر کي ملندڙ عوامي حمايت ۽ مينڊيٽ کي بہ ساڳئي عزت سان قبول ڪري. پاڪستان جو آئين سڀني صوبن ۽ علائقن کي برابر حق، انصاف ۽ مساوات جي ضمانت ڏئي ٿو. تنهن ڪري رياست ۽ حڪومت جو فرض آهي تہ آئين جي ان روح کي عملي شڪل ڏئي

گذريل ڪجهہ سالن دوران سنڌ ۾ ترقياتي منصوبن، صحت، تعليم، بنيادي ڍانچي ۽ مڪاني حڪومتن جي شعبن ۾ ڪيترائي قدم کنيا ويا آهن مختلف علائقن ۾ روڊن، اسپتالن، اسڪولن ۽ ٻين عوامي سهولتن بابت منصوبا شروع ڪيا ويا، جن جو مقصد ماڻهن جي زندگي کي بهتر بڻائڻ هو پر ساڳئي وقت انهن منصوبن بابت مختلف سياسي ۽ سماجي حلقن طرفان تنقيد بہ ڪئي وئي ڪجهہ ماڻهن جو خيال رهيو تہ ڪيترن منصوبن جي رفتار سست رهي، جڏهن تہ ڪجهہ ٻين انهن جي شفافيت ۽ نتيجن بابت سوال اٿاريا اهڙي طرح وفاقي حڪومتن جي معاشي، ملي ۽ انتظامي پاليسين تي بہ مختلف سياسي جماعتن پاران اعتراض ۽ تنقيد ڪئي ويندي رهي آهي حقيقت ۾ هڪ بلوغ ۽ صحتمند جمهوريت ۾ تنقيد ۽ احتساب کي منفي نہ پر سياسي عمل جو اهم حصو سمجهيو ويندو آهي. پر شرط اهو آهي تہ اها تنقيد حقيقتن، دليلن ۽ عوامي مفاد تي ٻڌل هجي نہ ڪي ذاتي يا سياسي دشمني تي آزاد جمون ۽ ڪشمير ۽ گلگت بلتستان ۾ ٿيندڙ چونڊن ڪانپوءِ بہ مختلف سياسي جماعتن چونڊ نتيجن، چونڊ مهم دوران ٿيندڙ واقعن ۽ انتظامي معاملن بابت پنهنجا خدشا ظاهر ڪيا آهن اهڙين حالتن ۾ چونڊن سان لاڳاپيل ادارن ۽ ذميوار اختيارين جي ذميواري وڌيڪ وڌي ويندي آهي انهن کي گهرجي تہ شفافيت، غير جانبداري ۽ قانون جي بالادستي بابت پيدا ٿيندڙ هر سوال جو واضح ۽ قانوني جواب ڏين جيئن عوام جو چونڊ نظام ۽ رياستي ادارن تي اعتماد برقرار رهي.

هن وقت پاڪستان کي ڪيترن ئي اهم چئلينجن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي، جن ۾ معاشي استحڪام، قومي يڪجهتي، دهشتگردي خلاف اثرائتا قدم، پاڻي جي وسيلن جو تحفظ، موسمياتي تبديلي جا اثر ۽ علائقائي سفارتڪاري جا معاملا شامل آهن. اهڙين حالتن ۾ ضروري آهي تہ ملڪ جون سڀ سياسي قوتون چونڊن ۽ سياسي مقابلي کان مٿاهون ٿي قومي معاملن تي گڏيل اتفاق راءِ پيدا ڪن. پارليامينٽ ئي اهو آئيني فورم آهي، جتي اختلافن کي دليل، آئين ۽ قانون جي دائري اندر رهي حل ڪري سگهجي ٿو. جمهوريت رڳو چونڊن جو نالو ناهي، پر اها برداشت، ڳالهہ ٻولهہ، آئين جي بالادستي، آزاد عدليہ، بااختيار پارليامينٽ ۽ مضبوط وفاقي وحدتن جو مجموعو آهي جيڪڏهن پاڪستان جون سڀ سياسي جماعتون انهن بنيادي اصولن تي متفق ٿين تہ نہ صرف وفاق وڌيڪ مضبوط ٿيندو پر عالمي سطح تي پاڪستان جي جمهوري سڃاڻپ بہ وڌيڪ مستحڪم ٿيندي. پاڪستان جي عوام هميشہ اهو ثابت ڪيو آهي تہ هو جمهوريت جي تسلسل ۽ سياسي استحڪام جا خواهشمند آهن. هاڻي ذميواري سياسي قيادت تي آهي تہ اها عوام جي اعتماد کي وڌيڪ مضبوط بڻائي، چونڊ عمل کي شفاف ۽ قابلِ اعتماد بڻائڻ لاءِ قدم کڻي، ادارن جي احترام کي هٿي ڏئي ۽ صوبن جي جائز آئيني حقن جي تحفظ کي يقيني بڻائي. اهڙو رويو ئي هڪ مضبوط، مستحڪم ۽ متحد پاڪستان جي ضمانت بڻجي سگهي ٿو.

اڄوڪو ڏينهن ---- ٻهرين جولاءِ

لطف علي مسڪين

هن ناليواري تعليمي ماهر ۽ شاعر جو جنم ٻهرين جولاءِ 1889ع تي گهوٽڪي ضلعي جي ڳوٺ بهشتي ڪامل ۾ ٿيو. هن جي والد جو نالو حاجي خان محمد ڪولاچي هو. هن ابتدائي تعليم ميرپور ماٿيلو مان حاصل ڪئي. 1907ع ۾ سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪري اسڪول ۾ نائب ماستر مقرر ٿيو. سنڌي، اردو، عربي ۽ فارسي ٻولين جي چڱي ڄاڻ هئس. شاهہ جي رسالي جو گهڻو حصو برزبان ياد هئس. ڪتاب گڏ ڪرڻ ۽ پڙهڻ جو گهڻو شوق هئس. پنهنجي رهائشگاهہ تي ڪتابن جي هڪ وڏي لائبريري قائم ڪئي هيائين. پاڻ هڪ سٺو نثرنويس ۽ شاعر هو. شاعريءَ ۾ 'مسڪين' تخلص استعمال ڪندو هو. سنڌيءَ سان گڏ فارسيءَ ۾ شاعري ڪيائين. فارسيءَ ۾ 'عروض داستان' نالي ڪتاب لکيائين. سنڌيءَ ۾ بہ ٻہ ٽي ڪتاب لکيائين پر انهن جا نالا نہ ملي سگهيا آهن. انتهائي نيڪ نمازي ۽ شريعت جو پابند هو. هن 15 مارچ 1943ع تي وفات ڪئي.

فقير غلام علي مسرور

اڄ سنڌ جي مشهور صوفي شاعر، سريلي راڳيءَ ۽ فقير منش انسان ميان غلام علي مسرور فقير جي جنم جو ڏينهن آهي سندس جنم ٻهرين جولاءِ 1894ع تي ميان رحيم بخش بڍويءَ جي گهر ۾ ٿيو. هن ابتدائي تعليم شڪارپور مان حاصل ڪئي ۽ سنڌي فائنل جو امتحان 1910ع ۾ پاس ڪيائين ان بعد حيدرآباد مان تپيداريءَ جو ڪورس پاس ڪري 1912ع ۾ تپيدار مقرر ٿيو. هو سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ نوڪري ڪري 1948ع ۾ رٽائر ٿيو. ان بعد ڪجهہ خانگي نوڪريون ڪيائين. پاڻ فقيراڻي طبيعت جو مالڪ هو ۽ بيدل فقير جي درگاهہ جو وڏو معتقد هو. 14 سالن جي ننڍڙي ڄمار کان بيدل فقير جي مزار تي وڃڻ شروع ڪيائين. کيس موسيقيءَ جي سر تار جي وڏي ڄاڻ حاصل هئي. پاڻ ستار شوق سان وڄائيندو هو. هن سڄا سارا ٽيهہ سال بيدل فقير جي درگاهہ تي ستار ۽ يڪتاري تي پنهنجا سر وکيريا. گهڻو ڪري پنهنجون ئي ڌنون ٺاهي ڳائيندو هو. پنهنجي چاچي حاجي امام بخش خادم جي صحبت ۾ شاعري بہ ڪرڻ شروع ڪيائين. عمر جي آخري حصي ۾ هڪ صوفي اوتارو قائم ڪيائين جتي موسيقيءَ ۽ سماع جون محفلون مچنديون هيون. هن 19 آگسٽ 1953ع تي دم ڌڻيءَ حوالي ڪيو. سندس شعري مجموعو 'مسندس مسرور عرف هيرن جو هار' 1953ع ۾ شايع ٿيو. 2000ع ۾ سندس شاعري 'ڪليات مسرور' جي نالي سان بيدل مسرور ڇپائي پڌري ڪئي. سندس ٻين ڪتابن ۾ 'راڳ جي شرعي حيثيت'، 'مثنوي هير رانجهو'، 'ڪشمن'، 'من مستي'، 'سلطاني سهاڳ' ۽ 'فقير واليڏنو شڪارپوريءَ جو ڪلام' شامل آهن.

ترمل هرداس مل هنگوراڻي

اڄ مشهور قانوندان ترمل هرداس مل هنگوراڻيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هو ٻهرين جولاءِ 1921ع تي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو. هن جو ڏاڏو ديوان ٻنا سنگهہ نارو شاهہ ۾ جج هو جڏهن تہ هن جو نانو ديوان مانسنگهہ خيرپور ۾ جج هو. هن جو پيءُ بہ ڪراچيءَ ۾ جج هو. قانوندان خاندان سان واسطو هجڻ ڪري هن بہ قانون پڙهڻ جو فيصلو ڪيو ۽ 1944ع ۾ ايس سي لا ڪاليج مان ايل ايل بي جي سند حاصل ڪيائين اهو ڪاليج بمبئي يونيورسٽيءَ سان لاڳاپيل هو. 1946ع ڌاري وڪالت شروع ڪيائين. ديس جي ورهاڱي کان پوءِ هندستان هليو ويو جتي 1952ع ۾ سپريم ڪورٽ جي وڪيل طور ڪم شروع ڪيائين. هن کي سماجي ڪمن سان بہ گهڻي دلچسپي هئي. هن پنهنجي گهرواريءَ ڪپيلا پشپا سان ملي 'ڪپيلا ۽ ترمل هنگوراڻي فائونڊيشن' جو بنياد رکيو. هن ٽرسٽ عورتن کي جائز حق ڏيارڻ، ٻارن کي جنسي ڏرندن کان بچائڻ، زبردستي مزدوريءَ کي روڪڻ ۽ اهڙن ٻين سماجي مسئلن جي حل لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو. ترمل هرداس 21 جولاءِ 2015ع تي هندستان جي سپريم ڪورٽ جي سڀني کان سينئر وڪيل طور پرلوڪ پڌاريو.

الهداد جهنجهي



اڄ شاهہ لطيف جي پارکوءَ ۽ استاد الهداد جهنجهيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي. هن جو تعلقي ڇاڇري ضلعي ٿرپارڪر جي ڳوٺ جهنجهي ۾ ٻهرين جولاءِ 1928ع تي اکيون کوليون. ان وقت جي دستور مطابق قرآن شريف ۽ ديني تعليم حاصل ڪيائين. سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪري اسڪول جو استاد مقرر ٿيو ۽ سڄي عمر ٻارن کي پڙهائي 1981ع ۾ رٽائر ٿيو. کيس شاهہ جي شاعريءَ سان عشق جي حد تائين محبت هئي. هن 'شاهہ جو گنج' نالي شاهہ سائينءَ جي ڪلام جو رسالو ڇپرايو، جنهن ۾ اٽڪل 6000 بيت شامل آهن. 22 اپريل 2015ع تي راهہ رباني ورتائين.

عبدالخالق راز سومرو

اڄ مشهور شاعر، ڪهاڻيڪار ۽ نثرنويس عبدالخالق راز سومري جي جنم جو ڏينهن آهي هو ٻهرين جولاءِ 1934ع تي شڪارپور ضلعي جي ڳوٺ حاجي خان ڪلهوڙي ۾ ڄائو. هن اديب فاضل سنڌي، بي ايڊ، ايم اي ۽ پي ايچ ڊي جون سندون حاصل ڪيون. 1949ع ۾ پرائمري ٽيچر مقرر ٿيو ۽ مختلف اسڪولن ۾ نوڪري ڪري 1994ع ۾ رٽائر ڪيائين. هن 1951ع ڌاري ادبي دنيا ۾ پير پاتو. هن سنڌيءَ کان علاوه اردو، سرائڪي ۽ فارسي ٻولين ۾ بہ ڪافي مواد ڇڏيو آهي. سندس ڪهاڻيون، شاعري ۽ مضمون مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپيا. هن جي لکيل ڪتابن ۾ 'ڪليات علوي'، 'شڪارپور صدين کان' ۽ 'بکر جي تاريخ' شامل آهن. هن 25 جولاءِ 2011ع تي وفات ڪئي.

نند جويري

اڄ مشهور سنڌي ليکڪ نند جويريءَ جي جنم جو ڏهاڙو آهي. هن ناليواري ليکڪ جو جنم ٻهرين جولاءِ 1937ع تي شڪارپور ۾ ٿيو. هن جئہ هند ڪاليج مان اعليٰ تعليم حاصل ڪئي ۽ ممبئي شهر ۾ هيرن جو ڪاروبار ڪوليو. سنڌي ادبي حلقن ۾ هو هڪ شاعر ۽ اديب جي حيثيت ۾ سڃاتو وڃي ٿو. هن تي ڪتاب لکيا آهن جن مان سندس ڪتاب 'اکر اکر ڪٿا' کي ساهتيہ اڪيڊمي نئين دهليءَ پاران انعام ملي چڪو آهي. هو ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۽ صوفيت جي وڏي ڄاڻ رکي ٿو.

احمد بخش مسرور بڍوي

اڄ مشهور شاعر ۽ ليکڪ احمد بخش مسرور بڍويءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هن کي ادبي ۽ صوفياڻي لاٽ ۾ فقير مٺل مسرور جي نالي سان بہ ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو. هن ٻهرين جولاءِ 1939ع تي فقير غلام علي مسرور جي گهر ۾ اکيون کوليون هو ناميارو اديب، فنڪار ۽ سابق پروڊيوسر بيدل مسرور جو پيءُ آهي هو هڪ بهترين صوفي شاعر آهي سندس شاعريءَ ۾ صوفياڻو رنگ نمايان آهي موسيقي موسيقيءَ جي سازن ۽ راڳ سان دلچسپي اٿس هن جي ڇپيل ڪتابن ۾ 'سڄل سارو سچ' ۽ 'مون سي ڏنا ماءُ' شامل آهن

مختيار اڻڙ

محمد مٺل ڪمالائي

محمد مٺل ڪمالائي موري جي مشهور ليکڪن مان هڪ هو. هن جي جنم جي تاريخ تي ٿورو اختلاف آهي اسلم عباسيءَ پنهنجي ڪتاب 'مورو - تاريخ ۽ ثقافت' ۾ هن جي جنم جي تاريخ ٻهرين جولاءِ 1942ع لکي آهي جڏهن تہ ٻين ڪجهہ حوالن ۾ هن جي جنم جي تاريخ 12 جولاءِ لکي وئي آهي موري ۾ ئي پڙهيو ۽ تعليم کاتي ۾ استاد بنجي ٻارن کي تعليم جي زيور سان آراستہ ڪيائين لکڻ جو شوق ننڍي هوندي کان ئي هئس موري ۽ آسپاس جي علمي سرگرمين ۾ ڀرپور حصو ورتائين هو بزم گلشن اداره آئينہ ادب، سنڌي ادبي سنگت، سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن سيڪنڊري ٽيچرس ائسوسيئيشن ۽ ٻين علمي ادبي ۽ سماجي تنظيمن سان سلهاڙيل رهيو. راشد موراڻيءَ جي صحبت ۾ رهي شاعري ڪيائين ۽ ڪيترائي مضمون بہ لکيائين هن جو ڪتاب 'مورو ناهي ٿورو' ڇپجي چڪو آهي

قبول اڻڙو

اڄ مشهور ليکڪ مرحوم قبول اڻڙي جي جنم جو ڏينهن آهي هن ٻهرين جولاءِ 1948ع تي شڪارپور ضلعي جي ڳوٺ شاهہ قليپور ۾ اک کولي هن ابتدائي تعليم ڳڙهي ياسين مان حاصل ڪئي مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول نمبر 2 شڪارپور مان ۽ انٽرميڊيئٽ جو امتحان شڪارپور جي ايس اينڊ سي ڪاليج مان پاس ڪيائين اڳتي هلي سنڌ يونيورسٽيءَ مان رياضيءَ ۾ ماسٽر ڊگري 1974ع ۾ حاصل ڪيائين هن عملي زندگيءَ جي شروعات اسلاميہ هاءِ اسڪول سکر ۾ استاد طور ڪئي ان بعد ٽيڪنيڪل ڪاليج خيرپور ۾ پڻ پڙهايائين اڳتي هلي پلاننگ ۽ ڊولپمينٽ کاتي ڪراچيءَ ۾ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر، ڊپٽي ڊائريڪٽر ۽ آخر ۾ ڊائريڪٽر طور ڪم ڪيائين ادبي دنيا ۾ هو هڪ بهترين ڪهاڻيڪار، ناول نگار، سنڌيڪار ۽ محقق طور ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو. سندس چوڏهن ڪتاب ڇپجي چڪا آهن هن 16 ڊسمبر 2013ع تي وفات ڪئي

منور علي ٻٽ



هن ناميارو ليکڪ ۽ سنڌيڪار جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1955ع ۾ ڳوٺ ٻٽ سرائي تعلقي ميهڙ ضلعي دادوءَ ۾ ٿيو ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين ڇهين کان اٺين ڪلاس تائين گورنمينٽ مڊل اسڪول ٽرڙي محبت ۾ پڙهيو ۽ مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول ميهڙ مان پاس ڪيائين اڳتي هلي بي اي جي سند حاصل ڪيائين هن شروع ۾ ڪجهہ ننڍيون نوڪريون ڪيون، 1983ع ۾ سنڌ سيڪريٽريٽ ڪراچيءَ ۾ اسسٽنٽ مقرر ٿيو ۽ ترقي ڪري سيڪشن آفيسر جو عهدو ماڻي رٽائر ٿيو سنڌي ادبي دنيا ۾ هو هڪ مترجم طور مشهور آهي ۽ لڳ ڀڳ ٻہ درجن ڪتاب اردوءَ ۽ انگريزيءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيائين

گلشن لغاري

اڄ مشهور ليکڪا، شاعره ۽ ڪالم نگار گلشن لغاريءَ جي سالگرهہ جو ڏينهن آهي گلشن لغاريءَ جي پيدائش ٻهرين جولاءِ 1965ع تي ٽبي سر روڊ تعلقي عمرڪوٽ ۾ ٿي سندس والد غلام حيدر لغاري ۽ چاچو ڪامريڊ غلام محمد لغاري هاري تحريڪ جا سرگرم ميمبر ۽ عهديدار هئا هن ابتدائي تعليم ٽبي سر مان حاصل ڪئي ان بعد ميرپورخاص ۾ وڌيڪ تعليم حاصل ڪيائين اڳتي هلي هن ايم اي سنڌي، ايم اي سوشالاجي ۽ ايل ايل بي جون سندون سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيون هن ڪجهہ وقت اسڪول ٽيچر طور ڪم ڪيو پر پوءِ اها نوڪري ڇڏي ڏنائين گهر ۾ ادبي ۽ سياسي ماحول ملڻ سبب ننڍي هوندي کان ئي ادبي سياسي ۽ سماجي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيائين هن امرسنڌوءَ ۽ ٻين هم خيال سهيلين سان ملي سنڌي ناري تحريڪ جو بنياد رکيو ۽ پاڻ انهيءَ تنظيم جي صدر طور خدمتون سرانجام ڏنائين هن سڄا سارا 13 سال هڪ اين جي او ۾ ڪم ڪيو ۽ ميرپورخاص بار ائسوسيئيشن جي ميمبر رهي هوءَ هڪ سنڌي اخبار ۾ بہ صحافتي خدمتون سرانجام ڏيندي رهي آهي هوءَ هڪ بهترين شاعره پڻ آهي هن شاعريءَ جي لڳ ڀڳ سڀني صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي جن ۾ غزل، نظم، آزاد نظم، چوسٽا، ڇهہ سٽا ۽ اٺ سٽا وغيره شامل آهن سندس شاعريءَ جو ڪتاب 'وڄڙي ويل زندگي' 2009ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو شاعريءَ سان گڏ ڪيترائي ڪالم ۽ مضمون پڻ قلمبند ڪيا اٿس

اي آر بلوچ



اڄ ريڊيو ٽيليويزن ۽ فلم جي مشهور اداڪار اي آر بلوچ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن جو پورو نالو عبدالرسول ولد اميد علي بلوچ هو ۽ سندس جنم حيدرآباد ۾ ٿيو هن کي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي پروڊيوسر انور بلوچ ۽ ٽيليويزن تي عبدالڪريم بلوچ متعارف ڪرايو هن ريڊيو ۽ ٽيليويزن جي سوين ڊرامن ۾ يادگار ڪردار ادا ڪيا هن سنڌي فلمن ليليٰ مجنون، ٻلال ۽ برسات ۽ رت ۽ اجرڪ ۾ پڻ اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريا هن ناليواري اداڪار ٻهرين جولاءِ 2005ع تي دم ڌڻيءَ حوالي ڪيو

امر پرسرام جڳياسي



امر پرسرام جڳياسي هندستان جو مشهور سنڌي راڳي هو هو اڄوڪي ڏينهن تي 1945ع ۾ هاٿوڪي قمبر شهدادڪوٽ ضلعي جي شهر قمبر ۾ ڄائو ورهاڱي کان پوءِ هن جو ڪٽنب الهاس نگر ۾ وڃي آباد ٿيو هن بي اي تائين تعليم حاصل ڪري هندستان جي بحري فوج ۾ نوڪري ڪئي ۽ 2005ع ۾ رٽائر ٿيو سُر ۽ سنگيت سان ننڍي هوندي کان ئي پيار هئس اٽڪل 13 ورهين جي عمر کان ڳائڻ شروع ڪيائين هن جا ڳايل ڪيترائي سنڌي ۽ هندي گيت آڪاشواڻي ريڊيو تان نشر ٿيا سندس ڳلي ۾ قدرت اها صلاحيت ڏني هئي جو هو مرد توڙي عورت جي آواز ۾ خوبصورتيءَ سان ڳائي سگهندو هو هو اسٽيج تي ۽ نجي محفلن ۾ بہ ڳائيندو هو هن ٻهرين جولاءِ 2019ع تي هي جهان ڇڏيو

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم I ڏگهڙي
(روبرو جناب ارشد علي سمون)
فيملي سوٽ نمبر 30 سال 2026

مسمات زينب ڌيءُ زاهد علي ذات خاصخيلي رهاڪڻ ڪوٽ مير جان محمد تعلقو جهڏو ضلعو ميرپورخاص..پلينٽف .بخلاف عادل الياس ولد محمد الياس ذات خاصخيلي رهاڪڻ ڪوٽ مير جان محمد تعلقو جهڏو ضلعو ميرپورخاص.. ڊفينڊنٽس

,نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 06-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم I ڏگهڙي

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاڪو)
فيملي سوٽ نمبر 181 سال 2026

مسمات بسما ڌيءُ ريئس الدين رهاڪڻ گهر نمبر 244 مهاجر ڪالوني نوابشاهه..پلينٽف .بخلاف جهانزيب علي ولد سيد زاهد علي رهاڪڻ موهني بازار پاڪ پلازه پتلي گلي نوابشاهه سيل نمبر 03443685087... ڊفينڊنٽس

,نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 01-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ
(روبرو جناب ارشاد علي خاصخيلي)
فيملي سوٽ نمبر 74 سال 2026

مسمات رخسانه ڌيءُ دريا خان رند رهاڪڻ ڳوٺ قاسم رند تعلقو سڪرنڊ ضلعو ...پلينٽف .بخلاف شهزور ولد نياز محمد رند رهاڪڻ ڳوٺ قاسم رند تعلقو سڪرنڊ ضلعو شهيد بينظير آباد ...ڊفينڊنٽس

,نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 02-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ڊسٽرڪٽ جج ڄامشورو
(روبرو جناب شاهد احمد اعوان)
سمري سوٽ نمبر 01 سال 2026

تسليم احمد ولد حاجي حب علي ذات ابڙو رهاڪڻ مهراڻ ڪالوني گمبٽ حال رهاڪڻ گهر نمبر C160 سنڌ يونيورسٽي ايمپلائيز هائوسنگ سوسائٽي فيز 2 ڄامشورو ...پلينٽف .بخلاف ارشاد حسن ولد محمد حسن ذات بگهيو رهاڪڻ گهر نمبر 12 پريا وليج نزد سنڌ يونيورسٽي ريلوي اسٽيشن ڄامشورو ...ڊفينڊنٽس

,نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف سمري سوٽ زير آرڊر XXXVII رول 1 ۽ 2 سي پي سي تحت درخواست داخل ڪئي رڪوري آف 120000 روپيا لاءِ تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 07-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ڊسٽرڪٽ جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج V ٽنڊو محمد خان
ٿرڊ ڪلاس سوٽ نمبر سال 2026

1- شاهه خالد ولد جان محمد (2) عبدالرشيد ولد جان محمد ذات ٽالپر رهاڪڻ ڳوٺ غلام حسين ٽالپر تعلقو ضلعو ٽنڊومحمد خان ...پلينٽف .بخلاف (1) رياض عرف احمد خان ولد عبدالله (2) عاقب ولد رياض عرف احمد خان (3) ثاقب ولد رياض عرف احمد خان ذات ٽالپر رهاڪڻ ڳوٺ غلام حسين ٽالپر تعلقو ضلعو ٽنڊومحمد خان ...ڊفينڊنٽس

,نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار انجڪشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 02-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج V ٽنڊو محمد خان

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار شهاب الدين شاهه ولد سيد علي اڪبر شاهه رهاڪڻ سلطان شاهه ڪالوني ڪالي موري حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سنڌس نالي ٿنهنجا ولد سيد اڪبر علي شاهه تاريخ 12-07-2022 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين سروي نمبر 06 ايراضي 1600 چورس فوٽ ديهه پرهار ٽپو هٽڙي تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جا فوتي ڪاتا تبديل ڪري ڏنا وڃن فوتي فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي ٻن گواهن جلسه عام بيان ۾ ڏني آهي (1) شمير اختر پيٽ (2) شينا پيٽ (3) شهاب الدين شاهه پاڻ (4) مهرالنساء پيٽ (5) مسمات زيبو ماءُ (6) مسمات شمير اختر ڌي سيد علي اڪبر شاهه مورخه 04-03-2025 تي فوت ٿي وئي جنهن جا وارث شهاب الدين شاهه پاڻ (2) شينا پيٽ (3) مهرالنساء پيٽ (4) مسمات زيبو ماءُ مسمات شينا ڌي سيد علي اڪبر شاهه مورخه 12-10-2025 تي فوت ٿي وئي جنهن جا وارث (1) شهاب الدين پاڻ (2) مهرالنساء پيٽ (3) مسمات زيبو ماءُ جن جي نالن تي فوتي ڪاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن ڪانسوا فوتي جو ٻيو ڪو جائز وارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي ڪاتا تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس مير خاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبه اعتراض يا دعوئ قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

هرعام وخاص کي آگاهه ڪجي ٿو ته اٿون نالي رضوان علي سورٽي ولد عبدالغني سورٽي شناختي ڪارڊ نمبر 4130394920921 حيدرآباد ڊويزن آفيسرز ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي حيدرآباد ۾ واقع پلاٽ نمبر 134 ايراضي 400 مربع گز جو سودو ان جي حقيقي مالڪ محمد يونس ولد ولي محمد شناختي ڪارڊ نمبر 4130403555607 سان ڪيو آهي اگر ڪنهن ٻه شخص يا اداري کي ڪنهن ٻه قسم جو ڪو به قانوني اعتراض هجي ته هن اشتهار شايع ٿيڻ جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض دستاويزي ثبوتن سان سوسائٽي آفيس حيدرآباد ڊويزن آفيسرز ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي حيدرآباد شهباز بلڊنگ بلاڪ اي حيدر آباد روڊ جمع ڪرائي معياد گذرڻ ڪانپو ڪو به اعتراض قابل قبول نه هوندو ۽ ٽرانسفر جي ڪارروائي مڪمل ڪئي ويندي.

رضوان غني سورٽي معرفت راجپوت اسٽيٽ ايجنسي لطيف آباد نمبر 7 حيدرآباد

گمشده ڪاغذات بابت اطلاع

جيئن ته منهنجي موٽرسائيڪل رجسٽريشن نمبر KBI-3329 انجڻ نمبر MT147MD700401132 ماڊل 2005 مون اسٽار جا اصل ڪاغذ ۽ منهنجي پٽ جي مشترڪ جا اصل ڪاغذات ڪٿي ڪري گر ٿي ويا آهن بتاريخ 06-06-2026 جنهن جي اين سي (بي سيڪشن) ٿاڻو لطيف آباد ۾ داخل ڪرائي آهي اگر ڪنهن کي ملن ته هيٺ ڏنل ايڊريس تي پهچائي ٿورائتو ڪن.

وصي احمد خان ولد محمود الرحمان خان رهاڪڻ گهر نمبر 166/B يونٽ نمبر 9 لطيف آباد حيدرآباد

عام اطلاع

هرعام وخاص کي آگاهه ٿو ڪجي ته محمد حنيف ولد علي محمد ٿهيم U.A نمبر 35 ڪل ايراضي 02-30 ايڪڙ ديهه پليجاڻي ٽپو گهارو تعلقو ميرپورساڪرو ضلعو ٺٽو جي ري ڪنسٽرڪشن رڪارڊ آف رائيٽس لاءِ ثبوتن سميت درخواست ڏني آهي 15 ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ اعتراض داخل ڪن ٻي صورت ۾ ڪارروائي مڪمل ڪئي ويندي.

ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو

تاريخ پيدائش جي درستگي

جيئن ته منهنجي گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول عبدالله مگريو جي رڪارڊ ۾ غلطي سان تاريخ پيدائش 14 جون 2000 لکجي وئي آهي جنهن کي درست ڪري 14 جون 2001 لکيو ۽ پڙهيو وڃي ۽ منهنجو هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي جيئن وقت ضرورت ڪم اچي سگهي.

عبدالله ولد عبدالغفور مگريو رهاڪڻ ڳوٺ عبدالله مگريو يو سي مسن

ڪرائي تي دستياب
راجپوتانا اسپتال، حيدرآباد
بهترين ڪاروباري موقعو
راجپوتانا اسپتال جي احاطي ۾ هيٺيان جايون ڪرائي تي موجود آهن:
✔ميڊيڪل اسٽور
✔ڪينٽين
✔اسپتال ٻاهران ٽڪ شاپون
دلچسپي رکندڙ حضرات هيٺ ڏنل نمبرن تي رابطو ڪن:
0305-3354961
0335-3655672
0332-2690397
محدود موقعا پهرين اچو پهرين حاصل ڪريو

بقايا 1 ”روزاني عبرت“

جاتي چوڪ پوليس تحويل ۾ وٺي ڊرائيور کي گرفتار ڪري ورتو فوتي حنيف پرهياڙ جو چاچو هو جيڪو روڊ جو پاسو وٺي وڃي رهيو هو

بقايا 2 ”روزاني عبرت“

ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو جيڪي لاش کڻائي ويا.

بقايا 3 ”روزاني عبرت“

گهٽ هجڻ ڪري اڳ ئي فوت ٿي چڪي هئي عورت جي فوت ٿيڻ تي سندس وارثن اسپتال ۾ ڀڃ ڊاهه ڪئي اسپتال جي ليبر روم جا گيٽ شيشا ڀڃيا ملازم ڪشور ڪمار تي تشدد ڪيو ڊاڪٽرن ۽ پيرا ميڊيڪل اسٽاف کي حراسان ڪيو هنن چيو ته هو سيڪيورٽي نه هجڻ اسان مٿان هر ٻئي ڏينهن تشدد ڪيو ٿو وڃي اسان جي زندگيون بچائڻ چاهيون ٿا ۽ هتي اسان مٿان تشدد ڪيو ٿو وڃي اسان کي انصاف ڏنو وڃي هنن چيو ته هو هن واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي ڊسرڪٽ بار ٽنڊو ٻاران نظيران واريو واري معاملي جي جاچ لاءِ ڪيل قراداد جي حمايت ڪيو ٿا صوبائي وزير صحت ۽ سيڪريٽري صحت معاملي جي جاچ ڪن جيڪڏهن اسپتال عملي غفلت ڪئي آهي ته پلي سزا ملي جيڪڏهن اسان مٿان تشدد ڪيو ويو اها انڪوائري ۾ ڳالهه ثابت ٿي ٿئي اها به عوام آڏو آندي وڃي

بقايا 4 ”روزاني عبرت“

واپس ڪرائي جوابدارن کي گرفتار ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي ٻئي طرف هتان جي سجاڳ ڌرين جو سوال آهي ته جيڪڏهن پورهيتن جو روزگار ۾ محفوظ نه رهيو ته علائقي ۾ امن بابت ذميوار ادارا آخر ڪڏهن عملي قدم کڻندا.

بقايا 5 ”روزاني عبرت“

چٽن جي حالت ڳڻتي جوڳي ٻڌائي پئي وڃي واقعي جي ڪيس داخل ٿي نه سگهيو آهي ۽ نه ڪو گرفتاري عمل ۾ اچي سگهي آهي

بقايا 6 ”روزاني عبرت“

ڏاڏو نظاماڻي، وڪيل فهيم خاصخيلي، ممتاز لنڊ، آصف جمالي، ڪارو هاليپوٽو ،عالم سنڌي ۽ جيون ڪولهي جي اڳواڻي ۾ مظاهرو ۽ ڌرڻو هڻي مطالبو ڪندي سخت گرمي باوجود ٻه ڪلاڪ احتجاج ڪيو ويو جي ڪارڪنن جي اڳواڻي ڪندڙ ڏاڏاه نظاماڻي، وڪيل فهيم خاصخيلي، ممتاز لنڊ، آصف جمالي، مدثر آرائين ۽ جيون ڪولهي ۽ ٻين ميڊيا ۽ سوشل ميڊيا کي ٻڌايو ته [illegible] اريگيشن کاتي جي آفيسرن [illegible] پاڻي چوري ڪري رهيا آهن [illegible] جي سوين ايڪڙ زمينن [illegible] سڪي تباهه ٿي رهيو آهي [illegible] زميندارن کي لکين رپين جو نقصان [illegible] اريگيشن کاتي جي آفيسرن [illegible] ڪورٽ حيدرآباد ۾ پٽيشن [illegible] داخل ڪرائي ويندي

بقايا 7 ”روزاني عبرت“

ٽرانسپورٽرن خلاف سخت ڪارروائيون ڪيون ويون ڪارروائين دوران مختلف گاڏين جي چيڪنگ ڪئي وئي جي ڪيترن ئي ٽرانسپورٽرن طرفان مقرر ڪيل سرڪاري ڀاڙن کان وڌيڪ رقم وصول ڪرڻ جون شڪايتون مليون سيڪريٽري آر ٽي اي خيرپور ڪارروائي ڪندي مسافرن کان وڌيڪ ورتل 30 هزار رپين کان وڌيڪ رقم واپس ڪرائي [illegible] ٽرانسپورٽرن [illegible] سخت ڪارروائي ڪئي ويندي

بقايا 8 ”روزاني عبرت“

[illegible] لاش کي اسپتال منتقل ڪيو ويو [illegible] ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو [illegible]

بقايا 9 ”روزاني عبرت“

پنهنجي معصوم ٻارڙن سان گڏ ايس ايس پي آفيس پهچي هٿن ۾ پاڪ ڪتاب کڻي ايس ايس پي ڄامشورو سان ملڻ جو [illegible] انصاف لاءِ اپيل ڪئي [illegible]

آهيون هن آءِ سنڌ پوليس ڊي آءِ جي حيدرآباد کان مطالبو ڪيو آهي نوجوان امتياز ٽيوٽو جا قاتل گرفتار ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا 10 ”روزاني عبرت“

سندس قرباني دين اسلام جي سر بلندي لاءِ هئي اسٽيج سيڪريٽري جا فرائض شفقت علي خاصخيلي سرانجام ڏنا ۽ نوحا خواني ۾ سنڌ جو مشهور نوحه خوان سيد ظهير عباس عابدي ۽ شاگرد خاص سفير عزا سيد نديم رضا سرور سعيد علي ڪربلائي خصوصي نوحا خواني ڪئي مجلس عزا جا خادمين ڏاڏا شير محمد ڏيرو . سلطان ڪوري اشفاق علي پنجارو محمد جمن پنجارو جن هٿا آخر ۾مومنن ۾نياز حسين تقسيم ڪيو ويو

بقايا 11 ”روزاني عبرت“

پيچڙين ۾ واري اڏامي رهي آهي هن چيوته موجوده حڪمرانن عوام کي رليف ڏيڻ بدران مهانگائي جي ڏٻڻ ۾ڦاسائي ڇڏيو آهي روڊ رستا تباهه لڳا پيا آهن اسپتالن ۾ سهولتون نه آهن پوليس امن امان قائم ڪرڻ بدران حڪمرانن جي پروٽوڪول ۾ پوري آهي رشوت جي هرطرف بازار گرم لڳي پئي آهي رشوت جي بغير ڪنهن به آفيس ۾ ڪم نه ٿو ٿئي 18سالن کان حڪمرانن سنڌ جي اقتدار تي قبضو ڪري ويٺا آهن هاڻ عوام انهن مان بيزار ٿي ويو آهي عوام کي سجاڳ ٿيڻو پوندو ۽ ايندڙ چونڊون ۾ ڪين کي عوام رد ڪري ڇڏيندو

بقايا 12 ”روزاني عبرت“

هٿيار رکڻ جي ڏوهه ۾ وڌيڪ 4 سال قيد ۽ 10 هزار رپيا ڏنڊ جي سزا پڻ ٻڌائي ٻئي طرف عدالت قتل جو الزام ثابت نه ٿيڻ تي الله وڌايو سنجراڻي قمرالدين سنجراڻي ۽ نظام الدين سنجراڻي کي باعزت بري ڪري ڇڏيو فيصلو ٻڌائڻ کان پوءِ سزا يافته ٻنهي جوابدارن کي عدالت مان شڪارپور جيل منتقل ڪيو ويو جتان بعد ۾ ڪين لاڙڪاڻو سينٽرل جيل اماڻيو ويو واضح رهي ته هي واقعو لڳ ڀڳ 5 سال ۽ 9 مهينا اڳ شڪارپور پرسان خانپور ٿاڻي جي حدن ۾ واقع ڳوٺ خير محمد سنجراڻي ۾ پيش آيو هو جتي هٿيارٻندن فائرنگ ڪري 26 ورهين جي نوجوان صدام حسين کي قتل ڪري ڇڏيو هو واقعي کان پوءِ مقتول جي والد محمد يعقوب سنجراڻي 20 اپريل 2020ع تي خانپور ٿاڻي تي الله ڏتو سراج الله وڌايو نظام الدين ۽ قمرالدين (سڀئي ذات سنجراڻي) خلاف ڪيس داخل ڪرايو هو فريادي موجب جوابدارن گهريلو تڪرار تان هٿيارٻند ٿي فائرنگ ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ سندس نوجوان پٽ صدام حسين قتل ٿي ويو ڪيس جي مڪمل ٻڌڻي کان پوءِ عدالت جوابدارن کي سزا جڏهن ته ٻين جوابدارن کي باعزت بري ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو

بقايا 13 ”روزاني عبرت“

ملڪ جي اندر بدترين سياسي بحران ۽ معاشي بحران آهي جيڪو هر روز گهٽ ٿيڻ بجاءِ هن ۾ اضافو ٿيندو رهي ٿو جنهن سبب ملڪ اندر غربت، بيروزگاري، بدامني ۾ اضافو ٿي رهيو آهي ملڪ اندر حقيقي جمهوريت نه هجڻ سياسي سرگرمين تي بندش ۽ پارليامينٽ ۾ فارم 47 تحت قائم ٿيل ۽ نااهل نمائندا عوام جو حقيقي آواز بڻجي نه سگهيا آهن جنهن ڪري ملڪ ڏينهون ڏينهن بحرانن جي ور چڙهي رهيو آهي اجلاس ۾ 2026-27 جي بجيٽ جي حوالي سان چيو ويو [illegible] جي تنخواهن ۽ پينشن ۾ [illegible] سرڪاري ملازمن [illegible] بجلي ۽ گيس [illegible] آهن

بقايا 14 ”روزاني عبرت“

چيو ته سنڌ ۾ لاقانونيت جو راڄ آهي سنڌ جون ڪيتريون ئي پوليس اوطاقن تائين [illegible] ماڻهن کي تحفظ فراهم ڪرڻ [illegible] ۾ ناڪام [illegible] سنڌ [illegible] احتجاجي تحريڪ جو سلسلو جاري رهندو [illegible] ڪري [illegible]

بقايا 15 ”روزاني عبرت“

بروهي، واحد حسين گهانگهرو، زيب مگسي، مسلم علي شاهه، امتياز علي بروهي ۽ ٻين ميڊيا آڏو ڳالهائيندي [illegible] ٺيڪيدار [illegible] اسڪيم [illegible] ناقص ميٽيريل [illegible] جاچ ڪري ڪارروائي ڪئي وڃي

بقايا 16 ”روزاني عبرت“

پوليس شڪ جي بنياد تي روڪي نوجوان کي بازياب ڪرائي واپس ڪرايو آهي ان موقعي تي [illegible] پوليس آفيسرن [illegible] مطالبو ڪيو [illegible]

بقايا 17 ”روزاني عبرت“

واقعي جي [illegible] پوليس [illegible] جاچ شروع ڪئي آهي [illegible] جوابدارن [illegible]

جنرل سيڪريٽري عمران بندهاڻي واقعي تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪيو آهي ۽ چيو آهي ته سنڌس ڀيڻ جي گهر ۾ چوري خاندان کي وڏو مالي نقصان پهچايو آهي هن چيو ته شهرين جي جان ۽ مال جو تحفظ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي بنيادي ذميواري آهي عمران بندهاڻي ايس ايس پي سکر کان مطالبو ڪيو آهي ته چوري ۾ ملوث جوابدارن کي فوري طور تي گرفتار ڪيو وڃي ۽ ڦريل نقدي ۽ سون جا زيور واپس ڪيا وڃن ته جيئن متاثر خاندان کي انصاف ملي سگهي ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن تي شهرين جو اعتماد بحال ٿئي

بقايا 18 ”روزاني عبرت“

ڪيس شعبن بابت مڪمل آگاهي ڏني جنهن بعد ايس ايس پي مختلف وارڊن ۾ رجي ٿيليسيميا جي ٻارڙن سان ملاقات ڪري سندن طبيعت معلوم ڪرڻ سان گڏ ڪين تحفا پڻ پيش ڪيا ان موقعي تي ڊاڪٽر ثمير نور چنه ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ٿيليسيميا سينٽر جي ساراهه ٻڌل هئي پر اکين سان ادارو ڏسي اهو ويساهه وڌيو آهي ته اڃا ڪي آهن جيڪي انسانيت خاطر خدمت ڪري رهيا آهن هن چيو ته اداري جو انتظام ٻارڙن کي ملندڙ رت ، ڪاڌو، دوا ۽ ٻيون سهولتون ڏسي ۽ ٻارن جي والدن ٻڌي انتهائي خوشي ٿي رهي آهي مان پاڻ هڪ ڊاڪٽر آهيان ان ڪري انهن ڳالهين کي بنيادي طور سمجهي سگهان ٿو ايس ايس پي ڊاڪٽر ثمير نور چنه اعلان ڪيو ته ان شاءَ الله اسين پوليس کاتي پاران جلد بلڊ ڊونيشن ڪيمپ قائم ڪنداسين جنهن تي سوسائٽي جي چيئرمين پروفيسر علي بخش سومرو سندن شڪريو ادا ڪيو ان کان اڳ سينٽر پهچڻ تي ٿيليسيميا فائيٽر دانش ٿيبو ۽ غلام مرتضيٰ ميمڻ کيس گلدستا پيش ڪري شاندار آڌر ڀاءُ ڪيو ان موقعي تي نعيم اڪبر سهتو ، سينيئر صحافي ولي محمد پلي ، راڄڪمار اوڊ ۽ قاضي جاويد سنائي پڻ موجود هئا

بقايا 19 ”روزاني عبرت“

وڏيرا گلشير ڪوسو اڪرم ڪوسو ۽ سندن برادري تي ظلم جا پهاڙ ڪيرائي رهيا آهن سندن مٿان ڪوڙيون ايف آءِ آرون داخل ڪرائي گرفتاريون ڪرايون ويون ڳوٺ جي لنگهه ۽ اسڪول جا رستا بند ڪيا ويا آهن ڳوٺ جي پيئڻ ۽ زرعي زمينن جوپاڻي بند آهي زمينن تي قبضا ڪري ڪين لڏائڻ جون ڌمڪيون ڏنيون ويون آهن ڊاڪٽر نياز وڌيڪ چيو ته ڳوٺ جي نياڻين تي حملو ڪري ڪين رتو رت ڪيو ويو ۽ مانجهند پوليس ڪين [illegible] ڪري ڇڏيو جنهن تي عدالت [illegible] حڪم ڪيو آهي ته ٻه پوليس مختلف جواز ڄاڻائي ڪين [illegible] اچي ته جيستائين اسان کي انصاف نه ٿيو ته سرحليوار پرامن جدوجهد ڪندي رهنداسين ڪارڪنن کي ڪنهن به صورت ۾ اڪيلو نه ڇڏينداسين ان موقعي تي جيئسنڌ ڪائونسل ميمبر رفيق ميمڻ ديدار علي ڪوسو پڻ موجود هئا

بقايا 20 ”روزاني عبرت“

وڪيل عبدالقيوم راهو عبدالرحمان قائمخاني وهاب ترين سڪندر پوٽ چيو ته اڪبر پوٽ کي پوليس بي گناهه ڪيس [illegible] اڪبر پوٽ هميشه [illegible] حقن لاءِ جدوجهد ڪندو آهي نوشهرو فيروز پوليس [illegible] هن چيو ته جيستائين ڪيس واپس نه ٿيندو تيستائين احتجاج جو سلسلو جاري رهندو هن آءِ جي سنڌ ايس ايس پي نوشهرو فيروز کان مطالبو ڪيو ته اڪبر پوٽ کي بنا دير آزاد ڪيو وڃي [illegible] ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا 21 ”روزاني عبرت“

انتظاميه ۽ اسٽاف کي ڪم جي جڳهه تي هراساني کان تحفظ قانوني ضمانتن ۽ شڪايت داخل ڪرڻ جي طريقيڪار بابت مڪمل آگاهي فراهم ڪرڻ هو جيڪو سنڌ جي پرووينشل اومبڊسمين PHWWP ريجنل آفيس سکر جي ڪنسلٽنٽ ۽ ڪوآرڊينيٽر [illegible] ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج محمد اقبال آرائين مهمان خاص طور خطاب ڪيو [illegible] قانون 2010 [illegible] ڪم جي جڳهه تي هراساني جي [illegible] شڪايت داخل ڪرڻ [illegible] هراساني کان تحفظ [illegible] اسپتال ايڊمنسٽريشن [illegible] شڪايت [illegible] وضاحت حاصل ڪئي

بقايا 22 ”روزاني عبرت“

وقت بااثر ڌرين جو نالو پڻ استعمال ڪري رهيا آهن [illegible] پوليس [illegible] انصاف ڪن

بقايا 23 ”روزاني عبرت“

ملاساڻوڻي ۾ گذريل ڪيترن سالن کان [illegible] عبدالڪريم [illegible] زمين [illegible] ايس ايس پي [illegible] انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 24 ”روزاني عبرت“

نيڪالي ڏيڻ ۾ ناڪام. گهرو وزير ضياءِ لنجار ۽ وزير داخلا محسن نقوي جي سخت حڪم باوجود جو شڪار. ضلعي انتظاميا [illegible] ڄامشورو ڪوٽڙي سائيٽ [illegible] افغانين [illegible] پوليس [illegible] ڪوٽڙي [illegible] افغانين [illegible] ضلعي انتظاميا [illegible]

ڪي هتان جا ڊوميسائل ۽ شناختي ڪارڊ به ناهي ڏنا ويا آهن . هنن چيو ته ڪي افغاني هتي به به ڊوميسائل ۽ شناختي ڪارڊ رکن ٿا جيڪي ٻنهي ملڪن ۾ آسائي سان هلن چلن ٿا. هنن چيو ته منشيات توڙي خطرناڪ هٿيارن جي سولائي ۾ هي ملوث آهن جن جي خلاف فوري قدم کنيو وڃي. جسقم چيئرمين صنعان خان قريشي جو پريس ترجمان ديدار شاهه چيو آهي ته اول خان آغا خيل ۽ جان محمد تقي افغاني پٺاڻن جا سرپرست آهن جيڪو پوليس ۽ چونڊيل نمائندن جو دلالو آهي ان کي گرفتار ڪيو ته سڀ افغاني هٿيڪا ٿي ويندا. ڪوٽڙي پوليس جيڪا منشيات بند نٿي ڪرائي سگهي! اها افغانين کي ڪري ڪٿان نيڪالي ڏيندي‚تنهن ڪري سڀ کان پهرين منشيات فروش پوليس هٽايو هن چيو ته ڪوٽڙي مان فقط ٻه ماڻهو پوليس گرفتار ڪري ته سڀ افغاني ۽ هٿيڪا ۽ منشيات فروشن ٻه قابو ۽ سنڌ ترقي پسند پارٽي جي ضلعي اڳواڻ يونس اوٺو چوي ٿو ته ڪوٽڙي سائيٽ ۾ افغانين جون وڏيون بستيون قائم آهن شروعات ۾ پاڪستان گورنمينٽ جيڪو فيصلو ڪيو هو ان دوران اسان به ڪلي عام روڊن تي ويهي افغانين نيڪالي ڏيڻ لاءِ آواز اٿاريو هو پر اڄ ڏينهن تائين ضلعي انتظاميا خاموش آهي ۽ پوليس جو اهو ڪردار آهي ته بجائي انهن کي نيڪالي ڏي خابري وارو ڪم ڪري ٿي ۽ انهن کي اطلاع ڏي ٿي ته توهان لڪو اسان اچون ٿا. ايس‚ايس پي صاحب کي نوٽيس وٺڻ کپي هي هتي وڏا دهشتگرد آهن جيڪي مختلف ڏوهن ۾ ملوث آهن هي هتي هٿيار سپلائي ڪن ٿا منشيات پڻ پڪيرن ٿا ۾ هنن جا ساٿاري هنن کي لڪائي پوليس جي اکين ۾ ڌوڙ وجهي چون ٿا ڪير به هتي ڪونهي ڪارروائي ٿيڻ کپي

بقايا 25 ”روزاني عبرت“

۾ پوري ان سلسلي ۾ مين انڊس هاءِ وي روڊ محمد يوسف چنا لڳ نامعلوم 4 هٿيارٻند ڦورن ڳوٺ ڪنڊي ٻير جي رهواسي محرم ٻير کان هٿيارن جي زور تي نئين موٽر سائيڪل، روڪ رقم ۽ موبائل فون ڦر ڪري ويا جڏهن ته ساڳي جاءِ تان خيرپور ناٿن جي رهواسي فدا حسين سومرو کان سي ڊي موٽر سائيڪل 2018 ماڊل، روڪ رقم ۽ موبائل فون ڦر ڪري فرار ٿي ويا جڏهن ته ٻي چوري جي واردات ڪڪڙ پيارو لنڪ روڊ تي نامعلوم چور بلاولي بلڊر جي مالڪ محمد خان پنهور جي آفيس جا تالا ڪوڙي اندر داخل ٿي آفيس ۾ پيل ضروري سامان ۽ اهم دستاويز چوري ڪري ويا ڪڪڙ پوليس کي اطلاع ملڻ ڪانپوءِ به ڪابه ڪارروائي عمل ۾ نه آندي متاثرن ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو آهي ته هو ٻنهي واقعن جو نوٽيس وٺي ڦورن ۽ چورن کي گرفتار ڪري ڦريل موٽر سائيڪلون ۽ سامان واپس ڪرائي [illegible] خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي

بقايا 26 ”روزاني عبرت“

راجپوت، اظفر علي ميمڻ، ضلعي صدر شمس چنا، جنرل سيڪريٽري گلزار سومرو، ڀتار طلعت خاصخيلي ۽ سينئر وائيس پريزيڊنٽ ڊاڪٽر محمد صديق ڏاهو . خانصاحب سولنگي ۽ عبدالله سميت ٻين اڳواڻن شرڪت ڪئي ڪنوينشن کي خطاب ڪندي اڳواڻن تنظيمن جي اتحاد، هيڊماسترن جي [illegible] جدوجهد ۽ سنڌ جي سرڪاري تعليمي نظام جي بهتري لاءِ [illegible] هيڊماسترن ۽ تعليمي ادارن جي [illegible] ايليمينٽري [illegible] اسڪولن [illegible] هيڊماسترن [illegible] تعليمي نظام [illegible] "هاڻ ريزوليوشن" جو نالو ڏنو ويو

بقايا 27 ”روزاني عبرت“

سڪر سٽي ساره فراز اسسٽنٽ ڪمشنر روهڙي غلام مرتضيٰ گهانگهرو ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر (DHO)سکر ڊاڪٽر علي گل شاهه، ٻي ايس ايچ اي اي جي آءِ پوليس، تعليم کاتي ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن جي آفيسرن شرڪت ڪئي [illegible] ڪارڪردگي [illegible] 95 سيڪڙو رپورٽ [illegible] Cold Chain [illegible] پوليو [illegible] (Environmental Samples) [illegible] پوليو [illegible] ڪمشنر سکر [illegible]

بقايا 28 ”روزاني عبرت“

سان ڳالهائيندي چيو ته وفاقي حڪومت پاران بجيٽ ۾ سنڌ جي سالياني ايوارڊ بابت پاڪستان پيپلز پارٽي جي [illegible] اعتراضن تي حڪومت غور ڪري رهي آهي [illegible] پيپلز پارٽي [illegible] وفاقي حڪومت [illegible] سنڌ حڪومت [illegible] وزير اعلي سنڌ [illegible] ٽنڊو محمد خان ضلعي ۾ [illegible]

مختلف ترقياتي اسڪيمن جي بهتري لاءِ رقابندي ڪئي وئي آهي جلد رهيل ترقياتي اسڪيمون مڪمل ڪري ضلعي جا بنيادي مسئلا حل ڪيا ويندا هن چيو ته ملڪ اندر ٿيندڙ دهشتگردي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا ۽ دهشتگردن جو خاتمو آڻينداسين صوبائي حڪومت امن امان جي صورتحال تي قابو آڻڻ لاءِ بهترين اپاءُ وٺي رهي آهي هن چيو ته صوبن کي وفاق جي حوالي ڪرڻ واري ڪنهن به مشاهبت رکڻ جي قانون کي تسليم نه ڪيو ويندو، صوبن کي اين ايف سي ايوارڊ جي تحت پنهنجا سمورا حق ڏيڻ جو وفاقي حڪومت جي قومي ذميواري آهي ۽ وفاقي حڪومت کي صوبن لاءِ ڪو به تڪراري فيصلو نه ڪرڻ گهرجي

بقايا 29 ”روزاني عبرت“

جتي هو زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو ڦيل ڳوٺ مريد ڏيرو جو رهواسي لعل بخش مستوئي حيدرآباد سول اسپتال ۾ زخمن جي سٽ نه سهندي فوت ٿي ويو

بقايا 30 ”روزاني عبرت“

مگسيجو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌ هاءِ ڪورٽ جي حڪم تي ايڪروچمينٽ هٽائي آهي راڻيپور قومي شاهراهه تي گاڏيون ريڙها بيهڇي ويا هيا جنهن سبب مسافرن کي پريشاني ٿي رهي هئي قومي شاهراهه تي گاڏيون بيهڻ سبب روڊ جي ٻنهي پاسن کان مسافرن کي اچ وڃ ۾ تڪليف ٿي رهي هئي جنهن خلاف ڪارروائي ڪئي آهي

بقايا 31 ”روزاني عبرت“

حڪومت ۽ ضلعي انتظاميا کي ڪافي ڀيرا اپيلون ڪيون ويون ته سندس نياڻي جي علاج معالج ۾ مدد ڪري سندس زندگي بچائي وڃي پر ڪنهن به نوٽيس نه ورتو ان سلسلي ۾ فوتي ٽيڻگري شاگرديائي جي پيءُ نظير ميتلو ٻڌايو ته پراسرار موضي مرض سبب سندس نياڻي زندگي جي جنگ هارائي وئي آهي 2 بار اڳ به ساڳي بيماري سبب فوت ٿي چڪا آهن ڪافي عرصي کان نياڻي بيماري سبب ٽڙيندي رهندي هئي جسم هنڌان هنڌان ڦاٽي پيو صحت کاتي جي ڪامورن توڙي ضلعي انتظاميا اڳيان هيلا هلايا پر ڪٿان به ڪا داد رسي نه ٿي گهر جو سمورو الهه تلهه وڪڻي ڇڏيو پر سرڪار ڪا واهر مدد نه ڪئي ساڳي ٿي گهر جا 2 بار اڳ فوت ٿيڻ جي باوجود صحت کاتي جي اختيارين پاران پراسرار بيماري جي ڪا به تصديق ناهي ڪئي وئي . نوٽيس وٺي پراسرار بيماري جي تصديق ڪري ڦهلجڻ کان بچاءِ لاءِ اڳواٽ اپاءُ ورتا وڃن . ته جيئن ٻيا ٻار ضايع ٿيڻ کان بچي سگهن

بقايا 32 ”روزاني عبرت“

عوامي تحريڪ تعلقي ٽنڊو باگو طرفان ٽنڊوباگو ۾ الله والا چوڪ کان ريلي ڪڍي بدر چوڪ تي ڌرڻو هنيو ويو ان موقعي تي عوامي تحريڪ جي مرڪزي سينيئر نائب صدر نور احمد ڪٻر، جون ڪمال ايڊووڪيٽ سجل هاليپوٽو،مختيار بڪاري ايڊووڪيٽ محبت هاليپوٽو، آبادگار اڳواڻ دلبر سنڌي مهيندر ميگهواڙ سليمان هاليپوٽو ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته سنڌ ۾ هڪ وڏو ڪارو واري صورتحال پيدا ڪئي وئي آهي سنڌ ۾ خريف جي پوکيءَ جي [illegible] آهي ته سنڌ کي پنهنجي حصي جي پاڻي کان محروم ڪيو ويو آهي جنهنڪري بدين ضلع جي سمورن واهن جي پوڇڙن ۾ پاڻي جي شديد ڪوٽ ٿي وئي آهي [illegible] پيئڻ جو پاڻي [illegible] مطالبو ڪيو [illegible] آبادگارن [illegible] ٽنڊوباگو [illegible] ورتو وڃي

بقايا 33 ”روزاني عبرت“

شاخ پرسان نامعلوم هٿيارٻندن پاران موٽرسائيڪل موبائل فون روڪ رقم ۽ ڪمپني جو قيمتي سامان ڦر ڪري فرار ٿي ويا [illegible] 2026 ماڊل سي ڊي 70 موٽرسائيڪل [illegible] پوليس [illegible] ڦورن کي گرفتار ڪري [illegible] سامان واپس ڪرايو وڃي

بقايا 34 ”روزاني عبرت“

مقتول جي ڀاءُ اڪرم مگسي ۽ ٻين وارثن سان ملي ڪري تعزيت ڪئي ۽ واقعي تي گهري ڏک جو اظهار ڪيو [illegible] تعزيت ڪرڻ وارن ۾ [illegible] مگسي [illegible] جوابدارن [illegible]

بقايا 35 ”روزاني عبرت“

لکت ۾ درخواست جمع ڪرائي وئي آهي جڏهن ته واقعي جون سي سي ٽي وي فوٽيجز پڻ پوليس حوالي ڪيون ويون آهن ته جيئن جوابدارن جي سڃاڻپ ۽ گرفتاري [illegible]

ممڪن بڻائي سگهجي متاثر ڌر جو چوڻ آهي ته واقعي کي ٻه ڏينهن گذري چڪا آهن پر پوليس اڃا تائين مبينا طور ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام رهي آهي هنن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي جوابدارن کي جلد گرفتار ڪري قانون جي ڪٺهڙي ۾ آندو وڃي

بقايا 36 ”روزاني عبرت“

تعلقه اسپتال ٽنڊوآدم ۾ داخل ڪيو ويو آهي

بقايا 37 ”روزاني عبرت“

عطا محمد دل ۽ سنڌس والد ڪمال دل ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ريل جي ٽڪر لڳڻ سبب سنڌس هڪ ٽنگ ڪٽجي وئي جنهن سبب بستري ٻيرو ٿي ويو آهي جيڪو هلڻ ڦرڻ کان لاچار بڻيل آهي نوجوان هڪ نياڻي ۽ 3پٽن جو وارث آهي معذوري سبب سڄو گهر غربت ۾ مبتلا آهي هنن پاڪستان ريلوي جي وزير ڊي جي ريلوي سنڌ ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪندي چيو آهي ته سندن سرڪاري سطح تي مالي سهائتا ڪئي وڃي ۽ ميڊيڪل بورڊ پاران تفصيلي چيڪ اپ ڪرائي رڪائيرمينٽ ڏني وڃي

بقايا 38 ”روزاني عبرت“

فوري ڪارروائي ڪندي جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو پوليس موجب، واقعو محلا قادر بخش بروهي مائڪرو ڪالوني ٺٽون پنو، تعلقو ۽ ضلعي سکر ۾ پيش آيو جتي بروهي برادري جي هڪ گهر ۾ گهريلو معاملي تي ٻن ڀائرن ۾ تلخ بحث ٿيو جيڪو جلد ئي جهيڙي ۾ تبديل ٿي ويو شروعاتي رپورٽن موجب، جهيڙي دوران واجد علي پٽ جامو خان بروهي جنهن جي عمر لڳ ڀڳ 37 کان 38 سال هئي کي مبينا طور تي سخت اندروني زخم آيا، جنهن سبب هو موقعي تي ئي فوت ٿي ويو واقعي جي اطلاع ملندي ئي نيو پنڊ پوليس اسٽيشن واقعي واري هنڌ پهچي لاش کي پنهنجي تحويل ۾ ورتو ۽ قانوني ڪارروائي کان پوءِ پوسٽ مارٽم لاءِ سول اسپتال سکر منتقل ڪيو ويو جڏهن ته واقعي واري هنڌ تان ثبوت پڻ گڏ ڪيا ويا پوليس بروقت ڪارروائي ڪندي مقتول جي ڀاءُ مبينا جوابدار ساجد بروهي کي گرفتار ڪري ورتو پوليس اختيارين موجب، واقعي جي مختلف رخن کان جاچ جاري آهي جڏهن ته پوسٽ مارٽم رپورٽ ۽ ٻين ثبوتن جي روشني ۾ وڌيڪ قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي پوليس جو چوڻ آهي ته واقعي جو ڪيس طريقيڪار جي مڪمل ٿيڻ کان پوءِ داخل ڪيو ويندو ۽ قانون مطابق وڌيڪ اڳيرائي ڪئي ويندي

بقايا 39 ”روزاني عبرت“

فرار ٿي ويا ان حوالي سان متاثر ارشاد علي شيخ سخت احتجاج ڪندي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته مان راڻي پور شهر ۾ ريڙهي هلائي پنهنجي گهر جو چرخو هلائيندو آهيان جيئن ئي مزدوري ڪري رات جو گهر واپس وڃان پيو ته اسٽيشن روڊ تي نامعلوم هٿيارٻندن ڦورن مونکي هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي مون کان نئين سي ڊي موٽر سائيڪل موبائل ۽ روڪ رقم ڦري فرار ٿي ويا، هن وس وارن اعليٰ اختيارين، ايس ايس پي خيرپور ۽ ايس ايڇ او راڻي پور کان گهر ڪئي آهي ته اسان کي پنهنجي موٽر سائيڪل ۽ ٻيو سامان جلد واپس ڪرائي ڏنو وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 40 ”روزاني عبرت“

نوجوان کي طبي امداد ڏيڻ بعد سيوهڻ ريفر ڪيو ويو ، جڏهن ته واقعي جي اين سي رپورٽ دادو بي سيڪشن ٿاڻي تي نوجوان جي فرياد تي داخل ڪرائي وئي ، زخمي نوجوان آءِ جي سنڌ ، ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو ته واقعي جو نوٽيس وٺي جوابدارن کي جلد گرفتار ڪري قانوني ڪٺهڙي ۾ آندو وڃي

بقايا 41 ”روزاني عبرت“

بدانتظامي، تعليم جي شعبي جي مسلسل تباهي اداراتي ناڪامي ۽ عوام جي ٽيڪس مان حاصل ٿيل اربين رپين جي مبينا غلط استعمال جو سڌو نتيجو آهي انهن معصوم ٽيڻگرين جو رت انهن سڀني حڪمرانن ۽ ذميوار سرڪاري عملدارن جي ڳچيءَ تي آهي جن عوام جي ٽيڪس مان حاصل ٿيل اربين رپيا محفوظ ۽ معياري تعليمي ادارن جي تعمير مرمت ۽ بهتري تي خرچ ڪرڻ بدران ڪرپشن ڪميشن خوري ۽ سياسي مفادن جي نذر ڪري ڇڏيا. معصوم ٽيڻگرين جي المناڪ شهادت تي مون کي انتهائي ڏک، رنج ۽ افسوس آهي مان شهيد ٻارڙن جي وارثن سان دلي تعزيت ۽ همدردي جو اظهار ڪريان ٿو ۽ دعاگو آهيان ته الله تعاليٰ مرحوم ٽيڻگرين کي جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي ۽ سوڳوار خاندانن کي هي ناقابل برداشت صدمو صبر ۽ همت سان برداشت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي هي انتهائي شرمناڪ ڳالهه آهي ته جنهن ضلعي جو تعلق پاڻ صوبي جي تعليم واري وزير سان آهي اتي به ٻارن کي محفوظ ۽ معياري تعليمي ماحول فراهم نه ٿي سگهيو آهي اڄ به ضلعي عمرڪوٽ ۾ ڪيترائي اهڙا سرڪاري اسڪول موجود آهن جتي يا ته استادن جون جايون خالي پيل آهن يا مقرر ٿيل استاد پنهنجي فرضن جي ادائيگي نٿا ڪن جڏهن ته نگراني واري نظام جي ناڪامي سبب ڪيترائي ٻار [illegible] ڪيئن [illegible] تعليم [illegible] سنڌ حڪومت جي مجرمانه غفلت جو واضح ثبوت آهي پاڪستان پيپلز پارٽي گذريل ارڙهن سالن کان سنڌ تي حڪمراني ڪري رهي آهي هن عرصي دوران تعليم جي شعبي لاءِ هزارين ارب رپيا مختص ڪيا ويا، جڏهن ته صرف هلندڙ مالي سال ۾ ئي سوين ارب رپيا تعليم کاتي کي ڏنا ويا، پر اڄ به هزارين اسڪول بند پيل آهن، بيشمار تعليمي عمارتون کنڊرن جو منظر پيش ڪري رهيون آهن لکين ٻار اسڪولن کان ٻاهر آهن ۽ شرح خواندگي ۾ نمايان بهتري اچڻ بدران صورتحال اڃا به ڳڻتي جوڳي آهي اهي حقيقتون سنڌ حڪومت جي ناڪام پاليسين بدانتظامي ۽ ڪرپشن جو واضح ثبوت آهن جيڪڏهن تعليمي ادارن جون عمارتون ٻارن لاءِ قبرستان بڻجنديون رهنديون ته پوءِ حڪمرانن جا ترقي سڌارن ۽ تعليمي انقلاب جا سڀ دعوائون رڳو دوکو ۽ فريب آهن معصوم ٻارن جي جانين سان کيڏڻ وارن کي ڪنهن به صورت ۾ معاف نٿو ڪري سگهجي مان مطالبو ڪريان ٿو ته هن المناڪ سانحي جي هڪ حاضر سروس هاءِ ڪورٽ جي جج جي سربراهي ۾ شفاف، غيرجانبدار ۽ فوري عدالتي جاچ ڪرائي وڃي، ذميوار عملدارن ٺيڪيدارن ۽ ٻين لاڳاپيل ماڻهن خلاف قانون موجب ڪيس داخل ڪيا وڃن، ڪين فوري طور قانون جي ڪٺهڙي ۾ آڻي عبرتناڪ سزا ڏني وڃي شهيد ٽيڻگرين جي وارثن کي فوري مناسب ۽ باعزت مالي معاوضو مڪمل سرڪاري سهائتا ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي ان سان گڏ سڄي سنڌ جي سرڪاري اسڪولن جي عمارتن جو هنگامي بنيادن تي حفاظتي آڊٽ ڪرايو وڃي ڏيون حال عمارتن کي فوري طور ناقابل استعمال قرار ڏئي نئين سر تعمير ڪيو وڃي ته جيئن مستقبل ۾ ڪنهن ٻي معصوم ٻار جي جان حڪومتي غفلت جي ور نه چڙهي

بقايا 42 ”روزاني عبرت“

فراهم ڪرڻ هو ان کان علاوه ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر لاڙڪاڻو ڊاڪٽر شوڪت علي ابڙو مختلف مرحلن ۾ ڊاڪٽر انيل ڪمار DHIS)ڪوآرڊينيٽر)، ڊاڪٽر راجيش ڪمار ڊاڪٽر راڪيش ڪمار اي ڊي ايچ او ڊاڪٽر الطاف احمد راهوجو ڊاڪٽر غضنفر (ميڊيڪل سپرنٽنڊنٽ) ۽ نعمت الله ميراڻي (ايڊمن PPHI)سان گڏ گورنمينٽ اسپتال ٺٽون ڏيرو، آر ايچ سي ڳوٺي خدابخش پلو ۽ بي ايچ يو فتح پور جا تفصيلي دورا پڻ ڪيا. دوري دوران اينٽي ريبيز ويڪسين (ARV) روم هيٽ اسٽروڪ وارڊ/ڪارنر اي پي آءِ سينٽر ايمرجنسي روم مرد ۽ عورتن جي او پي ڊي آر ايم اين سي ايچ سيڪشن ليبارٽري مين ميڊيسن اسٽور ۽ ٻين لاڳاپيل شعبن جو جائزو ورتو ويو ۽ اينٽي ريبيز ويڪسين جي موجودگي اطمينان بخش قرار ڏني وئي جڏهن ته ARVواشنگ ايريا جو پڻ معائنو ڪيو ويو ان موقعي تي ٽيم صحت مرڪزن جي عملي جي حاضري رجسٽرن وقت جي پابندي ۽ مجموعي ڪارڪردگي جو جائزو پڻ ورتو ويو ۽ لاڳاپيل عملي کي هدايت ڪئي ته هو مريضن کي بهتر ۽ بروقت معياري طبي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ پنهنجي ذميوارين کي وڌيڪ موثر نموني نڀائين ان موقعي تي ڊاڪٽر شوڪت علي ابڙو چيو ته صحت کاتو عوام کي معياري ۽ بروقت طبي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي ۽ اهڙا اچانڪ مانيٽرنگ دورا صحت مرڪزن جي ڪارڪردگي کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ دوائن جي دستيابي عملي جي جوابدهي ۽ مريضن جي اطمينان کي يقيني بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا.

بقايا 43 ”روزاني عبرت“

ايم پي اي جام شبير علي خان ، جام ظهير علي خان سان بيرسٽر جام ذيشان علي خان جي گهر واري جي وفات تي تعزيت ۽ گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو ان موقعي تي نواب جام ذوالفقار علي خان نواب جام نفيس علي خان به موجود هئا

بقايا 44 ”روزاني عبرت“

۾ ڀرتيون اميدوارن لاءِ تعليمي قابليت ميٽرڪ سائنس ميٽرڪ آرٽس ۽ لاڳاپيل ٽيڪنيڪل ڊپلوما آهي جڏهن ته عمر ۽ جسماني معيار هر برانچ جي مطابق مختلف هوندا پاڪستان نيوي ريڪروٽمينٽ سينٽر سکر جي مطابق، آن لائن رجسٽريشن 05 جولاءِ 2026 تائين جاري رهندي اميدوار پاڪستان نيوي جي ويب سائيٽ www.joinpaknavy.gov.pk تي رجسٽريشن ڪرائي سگهن ٿا يا ويجهي پاڪستان نيوي ريڪروٽمينٽ اينڊ سليڪشن سينٽر سان رابطو ڪري سگهن ٿا

بقايا 45 ”روزاني عبرت“

خان پاڪستان ريلوي پريم يونين (سي بي اي) جي مرڪزي سيڪريٽري جنرل خير محمد ٽونيو سکر ڊويزنل صدر اختر علي عباسي لوڪو شيڊ رننگ زونل جي صدر مسعود احمد مهر اي ايم اي عبدالعزيز محمد بخش خاڪي لوڪو شيڊ زونل جي جنرل سيڪريٽري علي حسن هاڪرو ايل ايف اي اشفاق احمد شاهه حبيب الله مهر ۽ ٻين شرڪت ڪئي ۽ روهڙي لوڪو شيڊ زونل جي صدر اسحاق احمد بالو کي سنڌس خدمتن جي خراج تحسين پيش ڪيو ۽ مهمانن اجرڪ ٽوپيون ۽ گلن جا هار پهرايا تقريب کي خطاب ڪندي پاڪستان ريلوي پريم يونين جي مرڪزي سيڪريٽري جنرل خير محمد ٽونيو ۽ ٻين مقررن چيو ته اسحاق احمد بالو پنهنجي جواني جا قيمتي ڏينهن پاڪستان ريلوي کي ڏنا هو اسان جي پياري يونين جو وفادار ساٿي هو اسان دعا ڪريون ٿا ته هو پنهنجي باقي زندگي سٺي نموني گذاري شرڪت ڪندڙن اسحاق احمد بالو کي خراج تحسين پيش ڪيو ۽ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو انهن چيو ته اسحاق احمد بالو پنهنجي سروس مڪمل ڪرڻ کان پوءِ پاڪستان ريلوي مان باعزت طور تي رٽائر ٿيو اچ سنڌس پيارن ۽ دوستن ۽ ڪارڪنن سنڌس اعزاز ۾ هڪ وڏي پارٽي جو انتظام ڪيو پنهنجي کاتي ۾ باعزت طور تي رٽائر ٿيڻ ڪنهن اعزاز کان گهٽ ناهي اسحاق احمد بالو جو چوڻ آهي ته هن پاڪستان ريلوي جي بهتري لاءِ ڏينهن رات محنت ڪئي ۽ انشاء الله جڏهن به مون کي پاڪستان ريلوي جي بهتري لاءِ ضرورت پوندي ته سان آئي هوندس

بقايا 46 ”روزاني عبرت“

سان وٺي ويو جنهن وقت منهنجي گهرواري ڇهن مهينن جي حمل سان هئي جنهن بعد ڪيترائي ڀيرا ساهرن ڏي وڃڻ ۽ قرآن پاڪ کڻي باوجود هنن مونکي منهنجي زال واپس نه ڪئي ۽ جنوري 2025 ۾ مونکي خبر پئي ته منهنجي زال کي پٽ جو اولاد ٿيو آهي پر تنهن باوجود مونکي منهنجي زال سان ملڻ نه ڏنو ويو ۽ نه ئي پٽ ۽ زال منهنجي حوالي ڪيا ويا ويتر منهنجا سالا رزاق بڙدي امداد بڙدي ۽ ٻيا مونکي موتمار ڌمڪيون ڏيندا رهيا هن وڌيڪ چيو ته ڪجهه عرصو بعد معلوم ٿيو ته هنن منهنجي زال کي ڪنواري ڄاڻائي ٻئي هنڌ زبردستي رقم وٺي پرڻايو آهي جنهن جو نڪاح خوان الطاف موجائي پڙهايو آهي جنهن سان معلومات وٺڻ تي هن چيو ته علي محمد متعلق نڪاح نامي ۾ منهنجي نياڻي کي ڪنوارو ڄاڻايو آهي جيڪو غير قانوني عمل آهي ان حوالي سان نڪاح خوان الطاف موجائي ٻڌايو ته ٻنهي ڌرين وچ ۾ هلندڙ معاملو پراڻو آهي مون علي محمد بڙدي جي نياڻي جو نڪاح پڙهيو هو جنهن ۾ علي محمد پنهنجي نياڻي کي ڪنواري ڄاڻايو آهي جنهنجو مونکي بعد ۾ علم ٿيو ته ناري پهريان شادي شده هئي ۽ بعد ۾ ڪورٽ ذريعي سنڌس جو طلاق حاصل ڪيو ويو جنهن بعد سندن کان مون ضروري ڪاغذ گهريا ۽ مبينا فراڊ ڪرڻ تي مون مٿن ڪاوڙ جو اظهار ڪيو ، هنن وڌيڪ چيو ته ناري جو طلاق نامون ۽ ڪورٽ جو ليٽر رڪارڊ تحت مون وٽ محفوظ آهي هن چيو ته اهڙي جعلسازي خلاف هنن خلاف ڪيس داخل ٿي سگهي ٿو ، جڏهن ته احتجاج ڪندڙ پورهيت مريد بڙدي موجب عدالتي فيصلي بابت منهنجي اپيل هلندڙ آهي جنهن جي حاضري تي منهنجا ساهرا نٿا اچن نه ئي ناري کي پيش ڪن ٿا هن مطالبو ڪيو آهي ته معاملي جي جاچ ڪري انصاف ڪيو وڃي

HESCO
حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلائي ڪمپني
ترميم
(HESCO)حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلائي ڪمپني اثاثه (KVA)پاران 25،50،100،200 ڪي وي اي جاتي ڪارڳردگي جا انتظامي نظام Procurement of Asset Performance) (APMS)(Management جي خريداري لاءِ واڪن جي دعوت جيڪا تاريخ 13-06-2026 تي PID(H)433/2025 جي تحت شائع ٿي هئي ، جنهن ۾ ترميم ڪئي پئي وڃي. هاڻي ٽينڊر نمبر 1962/26 کي 30-06-2026 جي بدران 07-07-2026 تي کوليو ويندو.
واڪ جي دعوت لاءِ تمام شرط ۽ ضابط ساڳيا رهندا
PID(H) 453/2025
مينئجر ميٽيريل مينجمينٽ
حيسڪو، حيدرآباد

ٻلوري لڳ تيز رفتار ويگو جي ٽڪر ۾ پيرسن فوت، گهر ۾ ڪهرام

جاتي چوڪ سجاول روڊ تي روڊ جي پاسي کان ويندڙ سومار پرهياڙ کي ويگو ٽڪر هنيو

حادثي جي نتيجي ۾ سومار پرهياڙ موقعي تي فوت، پوليس ويگو ۽ ڊرائيور تحويل ورتو

ميرپور بٺورو (ن ع) جاتي چوڪ سجاول روڊ تي تيز رفتار ويگو گاڏي جو 60 سالا پيرسن سومار پرهياڙ کي زوردار ٽڪر جنهن سبب پيرسن فوت فوتي جو لاش تعلقه اسپتال منتقل جڏهن ته ويگو گاڏي کي

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

ميرپور ساڪرو: شيخ زيد ميڊيڪل ۾ ٻچ ڄاڻ ڪندڙن خلاف انتظاميا اڳيان ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ٽنڊوآدم ۾ فوجي موڙ وٽان آئيس جي موالي جو لاش هٿ، ضروري ڪاروائي بعد وارثن حوالي

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم بي سيڪشن ٿاڻي جي حد فوجي موڙ تي قائم پوليس چوڪي وٽان آئيس جي موالي جو لاش هٿ آيو اطلاع ملڻ تي پوليس لاش ڪڍائي تعلقي اسپتال آندو جتي بائيو ميٽرڪ ذريعي سندس سڃاڻپ سراج ڪالوني جي رهندڙ علي گل ولد علي ڏنو پٺو طور ٿي پوليس موجب فوتي نشي جو عادي هو

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم: فوجي موڙ وٽان آئيس جي موالي علي گل پٺو جو لاش

ساڪرو ۾ شيخ زيد ميڊيڪل ۾ ٻچ ڄاڻ ڪندڙن خلاف انتظاميا جو احتجاج

اسپتال انتظاميا او پي ڊي جو بائيڪاٽ ڪري سخت نعريبازي ڪئي

زندگيون بچائڻ چاهيون ٿا پر هتي اسان مٿان تشدد ڪيو ٿو وڃي: مظاهرين

ميرپور ساڪرو (ن ع) ايڊيشنل ميڊيڪل سپرينٽينڊنٽ ڊاڪٽر دليپ ڪمار گائنالاجسٽ ڊاڪٽر رخسانا جاکرو ڊاڪٽر مراد بلوچ ۽ ٻين پاران احتجاج ڪندي چيو آهي ته اڄ جي ڏينهن نظيران زال اصغر واريو ويم لاءِ اسپتال آئي ليڊي ڊاڪٽر ڪيس چيڪپ ڪيو ۽ گهوڙائي عورت ۾ رت

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو5

ٽنڊوباگو ۾ ٽئون مائنڪ واهه جي پوڇڙ ۾ پاڻي ڪوٽ خلاف آبادگارن جو احتجاجي ڌرڻو روڊ بلاڪ

مظاهرين مک بدر چوڪ تي مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو، سخت گرمي باوجود ڪلاڪ ٽريفڪ معطل

باٿرن تي واهه تي چاهيون هڻي پاڻي چوري ڪرڻ جو الزام، سوين ايڪڙ ساريال ۽ بيجارو سڪي رهيو آهي:مظاهرين

ٻن ڏينهن اندر پاڻي فراهم ڪري چاهيون ختم نه ڪيون ويون ته ايريگيشن ۽ سيڊا خلاف احتجاج ۽ هاءِ ڪورٽ سان رجوع ڪرڻ جو چتاءُ

ٽنڊوباگو (ت ر) ٽنڊوباگو لڳ ٽئون مائنڪ واهه جي پوڇڙ جي سوين آبادگارن جو پوڇڙ ۾ پاڻي جي ڪوٽ ۽ واهه تي باٿر ماڻهن پاران چاهيون هڻي پاڻي پنهنجي زمين طرف ڪڍڻ خلاف شهر جي مک بدر چوڪ تي

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ڪنڌڪوٽ لڳ بجاراڻي ۽ بکراڻي برادرين ۾ جهيڙو 6 ڄڻا زخمي

ڪنڌڪوٽ (د ر) ڪنڌڪوٽ لڳ بجاراڻي ۽ بکراڻي برادري جي ٻن ڌرين ۾ ڪارنهن جي معاملي تان تڪرار تان جهيڙو ٿي پيو 6 ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا اسپتال منتقل

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو5

واڌو ڀاڙا وٺندڙ ٽرانسپورٽرن خلاف آر ٽي اي خيرپور جون ڪارروائيون

سيڪريٽري آر ٽي اي مختلف هنڌن تي واڌو ڀاڙا وصول ڪندڙن خلاف ڪارروائيون ڪيون

مسافرن کان ورتل 30 هزار رپين کان وڌيڪ واڌو ڀاڙو واپس ڪرائي مسافرن کي ڏياريو ويو

خيرپور(د ر) واڌو ڀاڙا وٺندڙ ٽرانسپورٽرن خلاف آر ٽي اي خيرپور جون ڪارروائيون 30 هزار رپين کان وڌيڪ رقم مسافرن کي واپس ٽرانسپورٽ کاتي سنڌ جي سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ جي هدايتن تي سيڪريٽري آر ٽي اي خيرپور رياض حسين سولنگي پاران شاهه حسين قومي شاهراهه جي مختلف هنڌن تي مسافرن کان واڌو ڀاڙا وصول ڪندڙ

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

هنگورجا پرسان ڦر دوران مزاحمت ڪرڻ تي فائرنگ ۾ 20 ورهين جو نوجوان قتل

درگاهه پير غريبو ويجهو هٿياربندن فائرنگ ڪري نوجوان ممتاز مارواڙي کي قتل ڪري ڇڏيو

پوليس مقابلي ۾ ٻئي ڌاڙيل زخمي حالت ۾ گرفتار، ٻئي ڌاڙيل پنجاب جا آهن: پوليس

خيرپور/ گمبٽ (نمائندن وٽان) هنگورجا ٿاڻي جي حد ۾ موٽر سائيڪل ڦر دوران ڦر جي مذمت تي هڪ نوجوان قتل درگاهه پير غريبو پرسان ٻن هٿياربند جوابدارن ڦر دوران مزاحمت ڪرڻ تي 20 ورهين جي ممتاز مارواڙي مٿان فائرنگ ڪري ڏني گولين لڳڻ سبب نوجوان ڦٽجي

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو5

ڳوٺ الهرکيو ڪوسو ۾ قتل ٿيل نوجوان جا قاتل گرفتار نه ٿيا

وارثن پاران پاڪ ڪتاب کڻي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج

اسان جي نوجوان امتياز ٽيوٽو جي قتل کي ٻه هفتا ٿي ويا آهن جوابدار گرفتار ناهن ٿيا: وارث

ڄامشورو(د ر) 10 جون تي ڳوٺ الهرکيو ڪوسو ۾ بيدردي سان ڇرين جا وار ڪندي قتل ڪيل پورهيت نوجوان امتياز ٽيوٽو جا قاتل گرفتار نه ٿي سگهيا اي سيڪشن پوليس نوجوان جي قتل ۾ ڳهريل جوابدار گرفتار نه ڪري سگهي وارثن پاران پاڪ ڪتاب کڻي قاتلن جي گرفتاري ۽ قاتلن پاران ڏنل موتمار ڌمڪين پوليس جي سستي نااهلي خلاف مقتول نوجوان امتياز ٽيوٽو جي فريادڻ امڙ مسمات خورشيد ٽيوٽو ڀاءُ مجيب الرحمان ٽيوٽو

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم لڳ مرڪزي امام بارگاهه انجمن حيدر قرار طرفان مجلس عزه منعقد

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم لڳ ڳوٺ ملاڪڻ جي مرڪزي امام بارگاهه انجمن حيدر قرار طرفان مجلس عزه منعقد ڪئي وئي مجلس کي علامه حزب الله حيدر پٺو امير حيدر جمالي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته ڪربلا جي ميدان تي حضرت امام حسين ۽ سندس ساٿين پاران ڏنل لازوال عظيم قرباني دنيا جو نقشو بدلائي ڇڏيو

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو5

ٽنڊوآدم: ڪربلا جي شهيدن جي ياد ۾ ڳوٺ ملاڪڻ ۾ مجلس عزا منعقد

ايس يو پي پاران صوبن جي گرانٽ مرڪز کي ڏيڻ جو فيصلو واپس وٺڻ جو مطالبو

سرڪاري ملازمن جي 1 گريڊ کان وٺي 16 گريڊ تائين پگهار ۾ 20 سيڪڙو ۽ رٽائر ملازمن جي پينشن ۾ پڻ 20 سيڪڙو اضافو ڪيو وڃي

ملڪ اندر تيل جون قيمتون گهٽ ڪري 200 رپيا في ليٽر پيٽرول ۽ ڊيزل جو اگهه مقرر ڪيو وڃي

ملڪ اندر غربت، بيروزگاري، بدامني ۾ اضافو ٿي رهيو آهي ملڪ جي اندر بدترين سياسي بحران ۽ معاشي بحران آهي: زين شاهه

ڄامشورو(د ر) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽيءَ جي اڳين ڪينيوٽر جي سينٽرل ايگزيڪيوٽو باڊيءَ جو گڏيل اجلاس پارٽي صدر سيد زين شاهه جي صدارت ۾ جي ايم سيد ايڊيفس، ڄامشورو ۾ ٿي گذريو اجلاس ۾ ملڪ جي سياسي صورتحال جو تفصيلي جائزو ورتو ويو اجلاس کان پوءِ پارٽي صدر سيد زين شاهه پارٽي ساٿين سان ڳالهائيندي چيو ته

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار ۾ جسقم جو پاڻي ڪوٽ ۽ گم ٿيل نياڻين جي بازيابي لاءِ احتجاج

پريا ڪماري، اجالا سولنگي سميت سنڌ جون ڪيتريون نياڻيون ناهن ملي سگهيون:مظاهرين

جسقم سنڌ جي وسيلن جي مالڪي ڪرڻ چاهي ٿي، ڪنهن به سوديبازي نه ڪنداسين

ٽنڊوالهيار (د ر) ٽنڊوالهيار ۾ جيئي سنڌ قومي محاذ طرفان سنڌ جو هترادو پاڻي روڪڻ ۽ پريا ڪماري، اجالا سولنگي سميت گم ٿيل سنڌ جي نياڻين جي بازيابي لاءِ لطيف گيٽ کان ٽنڊوالهيار پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي رشيد ڏيٽو، ذوالفقار علي ڏيٽو، هريش ڪمار، غلام رسول رند ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

سنڌ جو زوري پاڻي روڪي سنڌ سڪائڻ بند ڪيو.
سنڌ جون نياڻيون معصوم پريا ڪماري، اجالا سولنگي ۽ ٻين کي بازياب ڪيو.
جسقم

ٽنڊو الهيار: جسقم پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

لاڙڪاڻي ۾ همدرد ڪانٽريڪٽر ايسوسيئيشن جو پراونشل هاءِ وي جي ايڪسيئن خلاف احتجاج

لاڙڪاڻو(رپورٽ عبدالوحيد ابڙو) لاڙڪاڻي ۾ همدرد ڪانٽريڪٽر ايسوسيئيشن طرفان پراونشل هاءِ وي جي ايڪسي اين جي مبينا ناجائزين خلاف سندس آفيس اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو جي احتجاج ڪندڙن هٿن ۾ پليڪ ڪارڊ کڻي سخت نعريبازي پڻ ڪئي ان موقعي تي ٺيڪيدار اڳواڻن ظهير عباس شاهاڻي، نورالله ابڙو افسر علي عباسي نياز علي

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

بدين: نوجوان جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

بدين ۾ علي اڪبر پوٽ کي ڪنهي گم ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

سياسي سماجي اڳواڻن ۽ پوٽ برادري جي طرفان عام هڙتال ڪري نعريبازي ڪئي وئي

اڪبر پوٽ کي نوشهرو فيروز پوليس ڪوسڪي پوليس سان گڏجي ڪنهي گم ڪيو آهي: سڪند

بدين (د ر) ڪوسڪي جي سماج سڌارڪ علي اڪبر پوٽ کي ڪوسڪي ۽ مختلف ٿاڻن جي پوليس طرفان ڪنهي گم ڪرڻ جي خلاف ڪوسڪي ۾ سياسي سماجي اڳواڻن ۽ پوٽ برادري جي طرفان عام هڙتال ڪري احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو هن موقعي تي اڳواڻن پي ٽي آئي اڳواڻ عزيز ڏيرو شادي لارج پريس ڪلب جي صدر غلام رسول بروهي مهر علي جمالي وهاب پرڳڙي

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

هالا ۾ ماڇي برادري جو بااثر وڏيري جي مبينا زيادتين خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

هالا (ت ر) هالا پراڻا جي ڳوٺ ملان سانوڻي جي رهواسي ماڇي برادري جي انور ماڇي ميدم ماڇي ۽ حسينا ماڇي پاران هالا پراڻا جي بااثر وڏيري عبدالڪريم ماڇي جي مبينا زيادتين خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهرين بااثر وڏيري عبدالڪريم ماڇي جي زيادتين خلاف هالا پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي چيو آهي ته اسين

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ ڪم جي جڳهه تي عورتن جي هراساني کان تحفظ بابت آگاهي سيشن

ريڊ ڪريسنٽ اسپتال ۾ عملي کي قانوني تحفظ ۽ شڪايت جي طريقيڪار بابت آگاهي ڏني وئي

رٽائرڊ سيشن جج محمد اقبال آرائين قانون جي اهم شقن انڪوائري ڪميٽين ۽ سزائن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني

سکر(بيورو رپورٽ) ريڊ ڪريسنٽ (هلال احمر) اسپتال سکر ۾ پرووئنشل اومبڊسمين سيڪريٽريٽ فار پروٽيڪشن اگينسٽ هراسمينٽ آف وومين ايٽ دي ورڪ پليس (PHWWP)، ريجنل آفيس سکر پاران "ڪم جي جڳهه تي عورتن جي هراساني کان تحفظ جو قانون 2010" بابت 12هون آگاهي سيشن منعقد ڪيو ويو سيشن جو مقصد صحت جي شعبي سان لاڳاپيل عملي

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

ڳوٺ بيگو خان ميرحت واسين جو پلاٽ تي قبضي خلاف احتجاج

جوابدار بااثر آهن، پوليس جوابدارن کي گرفتار نٿي ڪري، انصاف ڪيو وڃي: عباس ڪانهيو

ڄامشورو: (د ر) ڳوٺ بيگو خان ميرحت جي رهواسين عباس ڪانهيو ۽ سندس گهر جي ڀاتين ڄامشورو ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪندي چيو آهي ته اسان جي سئوٽن سهراب ڪانهيو، ڊوليس آصف، رجب،زمان ،وزير،نظير،نصير منير شهمير ياسين نثار ڪانهيو ۽ ٻين اسان جي پلاٽ تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن اسان کي اڏاوت ڪرڻ نٿا ڏين هو هر

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي سائيٽ غيرقانوني ترسيل افغانين کي نيڪالي ڏيڻ لاءِ انتظاميا ڪا به ڪاروائي نه ڪئي

وفاقي گهرو وزير جي حڪمن باوجود افغانين کي نيڪالي نه ڏيڻ تي پوليس ۽ انتظاميا تي سستي جا الزام

وڪيلن، جسقم ۽ ايس ٽي پي اڳواڻن پاران منشيات، جعلي دستاويزن ۽ سهولتڪارن خلاف سخت ڪارروائي جي گهر

سماجي ۽ سياسي حلقن طرفان ايس ايس پي ڄامشورو کان نوٽيس وٺڻ ۽ ڪوٽڙي سائيٽ ۾ فوري آپريشن شروع ڪرڻ جو مطالبو

ڪوٽڙي سائيٽ (رپورٽ نعيم اختر سومرو) افغانين لاءِ محفوظ پناهه گاهه بڻيل ڪوٽڙي سائيٽ وفاقي گهرو وزير جي حڪمن باوجود انتظاميا افغانين کي

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

ملتان: هڪ شخص پنهنجي ڪار تي مختلف سامان وڪرو ڪري لاءِ رکي ويٺل آهي

ڪڪڙ ۾ بدامني چوٽ چڙهيل، چوري ۽ ڦرجون 3 وارداتون

ڪڪڙ (ن ع) ڪڪڙ ٿاڻي جي حد ۾ بدامني جي ٻاهه ٻريل چوري ۽ ڦرجون 3 وارداتون ٿي ويون پوليس رپورٽون درج ڪرڻ

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو5

ڪوئيٽا: هڪ شخص سائيڪل جي ڇانوَ ۾ ويٺل نظر اچي رهيو آهي

مسو ڀرڳڙي ۾ چورن جي اٽي چڪي جا تالا ٽوڙي سامان ڀاري ويا

نامعلوم چور 5 ڪنا ڪڻڪ، پاڻي وارو موٽر سميت ٻيو سامان کڻي فرار

چوري ٿيل ڪڻڪ گراهڪن جي هئي، روزگار جو واحد ذريعو به متاثر ٿيو آهي: شاهنواز

مسو ڀرڳڙي (ن ع) هٽڙي ٿاڻي جي حد ۾ نامعلوم چورن پورهيت جي اٽي واري چڪي جا تالا ٽوڙي 5 ڪنا ڪڻڪ، پاڻي وارو موٽر تور واري ڪانٽي جون ڏڪيون ۽ ٻيو سامان چوري ڪري فرار ٿي ويا. متاثر پورهيت شاهنواز نوناري احتجاج ڪندي چيو آهي ته چوري ٿيل ڪڻڪ گراهڪن جي پيسائي لاءِ رکيل هئي جڏهن ته سندس روزگار جو واحد ذريعو به متاثر ٿيو آهي هن ايس ايس پي ۽ ڊي آءِ جي حيدرآباد کان مطالبو ڪيو آهي ته چوري ٿيل سامان

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

ڪنڌڪوٽ لڳ اوڳاهي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، 8 ڄڻا زخمي

ڳوٺ صوبو خان اوڳاهي ۾ زمين معاملي تان ٻنهي ڌرين ۾ پراڻو تڪرار ٻيهر ڀڙڪيو

جهيڙي ۾ لٺين ۽ مڪن جي وسڪاري سبب عورت سميت 8 ڄڻا زخمي، اسپتال منتقل

ڪنڌڪوٽ (د ر) ڪنڌڪوٽ لڳ بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ڳوٺ صوبو خان اوڳاهي ۾ زمين جي معاملي تان اوڳاهي برادري جي ٻن ڌرين ۾ پراڻو تڪرار ٻيهر ڀڙڪي اٿيو هڪ ٻئي تي لٺين ۽ مڪن جو وسڪارو لائي ڏنو ٻن ڌرين جا هڪ عورت سميت 8 ڄڻا زخمي ٿي پيا اهڙو اطلاع پوليس کي ڏنو ويو پوليس واقعي واري هنڌ پهچي زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو زخمين ۾ اشفاق احمد اوڳاهي حبيب الله اوڳاهي ابوبڪر اوڳاهي ۽ ٻيا شامل آهن ٻن

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو5

ٽنڊوآدم لڳ موٽرسائيڪل ڦرجي ڪوشش، مزاحمت تي ٻه ڄڻا زخمي

ٽن هٿياربندن طحه انصاري ۽ سندس دوست کان موٽرسائيڪل ڦرجي ڪوشش ڪئي

مزاحمت ڪرڻ تي هٿياربندن هٿيارن جا بٽ هڻي ٻنهي کي زخمي ڪري ڇڏيو، اسپتال منتقل

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم جي علائقي الهيار ڳوٺ ۾ ٽن نامعلوم هٿياربند ڦورن طحه انصاري کان هٿيارن جي زور تي 125 موٽر سائيڪل ڦر ڪئي مزاحمت ڪرڻ تي هٿياربندن طحه انصاري ۽ سندس دوست ملڪ غلام رسول کي پستول جا بٽ هڻي زخمي ڪري فرار ٿي ويا زخمين کي علاج لاءِ تعلقه اسپتال ٽنڊوآدم آندو ويو بي سيڪشن پوليس واقعي جي اين سي داخل ڪري وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي

ٽنڊوباگو: پاڻي جي ڪوٽ خلاف آبادگار احتجاج ڪندي

سنڌ ۾ پاڻي جي هترادو ڪوٽ پيدا ڪري زراعت کي تباهه ڪيو پيو وڃي:رفيق ٻانهڻ

زراعت معيشت ۾ ريڙهه جي هڏي جي حيثيت رکي ٿي، ۽ سنڌ واسين جو گذرسفر زراعت تي آهي

موجوده حڪمرانن عوام کي رليف ڏيڻ بدران مهانگائي جي ذبح ۾ ڦاسائي ڇڏيو آهي

گڏيجي (ن ع) سنڌ ۾ پاڻي جي هترادو ڪوٽ پيدا ڪري زراعت کي تباهه ڪيو پيو وڃي اهڙن خيالن جو اظهار اڳوڻي صوبائي وزير ۽ جي ڊي اي اڳواڻ ڊاڪٽر محمد رفيق ٻانهڻ ڳوٺ نهال خان سولنگي پهچي علي گوهر سولنگي جي لاڏاڻي تي وارثن ايڊووڪيٽ نعيم عباس سولنگي سان تعزيت ڪرڻ بعد ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته زراعت معيشت ۾ ريڙهه جي هڏي جي حيثيت رکي ٿي ۽ سنڌ واسين جو اڪثر گذرسفر زراعت تي آهي واهن ۽ شاخن جي

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

شڪارپور عدالت قتل ڪيس ۾ ٻن جوابدارن کي 20،20 سال قيد ۽ ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي

ماڊل ڪرمنل ٽرائل ڪورٽ قتل جي ڏوهه ۾ الله ڏنو سنجراڻي ۽ سراج سنجراڻي کي سزا ٻڌائي

عدالت هٿيار رکڻ جي الزام ۾ وڌيڪ 4 سال قيد پڻ لاڳو ڪري ڇڏيو، ٽي جوابدار باعزت بري

شڪارپور (د ر) قتل ڪيس ۾ ٻن جوابدارن کي 20،20 سال قيد، ٽن کي باعزت بري. شڪارپور جي ماڊل ڪرمنل ٽرائل ڪورٽ جي جج شفقت الله انڙ قتل جي هڪ اهم ڪيس جو فيصلو ٻڌائيندي ٻن جوابدارن کي 20،20 سال قيد ۽ 20،20 لک رپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي عدالت الله ڏنو سنجراڻي ۽ سراج سنجراڻي کي صدام حسين ولد محمد يعقوب سنجراڻي جي قتل جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي سزا ٻڌائي عدالت ٻنهي جوابدارن کي قتل ۾ استعمال ٿيل

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

منگهوپير: ميونسپل چيئرمين حاجي نواز علي بروهي بجٽ اجلاس جي صدارت ڪندي

ڊيڍ مهينو اڳ اغوا ٿيل نوجوان ٽنڊومستي پوليس بازياب ڪرائي ورتو

بابو شاهه محمد ڪالوني مان طاهر علي ڦلپوٽو کي جوابدار اغوا ڪري کڻي ويا

پوليس نوجوان طاهر علي ڦلپوٽو کي بازياب ڪرائي ڪورٽ ۾ پيش ڪيو

خيرپور(د ر) خيرپور ڊيڍ مهينو اڳ بابو شاهه محمد ڪالوني مان اغوا ٿي ويل نوجوان کي ٽنڊومستي پوليس بازياب ڪرائي ڪورٽ ۾ پيش ڪيو خيرپور جي اي سيڪشن ٿاڻي جي حد بابو شاهه محمد ڪالوني مان ڊيڍ مهينو اڳ طاهر علي ڦلپوٽو کي جوابدار اغوا ڪري کڻي ويا هئا جنهن کي رات دير سان ٻئي ڪنهن هنڌ منتقل ڪري رهيا هئا ته اوچتو ٽنڊومستي

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو5

سکر ۾ نامعلوم چور گهر جا تالا ٽوڙي لکين رپيا روڪ ۽ سون کڻي فرار

نامعلوم چور گهر خالي هجڻ جو فائدو وٺي قيمتي سامان ۽ نقدي کڻي ويا

پوليس موجب واقعي جي مختلف رخن کان جاچ جاري، ثبوت گڏ ڪيا پيا وڃن

سکر (بيورو رپورٽ) چوري ان وقت ٿي جڏهن گهر جا رهواسي موجود نه هئا. گهر جو تالا ٽوڙي اندر داخل ٿيڻ کان پوءِ نامعلوم جوابدار قيمتي سامان جي ڳولا ڪئي ۽ لکين رپين جي نقدي ۽ سون جا زيور کڻي فرار ٿي ويا. واقعي جي اطلاع ملندي ئي خاندان ۽ مقامي ماڻهو موقعي تي پهچي ويا، جڏهن ته لاڳاپيل پوليس کي به اطلاع ڏنو ويو اطلاع ملڻ تي پوليس

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو5

ايس ايس پي شهيد بينظيرآباد جو ٿيليسيميا ڪيئر سينٽر نوابشاهه جو دورو

ڊاڪٽر ثمير نور چنا سينٽر جي مختلف شعبن جو معائنو پڻ ڪيو

ايس ايس پي مختلف وارڊن ۾ وڃي ٿيليسيميا جي ٻارڙن سان ملاقات ڪري تحفا پيش ڪيا

سڪرنڊ (س ر) ايس ايس پي شهيد بينظيرآباد ڊاڪٽر ثمير نور چنا ٿيليسيميا ڪيئر سينٽر نوابشاهه جو دورو ڪيو جتي هن سينٽر جي مختلف شعبن جو معائنو ڪيو جنهن ۾ ميل فيميل وارڊ، بلڊ بينڪ ليبارٽري، فري فارما ۽ ٻيا شعبا شامل هئا جتي ٿيليسيميا پيشنٽس ويلفيئر سوسائٽي جي جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر محمد صادق سيال ۽ جوائنٽ سيڪريٽري غلام نبي چنڊ

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو5

مانجهند جسقم ڪارڪن گلشير ڪوسو آزاد ٿي گهر پهتو

ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي ۽ پنهل ساريو جي گلشير ڪوسو سان ملاقات، آزاد ٿيڻ تي مبارڪباد

پرامن جدوجهد جاري رکڻ جو اعلان، پوليس ۽ انتظاميه خلاف عدالت جي حڪمن تي عمل نه ٿيڻ تي تنقيد

مانجهند (ن ع) مانجهند جو جسقم شهيد بشير خان قريشي ڪارڪن گلشير ڪوسو سينٽرل جيل حيدرآباد مان آزاد ٿي گهر پهچڻ تي جسقم چيئرمين ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي جنرل سيڪريٽري پنهل ساريو مانجهند پهچي کيس مبارڪون ڏنيون ساڻس ٿيل ظلمن جا حال احوال معلوم ڪيا ان موقعي تي ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ت ڪافي وقت کان وٺي

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو5

هڪ ڪاريگر انڊر پاس جي ڀت تي پينٽنگ ڪري رهيو آهي

گورنمينٽ آفيسرز ايسوسيئيشن جي سڏ تي ضلعي مٽياري جي هيڊماسترن جو ڪنوينشن

مختلف تعليمي ادارن سان تعلق رکندڙ هيڊماسترن، استادن ۽ گوواز اڳواڻن جي شرڪت

اسڪولن جي انتظامي ڍانچي کي مضبوط ڪيو وڃي ايليمينٽري اسڪولن مان ختم ڪيل پوسٽون بحال ڪيون وڃن:اڳواڻ

هالا (ت ر) هالا ۾ گورنمينٽ آفيسرز ايسوسيئيشن (گوواز) جي سڏ تي ضلعي مٽياري جي هيڊماسترن جو ڪنوينشن مخدوم غلام حيدر گورنمينٽ هاءِ اسڪول هالا ۾ منعقد ٿيو جنهن ۾ ضلعي جي مختلف تعليمي ادارن سان تعلق رکندڙ هيڊماسترن، استادن ۽ گوواز جي اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ڪنوينشن ۾ مختيار علي ڀڳهيو اشرف علي شاهه سرور

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

سکر: ڊي سي جو پوليو پوسٽ ڪيمپين ۽ EPIٽاسڪ فورس اجلاس منعقد

ڊي سي ويڪسينيشن مهم جي ڪارڪردگي اطمينان بخش نه هجڻ تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو

ڪرنا چين سسٽم تي سختي سان عمل ڪرڻ ۽ زميني حقيقتن تي ٻڌل صحيح رپورٽنگ کي يقيني بڻائڻ جون هدايتون

سکر(بيورو رپورٽ) ڊپٽي ڪمشنر سکر نادر شهزاد خان جي صدارت هيٺ ڊپٽي ڪمشنر آفيس سکر جي ڪانفرنس هال ۾ مئي 2026ع جي پوليو پوسٽ ڪيمپين جو جائزو وٺڻ ۽ توسيعي حفاظتي ٽيڪاڪاري پروگرام (EPI)ٽاسڪ فورس جو اجلاس منعقد ٿيو اجلاس ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

وفاقي حڪومت بجيٽ ۾ سنڌ جي ماليائتي ايوارڊ بابت پ پ جي اٿاريل اعتراضن تي غور ڪري رهي آهي:نويد قمر

وفاقي بجيٽ ۾ عوام کي ڪو خاص رليف نه ملي سگهيو آهي، پ پ عوامي مفادن کي نظر ۾ رکندي وفاق کي ڏنل تجويزن تي عمل ٿيڻ ضروري آهي

خطي ۾ ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ پيدا ٿيل ڇڪتاڻ ۾ گهٽتائي آئي آهي، پاڪستان متوازن پرڏيهي پاليسي اختيار ڪندي امن جي حمايت ڪئي آهي

پ پ قومي معاملن تي پاڪ فوج سان گڏ آهي ۽ رهندي، سنڌ حڪومت جي پيش ڪيل بجيٽ ۾ ٻين صوبن لاءِ ڪو به فنڊ مختص ناهي ڪيو ويو

ٽنڊو محمد خان(د ر) اڳوڻي وفاقي وزير پ پ ايم اين اي سيد نويد قمر ضلعي سيڪريٽريٽ ۾ ڪيل امن امان جي صورتحال کي بهتر بڻائڻ ۽ جاري ترقياتي اسڪيمن بابت ڪيل اجلاس بعد ميڊيا

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

راڻي پور: انڪروچمينٽ انتظاميه حدخلين خلاف ڪاروائي ڪندي

واهي پانڌي: هٿياربندن جي حملي ۾ زخمي ٿيل نوجوان حيدرآباد اسپتال ۾ فوت

واهي پانڌي(ن ع)ڪجهه ڏينهن اڳ ڪاڇي جي شهر هيروخان لڳ ولواٽي سوري وٽ هٿياربندن پاران ڳوٺ مريد ڏيرو جو رهواسي لعل بخش مستوئي کان ڦر ڪرڻ دوران مزاحمت ڪرڻ تي هٿياربندن مٿس تشدد ڪري زخمي ڪري فرار ٿي ويا جڏهن ته زخمي کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ حيدرآباد جي سول اسپتال داخل ڪيو ويو

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

بدين: عوامي تحريڪ پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

راڻيپور ۾ قومي شاهراهه تان انڪروچمينٽ خلاف ڪارروائي، ريڙها ۽ ڇپرا هٽايا ويا

اي سي سوڀوديرو، ٽائون آفيسر ۽ پوليس گڏيل آپريشن ۾ دڪانن آڏو غيرقانوني اڏاوتون ختم

سنڌ هاءِ ڪورٽ جي حڪم تي ڪارروائي، مسافرن جي سهولت لاءِ روڊ خالي ڪرايو ويو: اي سي

راڻيپور(ن ع) راڻيپور ۾ قومي شاهراهه تي انڪروچمينٽ خلاف ڪاروائي اسسٽنٽ ڪمشنر سوڀوديرو شاهه محمد چانگ ٽائون آفيسر جهانزيب مگسيءَ مختيارڪار وقار شيخ جي پوليس فورس سوڌو پوليس ٽائون عملي سان گڏجي ڪاروائي دڪانن آڏو ڇپرا پٽ ڪري ڇڏيا قومي شاهراهه تي بيٺل ريڙها هٽائي ڇڏيا شاهي بازار مان ايڪروچمينٽ پڻ ختم ڪئي وئي ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر سوڀوديرو شاهه محمد چانگ ٽائون آفيسر جهانزيب

بقايا نمبر30 ڏسو صفحو 5

خيرپور پرسان پراسرار بيماري ۾ مبتلا 10 ورهين جي نياڻي فوت، گهر ۾ سوڳ

3ڪلاس جي شاگرديائي ڪائنات ميٺلو پراسرار بيماري ۾ مبتلا رهڻ سبب فوت ٿي وئي

صوبائي حڪومت ۽ ضلعي انتظاميا کي ڪائي ڀيرا اپيلون ڪيون ويون پر ڪنهن مدد نه ڪئي: نظير

خيرپور(د ر) احمدپور پرسان ڳوٺ پليءَ ڏنو ميٺلو ۾ 10 ورهين جي معصوم نياڻي 3 ڪلاس جي شاگرديائي ڪائنات ڌيءَ نظير ميٺلو پراسرار بيماري ۾ مبتلا رهڻ سبب فوت ٿي وئي آهي صحت کاتي خيرپور توڙي ضلعي انتظاميا نياڻي جو بهتر علاج ڪرائڻ لاءِ ڪا به واهر توڙي مدد نه ڪئي. نياڻي جو پراسرار بيماري سبب جسم مختلف هنڌن تان ڳري ڦاٽي پيو هو سندس مسڪين پورهيت پيءُ پاران نياڻي جو سرڪاري خرچ تي علاج ڪرائڻ لاءِ صوبائي

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

بدين ۾ شهري جي مختيارڪار آفيس سامهون بيٺل موٽرسائيڪل چوري

بدين (د ر) بدين جي سينيئر صحافي عبدالمجيد ملاح جي پٽ عبدالستار ملاح جي سي ڊي موٽرسائيڪل مختيارڪار آفيس بدين جي سامهون نامعلوم چور

بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوباگو ۾ عوامي تحريڪ جو سنڌ ۾ پاڻي ڪوٽ، مهانگائي، منشيات ۽ 28هين ترميم خلاف ڌرڻو

مظاهرين ٽنڊو باگو طرفان ٽنڊو باگو ۾ الله والا چوڪ کان ريلي ڪڍي بدر چوڪ تي ڌرڻو هنيو ويو، نعريبازي

اڳواڻن سنڌ ۾ ڏڪار جهڙي صورتحال آهي، منشيات جي واڌ ۽ هترادو مهانگائي تي سخت ڳڻتي ظاهر ڪئي

روڊن جي مرمت، آئي ٽي ڊگري ڪاليج جي بحالي، اسپتال ۽ اسڪولن کي فعال بڻائڻ گئس ۽ بجلي جي لوڊشيڊنگ ختم ڪرڻ جو مطالبو

بدين/ٽنڊو باگو (نمائندن وٽان) سنڌ ۾ پاڻي جي هترادو ڪوٽ، اسڪائي 28 هين ترميم ذريعي سنڌ جي ورهاڱي جي سازش نياڻين جي قتل عام، مهانگائي ۽ منشيات خلاف عوامي تحريڪ جي مرڪزي سڏ تي

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

بلڙي شاهه ڪريم اڪرم مگسي سان ڀاءُ جي وفات تي نويد قمر جي تعزيت

بلڙي شاهه ڪريم(ت ر) بلڙي شاهه ڪريم ۾ چار ڏينهن اڳ بي رحمائي سان قتل ڪيل پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ غلام نبي مگسي ۽ سندس گهرواري جي قتل واري واقعي تي ڏک جو اظهار ڪرڻ لاءِ ايم اين اي سيد نويد قمر زمان شاهه مقتول جي ٽڏي تي پهتو سيد نويد قمر

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو5

چڪ ۽ پرپاسي ۾ بدامني تي ضابطو نه آيو، ڦر ۽ چوري جون وارداتون وڌي ويون

ليپرڊ ڪوريئر جي ملازم کان ڦر، موٽرسائيڪلون، ٻڪريون ۽ پاڻي وارو موٽر به چوري

پوليس اهلڪار به ڦر جو شڪار،شهرين جو ايس ايس پي شڪارپور کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

چڪ(رپورٽ غلام رسول جتوئي) چڪ ۽ پسگردائيءَ ۾ ڏوهي وارداتن ۾ گهٽتائي نه آئي چڪ سکر روڊ ڏوهارين جي رحم ڪرم تي ڇڏيل پوليس بيوس يا مجبور بڻيل عوام اذيت ۾ مبتلا چڪ ٿاڻي جي حد ۾ امن امان ۾ سڌارو نه آيو ڏوهي وارداتون روز جو معمول بڻيل ڏوهه گهٽجڻ بدران وڌڻ لڳا. گذريل ڏينهن شڪارپور واسي عبدالسميع شيخ جيڪو ليپرڊ ڪوريئر ڪمپني ملازم ۽ چڪ ۾ پارسل پهچائڻ جون ڊميوريون نڀائيندڙ چڪ سکر روڊ سم

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

بلڙي شاهه ڪريم: اڪرم مگسي سان ڀاءُ جي وفات تي نويد قمر تعزيت ڪندي

ڏکڙي ۾ الشفا ميڊيڪيئر انتظاميا جو حملي آوور جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف احتجاج

ڏکڙي (ن ع) الشفاء ميڊيڪيئر جي بي ماڙ تي 8 کان 9 نامعلوم نقاب پوش نوجوان داخل ٿيا ڊيوٽي تي موجود ملازم عبدالماجد جروار تي سخت تشدد ڪيو ۽ نقد رقم ڦر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي واقعي ڪانپوءِ جوابدار فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا متاثر ڌر پاران ڏکڙي ٿاڻي تي

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو5

مسو ڀرڳڙي لڳ ريل ٽڪر ۾ معذور ٿيندڙ ملازم جي ريلوي انتظاميا سار نه لڌي

ڪجهه ڏينهن اڳ ڪم ڪرڻ دوران ريل جي ٽڪر سبب عطا محمد ٽنگ کان معذور ٿي ويو

معذوري سبب سڄو گهر غربت ۾ مبتلا آهي، ريلوي جو وزير ۽ سرڪار مالي سهائتا ڪن:عطا محمد

مسو ڀرڳڙي (ن ع) مسو ڀرڳڙي پرسان ڳوٺ صالح دل ۾ زندگيءَ جا 19 سال پاڪستان ريلوي جو خدمتون سرانجام ڏيندڙ نوجوان ريلوي ٽريڪ تي پٽڙي جي مرمت ڪندڙ، 4 ٻارن جي پيءُ نوجوان پورهيت عطا محمد دل ولد حاجي ڪمال دل کي ڪجهه ڏينهن اڳ ڏيٺا اسٽيشن پرسان تيز رفتار ريل گاڏي جو ٽڪر لڳڻ سبب سندس هڪ ٽنگ ضايع ٿيڻ سبب معذور ٿي ويو هو جيڪو هن وقت معذوري سبب بيماري جي بستري تي پيل آهي. ريلوي ملازم معذور

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو5

ٽنڊوآدم ۾ ٻن ڄڻن پاران ڌار ڌار آپگهات ڪرڻ جي ڪوشش، اسپتال داخل

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم ۾ نوجوان شاهزيب ولد گلبهار ۽ منصور ولد گلو گهرو مسئلا سبب زهريلي جيئت مار دوا پي آپگهات ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جن کي

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو5

سکر: گهريلو تڪرار خوني جهيڙي ۾ تبديل، ڀاءُ هٿان ڀاءُ قتل، جوابدار گرفتار

ٽئون پنڌ پوليس اسٽيشن جي حد ۾ ٻن ڀائرن ۾ تلخ ڪلامي کان پوءِ جهيڙو شدت اختيار ڪري ويو

واجد علي بروهي مبينا تشدد سبب فوت، لاش سول اسپتال منتقل، پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي

جوابدار ساجد کي گرفتار ڪيو آهي، واقعي بابت مختلف رخن کان جاچ ڪري رهيا آهيون: پوليس

سکر (بيورو رپورٽ) نيو پنڌ پوليس اسٽيشن جي حد ۾ گهريلو تڪرار خوني جهيڙي ۾ تبديل ٿي ويو جنهن ۾ هڪ شخص پنهنجي ڀاءُ جي مبينا تشدد جي نتيجي ۾ پنهنجي جان وڃائي ويٺو جڏهن ته پوليس

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو5

سکر: جهيڙي ۾ زخمي ٿيل کي طبي امداد ڏني پئي وڃي

راڻي پور ۾ بدامني چوٽ چڙهيل، پورهيت کان موٽرسائيڪل ڦر

راڻي پور(رپورٽر) راڻي پور شهر ۾ چورين ڦرون ڌاڙا روز جو معمول بڻيل پوليس خاموش تماشائي بڻيل آهي گذريل رات راڻي پور پرسان اسٽيشن روڊ سان پورهيت ارشاد علي شيخ کان نامعلوم هٿياربندن هٿيارن جي زور تي نئين سي ڊي موٽر سائيڪل موبائل فون روڪ رقم ۽ ٻيو قيمتي سامان ڦر ڪري وڏي آسانيءَ سان

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو5

دادو ۾ نوجوان کان موٽرسائيڪل ڦرجي ڪوشش، مزاحمت تي گولي هڻي زخمي

ايڪسائيز آفيس وٽ هٿياربندن هٿيارن جي زور تي خورشيد ڀبر کان ڦرجي ڪوشش ڪئي

مزاحمت ڪرڻ تي جوابدارن ٽنگ ۾ گولي هڻي موٽرسائيڪل ڪاهي ويا فرار، زخمي اسپتال منتقل

دادو)د-ر(دادو شهر جي فجر مهل ايڪسائيز آفيس وٽ نامعلوم نقابپوش موٽرسائيڪل سوار هٿياربند هٿيارن جي زور تي خورشيد پٽ الله وسايو ڀبر کان هٿيارن جي زور تي موٽرسائيڪل ڦر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ نوجوان جي مزاحمت تي هٿياربندن نوجوان کي ٽنگ ۾ گوليون هڻي موٽر سائيڪل ڦر ڪري فرار ٿي ويا ، زخمي نوجوان کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ نيو ڊي ايڇ ڪيو اسپتال دادو جي ايمرجنسي شعبي ۾ آندو ويو منتقل ڪيو ويو جتي

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

دادو: ڦرجي مزاحمت تي زخمي نوجوان ڏانهي رهيو آهي

سکر: پاڪستان نيوي بيچ بي-2026 (ايس) تحت مختلف شعبن ۾ سيلرز طور ڀرتين جو اعلان

سکر (بيورو رپورٽ) پاڪستان نيوي بيچ بي-2026 (ايس) تحت مختلف شعبن ۾ سيلرز طور ڀرتين جو اعلان ڪيو آهي پاڪستان نيوي ريڪروٽمينٽ سينٽر سکر پاران جاري ڪيل اعلان موجب، ڀرتيون ٽيڪنيڪل، ميرين، نيول پوليس، ميوزڪ، ايم ٽي ڊي، شيف/اسٽيورڊ ۽ ٻين شعبن

بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5

بدانتظامي ڪرپشن ۽ نااهلي سبب تعليمي ادارا تباهي جو شڪار آهن: لال مالهي

سنڌ ۾ تعليم کاتي جي ناڪامي، خالي پوسٽن بند اسڪولن ۽ نگراني نظام جي نااهلي تي سنگين خدشا آهن

هاءِ ڪورٽ جج جي سربراهي ۾ عدالتي جاچ، ذميوارن خلاف ڪارروائي ۽ متاثر خاندانن لاءِ معاوضي جو مطالبو

عمرڪوٽ(د ر) اڳوڻي ايم اين اي لال مالهي چيو ته ٽن معصوم ٽينگرين جي اسڪول جي زبون حال ديوار ڪرڻ سبب المناڪ شهادت پاڪستان پيپلز پارٽي جي بدترين حڪمراني بدعنواني مجرمانه غفلت، نااهلي اقربا پروري، ناقص رٿابندي ۽ عوام دشمن پاليسين جو هولناڪ ۽ شرمناڪ ثبوت آهي هي ڪو اتفاقي حادثو نه پر سنڌ ۾ گذريل ارڙهن سالن کان جاري

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

روهڙي لوڪو شيڊ ۾ پاڪستان ريلوي پريم يونين پاران اسحاق احمد ٻالو جي اعزاز ۾ الوداعي تقريب

سکر (بيورو رپورٽ) پاڪستان ريلوي پريم يونين (سي بي اي) سکر ڊويزن زون لوڪو شيڊ روهڙي پاران روهڙي لوڪو شيڊ زونل جي صدر اسحاق احمد ٻالو جي اعزاز ۾ الوداعي پارٽي جو پروگرام منعقد ڪيو ويو سکر ڊويزنل مڪينيڪل انجنيئر سيف الله جمالي، سکر ڊويزنل انجنيئر 3 شاهنواز

بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو: ڊي ايڇ او جا صحت مرڪزن جا دورا، سهولتن جي بهتري تي زور

گورنمينٽ اسپتال ٽئون ڏيرو سميت آر ايڇ سي ڳڙهي خدابخش ۽ بي ايڇ يو نئون پور جو معائنو

اينٽي ريبيز ويڪسين، ايمرجنسي، ليبارٽري ۽ او پي ڊيز سميت مختلف شعبن جي ڪارڪردگي جو جائزو ورتو

لاڙڪاڻو(رپورٽ عبدالوحيد ابڙو) لاڙڪاڻي جي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊي ايڇ او ڊاڪٽر شوڪت علي ابڙو پاران گذريل ڏينهن ضلعي جي مختلف صحت مرڪزن ۾ مانيٽرنگ ۽ سپروائيزري دورا ڪيا ويا، جن جو مقصد صحت جي سهولتن جي معيار کي بهتر کان بهتر بڻائڻ ۽ دوائن جي دستيابي کي يقيني بڻائڻ ۽ مريضن کي بهتر علاج جون سهولتون

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

بيريسٽر جام ذيشان علي خان جي گهرواري جي وفات تي تعزيتي سلسلو جاري

جام هائوس پهچي غلام مصطفيٰ شاهه، شرجيل ميمڻ، مڪيش چاولا ۽ ٻين ڏک جو اظهار ڪيو

جام نواز علي(ن ع) بيريسٽر جام ذيشان علي خان گهرواري جي وفات تي پ پ ايم پي اي جام شبير علي خان سان قومي اسيمبلي جو ڊپٽي اسپيڪر غلام مصطفيٰ شاهه سينيئرصوبائي وزير شرجيل ميمڻ صوبائي وزير مڪيش چاولا وزير اعليٰ جو صلاحڪار قاسم نويد ايم پي اي امداد پتافي جام هائوس پهچي نواب جام حيدر علي خان پاڪستان پيپلز پارٽي جي

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

سيتارجا ۾ ڏيپارجا واسي ساهڻ جي مبينا ناانصافين خلاف احتجاج

سيتارجا(ن ع) ڏيپارجا واسي پورهيت مريد حسين ٻڙدي پاران پريس ڪلب پهچي ساهڻ جي مبينا ناانصافين خلاف احتجاج ، مريد حسين ٻڙدي الزام لڳايو ته 2024ع ۾ منهنجي شادي ٿي ۽ ڇهن مهينن بعد ئي منهنجي سُهري علي محمد ٻڙدي منهنجي گهر اچي منهنجي زال کي پاڻ

بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو5

ڪراچي: سينيئر عمرفاروق ۽ ٻيا اجلاس ۾ شريڪ آهن

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.